# مهراڻ

نمبر ٣، ١٩٨٥ع



# ٻه اهم اطلاع

## ● خريدارن لاءِ سهوليت

سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن ۽ رسالن جي حاصلات لاءِ خريدارن کي بورڊ جي بوڪ اسٽال تي پهچڻ لاءِ ڄامشوري جو سفر ڪرڻو پوندو آهي، جنهن ۾ کين ڪني ڏکيائي پيش ٿي اچي. جيئن ته بورڊ جو سڄو بوڪ اسٽال (وڪري وارو شعبو) ڄامشوري مان آڻي حيدرآباد ۾ رکڻ بورڊ لاءِ ممڪن ڪونهي، ان ڪري خريدارن جي سهوليت لاءِ بورڊ اهو انتظام ڪيو آهي ته بورڊ جا ڪتاب ۽ رسالا کين حيدرآباد ۾ ئي ميسر ٿي سگهن.

تلڪ چاڙهيءَ تي بورڊ جي پريس سان گڏ بوڪ اسٽال قائم ڪيو پيو وڃي، جتي بورڊ جي ڪتابن ۽ رسالن جي وڪري جو بندوبست هوندو. خريداريءَ جي سهوليت جو اهو انتظام انشاالله ستت راس ٿي ويندو.

(واضح رهي ته دستور موجب ڄامشوري واري مرڪزي بوڪ اسٽال تي پڻ وڪري جو ساڳيو سلسلو جاري رهندو، ان ڪري بوڪ اسٽال جي مئنيجر سان خط وڪتابت ڄامشوري واري ائڊريس تي جاري رکي سگهجي ٿي.)

## ● مهراڻ آفيس جي حيدرآباد منتقلي

ساڳيءَ طرح مهربان اديبن ۽ شاعرن کي پنهنجي مواد پهچائڻ ۽ ايڊيٽر سان ملاقات ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڄامشوري تائين رسڻ ۾ ڏکيائي پيش ٿي آئي، ان کي پڻ دور ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. هونءَ به مهراڻ آفيس جو سنئون سڌو تعلق لکندڙن کان پوءِ پريس سان آهي، جا تلڪ چاڙهيءَ تي آهي.

مهراڻ آفيس ڄامشوري مان آڻي، پريس ۾ قائم ڪئي وئي آهي.

مهربان اديبن، شاعرن ۽ ٻين متعلقين کي عرض آهي ته ايڊيٽر سان خط و ڪتابت ۽ مواد موڪلڻ لاءِ آئينده هيٺين نئين ائڊريس نوٽ ڪرڻ فرمائين.


ايڊيٽر مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

(فون نمبر: ٢٤٢٦٤)

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۴] [نمبر ۳

جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر

۱۹۸۵ع

•

نگران

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

•

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ

### تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

سرورق: ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڊئم "منڇر" (ضلعو دادو) جو هڪ وڻندڙ ڏيک.
ڪلر ٽرانسپرنسي بشڪريہ سنڌ ميوزيم، حيدرآباد

بئڪ: سنڌ جي ممتاز اديب ۽ شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو ڊاڪٽر شيخ
محمد ابراهيم خليل ڏي لکيل خط (بشڪريہ آپا شمس محسن عباسي)

ڪراچيءَ ۾ "مهراڻ" ملڻ جو هنڌ:
مڪتبہءِ اسحاقيہ
جهونا مارڪيٽ، ڪراچي.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، چامشورو.

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو

(جي-پي-او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ)

فون نمبر: 71176

ساليانو چندو: ٧٥-٠٠ رپيا — في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad Sind.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


● اڄ وري تاريخ جا دفتر کُليا
(جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو انٽرويو) — مراد علي مرزا

## ٻـرو هو ڍنيور، آرياڻيءَ آجاريو
### (نعتيه ڪلام)

۰۱ شمشيرالحيدري
۰۲ امداد حسيني ۹
۰۳ سيد منظور نقوي ۱۰
۰۴ انور هالائي ۱۱
۰۵ رحيم بخش قمر ۱۲
۰۶ ميرو خان موج لغاري ۱۳
۰۷ بلاول پرديسي ۱۴
۰۸ سوز هالائي ۱۵
۰۹ نفيس احمد ناشاد
۰۱۰ آغا سعيد ۱۶
۰۱۱ اياز گل
۰۱۲ انيس ميمڻ ۱۷
۰۱۳ ادل سومرو ۱۸
۰۱۴ مختيار ملڪ
۰۱۵ عابد مظهر ۲۰

## شاعريءَ جو ياڳو

۰۱ مخدوم محمد زمان طالب المولي ۲۳
۰۲ تنوير عباسي ۲۵
۰۳ نياز همايوني ۲۶
۰۴ امداد حسيني ۲۷
۰۵ عنايت بلوچ ۳۲
۰۶ بشير مورياڻي ۳۳
۰۷ ذوالفقار راشدي ۳۴
۰۸ حافظ محمد احسن چنا ۳۵
۰۹ سليم ڳاڙهوي ۳۶
۰۱۰ عبدالجبار جوڻيجو ۳۷
۰۱۱ استاد بخاري ۳۹
۰۱۲ عطا محمد حامي ۴۱
۰۱۳ انور هالائي ۴۲
۰۱۴ آغا سليم ۴۳
۰۱۵ يوسف شاهين ۴۵
۰۱۶ الياس عشقي ۴۶
۰۱۷ بردو سنڌي ۴۸
۰۱۸ شيخ عبدالحليم جوش ۴۹
۰۱۹ نواز علي شوق
۰۲۰ محمد علي جوهر ۵۰

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون
توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن
صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي
مطابق بيحرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

# اڄ وري تاريخ جا دفتر کُليا

(ريڊيو انٽرويو سيريز -1)

## جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو انٽرويو

-مراد علي مرزا

[سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب، ٻولي، موسيقي ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي موضوعن تي سنڌ جي برک محقق، تاريخدان، عالم ۽ دانشور، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو انٽرويو، جيڪو ١٥- جنوري ١٩٨٥ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ڪيو ويو.]

● سوال: سائين ڊاڪٽر صاحب، توهان تاريخ تي ڪم ڪيو آهي ۽ خاص طرح سنڌ جي عرب دور تي. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته سنڌ ۾ عرب دور کان اڳ جي تاريخ جي سلسلي ۾ اوهان ڪا تحقيق ڪئي آهي يا آئيندي ڪو اهڙو ارادو آهي؟

● جواب: مهرباني مرزا صاحب. ”تحقيق“ جو لفظ منهنجي لاءِ ڳرو آهي. آءٌ چوندس ته شاگردي ڪريون پيا، مطالعو ڪريون پيا. عرب-اسلامي دور کان اڳ جي تاريخ ۾ جيڪو خاص مسئلو آهي، اهو نه فقط سنڌ جي تاريخ جو، پر سڄي هند جي تاريخ جو به، سو آهي سنن-سالن مرتب ڪرڻ جو، ڇاڪاڻ ته لکت ۾ ڪا شيءِ موجود ڪانهي. جيڪا شاهدي ملي ٿي، يا جيڪي اهڃاڻ ملن ٿا، سي آثار قديمه مان ملن ٿا. اهو اهڙو مسئلو آهي جو جيئن وقت گذرندو تيئن اسان کي انهيءَ تي ڪجهه، وڌيڪ مواد ملندو، ڇاڪاڻ ته تحقيق ٿئي پئي ۽ ڪيترن ئي قديم آثارن جون کوٽايون ٿين پيون. البت اسلام جي دور سان لاڳيتي سنڌ جي جيڪا اڳين تاريخ آهي ان بابت البت مسلمان محققن لکيو آهي، ۽ اهو مواد ”فتح نامي“ يا ”چچ نامي“ ۾ موجود آهي. اهو مواد برهمڻ گهراڻي جي تاريخ ۽ ان کان اڳ ۾ راءِ گهراڻي جي تاريخ بابت آهي. پر ڳالهه اها آهي ته ان تي وڌيڪ ويچار ڪجي ۽ ان کي سنن وار مرتب ڪجي. انهيءَ تي مون ڪجهه ڪم ڪيو آهي ۽ ان موضوع تي هڪ تحقيقي مضمون ڇپجي چڪو آهي*، جنهن ۾ مون سن ۽ سال متعين ڪيا آهن. سوال آهي ته برهمڻ گهراڻي جا جيڪي حڪمران هئا، مثلاً: چچ ٿيو، پوءِ چندر ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح ويندي ڏاهر تائين، انهن جا سن ۽ سال

* مقالو: ”فتح نامو (چچ نامو) ۽ ان جو مترجم علي ڪوفي“. مهراڻ نمبر ٣، سال ١٩٧٨ع، ص ص ١٧٣-١٨١.

هٿ پڻ تنهنجو ٿوهه، هٿ پڻ تنهنجو تڪيو.

# لافاني ڪلام

آيو است ڪارڻ ڪارڻ —
 ٿي حمايت هاشمي.

اڄ محشر ماڳ ۾، ڪندو عاصن سارڻ سارڻ،
ٿي حمايت هاشمي.

ڌڪلي دوزخ پار ۾، آيو رونق هارڻ هارڻ،
ٿي حمايت هاشمي.

ٿي سوالي دوست جو، چوري چنگ چارڻ چارڻ،
ٿي حمايت هاشمي.

اڳيان عجيبن جي، گهرجي پاڻ مارڻ مارڻ،
ٿي حمايت هاشمي.

'غلام محمدؐ' کي ٿيون، هت گهڙيون گهارڻ گهارڻ،
ٿي حمايت هاشمي.

— غلام محمد خانزئي
("رسالو": ص ۴۰۷)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# گذارش

**(ايڊيٽوريل)**

## ادبي انعام ۽ سنڌي ٻولي:

سنڌي ٻوليءَ جي عظمت، قدامت، شاهوڪاري ۽ ڪماليت لاءِ ان جو وسيع معياري ادب دليل طور موجود آهي، جنهن لاءِ ڪنهن بہ اختلاف يا ترديد جي گنجائش باقي ناهي. جنهن ٻوليءَ ۾ ميين عنات، لطيف، سچل، خواجہ محمد زمان، خليفي نبي بخش، بيدل، بيڪس، روحل، مراد، دريا خان، حمل فقير، صوفي صديق، امين محمد، منٺار فقير، غلام محمد خانزئي ۽ ان نوعيت جي اڪيچار روشن ضمير ۽ باڪمال شاعرن جي زندگي بخش عظيم ڪلام ۽ پيغام سان گڏ، مڃيل اصولن تي پورو لهندڙ ۽ جديد ترين قدرن ۽ رجحانن تي مشتمل زندگيءَ جي عڪاسي ڪندڙ همعصر تخليقي جديد ادب موجود هجي، ان ٻوليءَ جي مايداري ۽ عظمت کان انڪار صرف اکين کان سڄا ئي ڪري سگهن ٿا.

پاڪستان ۾، قومي سطح تي، ادب جي فروغ جي ڏس ۾ مختلف ادارن طرفان ساليانہ ادبي انعام ڏنا ويندا آهن، جن ۾ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جي هجري ادبي انعامن جي اسڪيم، پاڪستان رائيٽرس گلڊ پاران ادبي انعام، وزارت مذهبي امور طرفان سيرت ايوارڊ، نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان پاران بوڪ پراڊڪشن ايوارڊ، شامل آهن.

مٿين انعامي اسڪيمن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن تي انعام تہ برابر ڏنا وڃن ٿا، پر انهن انعامن جون رقمون، اردو زبان جي ڪتابن تي ملڻ وارين رقمن کان گهٽ هونديون آهن. تجربي ثابت ڪيو آهي تہ شروع کان وٺي روا رکيل تفريق جي اهڙن سلسلن وطن عزيز جي علمي ۽ ثقافتي صورتحال کي ناخوشگوار بنايو آهي. ائين

بورڊ جا لاتعداد ڪتاب هڪ عرصي کان ناياب آهن. اسان کي پورو پورو احساس آهي ته اهي سڀ ڪتاب ٻيهر اشاعت هيٺ اچن، ان لاءِ پڻ نئين آفسيٽ مشينري جي ڪم شروع ڪرڻ سان پوئواري ٿي سگهندي ۽ ان طرح اهل سنڌ ڏسندا ته بورڊ پنهنجي سرگرم محنت سان روايتن کي قائم رکڻ ۾ ڪامياب ويندو.

نهايت خوشيءَ جو امر آهي، جو سنڌ حڪومت بورڊ جي پريس لاءِ، ڪمپوزنگ جو جديد ترين نظام (ڪمپيوٽرائيزڊ پريس پرنٽ يونٽ) حاصل ڪرڻ لاءِ مالي آمادگي ظاهر ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ بورڊ جي اسڪيم کي اصولي طور منظور ڪري عملي مرحلي ۾ داخل ڪيو ويو آهي. انشاالله، بورڊ کي سگهوئي ڪمپوزنگ جو نئون جديد نظام ميسر ٿي سگهندو، جنهن وسيلي پريس جي بنيادي ڪم جي رفتار ۾ تيزي ايندي. ان ڏس ۾ سنڌ جي گورنر صاحب سان گڏ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري سنڌ، جيڪا دلچسپي ورتي آهي، سا قدر جي قابل آهي.

## ٿر جي ثقافت جي حفاظت:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سمورن صوفي شاعرن ۽ عارفن جو محبوب علائقو ”ٿر“، ثقافتي آهڃاڻن ۾ جيڪا شاهوڪاري رکي ٿو، ان تي سنڌي تهذيب کي بجا طور فخر حاصل آهي. ٿر ۾ هڪ طرف تاريخ ۽ تهذيب جا اڪيچار قيمتي آڳاٽا آثار موجود آهن، ته ٻئي طرف ٿر-چاڻن جي هٿن جي هنرن کي بين الاقوامي شهرت ۽ مقبوليت حاصل آهي. ٿر جي ڀرت ۽ دستڪارين کي ڏسڻ سان سندن دست هنر جي ڪرشمه سازيءَ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. مٿين حقيقتن جي ڪري عالمن ۽ محققن هميشه ٿر جي ثقافت ۽ دستڪارين کي وڏي اهميت پئي ڏني آهي ۽ سندن متفقه رايو آهي ته سنڌ جي مجموعي شاهوڪار ثقافت ۾ ٿر جو تمام وڏو حصو آهي.

بدقسمتيءَ سان، ٿر جو حصو، جتي زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ پسمانده پئي رهيو آهي، اُتي اُن جي آثارن ۽ ثقافتي آهڃاڻن سان به ڏاڍي بي ڌياني پئي رهي آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي، جو هڪ طرف ٿر ۾ موجود قديم تاريخي آثار تباهه ۽ برباد ٿي رهيا آهن، ته ٻئي طرف ٿر جا هنر ۽ دستڪارين جا فن پڻ پوئتي پئجي رهيا آهن. ٿر جي ثقافت کي بچائڻ لاءِ ٺوس اپاءَ وٺڻ جي وڏي ضرورت آهي، نه ته هنرمندن جي بدحالي، سندن معاشي لڏپلاڻ ۽ بي قدريءَ جي نتيجي ۾ ٿر جي ثقافت کي وڏو نقصان پهچندو، جيڪو خود سنڌ جي ثقافت جو نقصان هوندو.

ٿر جي ترقي ۽ بهبوديءَ لاءِ ايرڊ زون ڊيولپمينٽ اٿارٽي قائم ڪئي وئي آهي، جيڪا نيڪ فال آهي. اٿارٽيءَ جي متعدد مقصدن ۾ ٿر جي ثقافت جي حفاظت جو اهم مقصد به شامل هئڻ گهرجي، جيئن زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ ترقيءَ سان

گڏ ٿر جي هنرن ۽ دستڪارين کي پڻ ترويج حاصل ٿي سگهي. ڏوس اپاءَ نہ هجڻ ڪري ٿر جا هنرمند، دربدريءَ جي عالم ۾ هٿ جي هنرن جا شاهڪار تمام ٿوري معاوضي تي وڪڻڻ تي مجبور رهن ٿا، جن شين جي وڏن شهرن ۾ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ نهايت قيمت ٿئي ٿي. ٿر جي پرت ۽ ٻئي سامان جي پوري قدرافزائيءَ لاءِ ايرڊ زون ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ کي گذارش آهي تہ پنهنجي مقصدن ۾ ٿر جي ثقافت جي حفاظت لاءِ ڪي جوڳا اپاءَ ورتا وڃن، ۽ ان طرح ثقافتي ورثي جي بچاءَ سان گڏ هنرمندن جي خوشحالي جو پڻ بندوبست ٿي سگهندو.

هن موقعي تي اسان عمرڪوٽ ۾ رٿيل ”جشن ٿر“ جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿا سمجهون، جيڪو ايندڙ نومبر ۾ منعقد ٿي رهيو آهي. جشن جي پڌري ڪيل پروگرام ۾ سيمينار سان گڏ هڪ نمائش جو اهتمام پڻ شامل آهي، جنهن ۾ ضلعي جا هٿ جا هنر، دستڪاريون، قديم سڪا، اڻ لڀ هٿيار، قلمي نسخا، ويس وڳا، تاريخي ڪتاب ۽ ڪتبا وغيره رکيا ويندا.

اسان ’جشن ٿر‘ تي خوشيءَ جو اظهار ڪريون ٿا، ڇو تہ ان وسيلي ضلعي جي تاريخ ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ جو سٺو موقعو ملندو. پر هڪ اهم نقطي طرف ڌيان ڇڪائڻ لازم ٿا سمجهون، اهو هي آهي تہ ڪي ڏوس تجويزون مرتب ڪيون وڃن، جن وسيلي ٿر جي ثقافت جي حفاظت جو ڪو عملي انتظام ٿي سگهي. ڏٺو ويو آهي تہ عام طرح سان اهڙا پروگرام فقط ”نشستند، گفتند ۽ برخواستند“ تائين محدود رهندا آهن، پر ”جشن ٿر“ جي حوالي سان منتظمين تي اهو لازم بڻجي ٿو تہ سيمينار ۾ ٿر بابت تحقيقي مقالا پڙهائڻ ۽ نمائش جي افتتاح سان گڏ، ڪي سفارشون بہ ترتيب ڏنيون وڃن، جن سان ڪي نتيجا وابستہ هجن، جن ۾ هنرمندن جي خوشحالي بنيادي اهميت رکي ٿي. ان طرح سان ئي ثقافت کي بقا حاصل ٿي سگهندو.

## سياحت کاتو ۽ سنڌ:

سنڌ ۾ موهن جي دڙي، مڪلي، ڀنڀور، منصوره، رني ڪوٽ، منڇر، ڪينجهر ۽ ڪوٽڏيجي وغيره سان گڏ ڪيترائي سياحتي ماڳ مڪان موجود آهن، جي وڏي دلچسپيءَ جا مرڪز آهن.

تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن ڏانهن سياحن کي راغب ڪرڻ ۽ کين سهوليتون پهچائڻ لاءِ اسان جي ملڪ ۾ سياحت کاتو موجود آهي. هن کاتي، سنڌ جي سياحتي ماڳن لاءِ اها توجهہ پيدا نہ ڪئي آهي، جا دراصل هئڻ گهرجي. نتيجو اهو نڪتو آهي، جو جتي هڪ طرف آثار قديمہ کاتي جي مجموعي بي ڌيانيءَ جي ڪري سنڌ جا تاريخي آثار بربادي‌ءَ ڏانهن تڪڙو وڌي رهيا آهن، اتي ٻئي طرف انهن تهذيبي

## علمي سرگرميون ۽ ڪتابن تي تبصرا

مهراڻ ۾ علمي ۽ ادبي سرگرمين جا احوال ۽ نون ڪتابن تي تبصرن جا ڪالم وڏي اهتمام سان شايع ڪرڻ لاءِ اسان عزم ڪيو آهي.

علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين جي اشاعت کي وڏي اهميت حاصل آهي. اڄ جي اها اشاعت، پنجاهه ـ سؤ سالن کان پوءِ تاريخ بڻبي. اسان سنڌ جي سمورن اديبن ۽ شاعرن سان گڏ مختلف ادارن ۽ اڪيڊمين، تنظيمن ۽ بزمن، علمي مجلسن ۽ جماعتن کي اپيل ٿا ڪريون ته پنهنجن ثقافتي محفلن ۽ ادبي جلسن جون خبرون مهراڻ ۾ ڇپجڻ لاءِ موڪلي ڏين، جيئن ورندڙ پرچي کان اهو ڪالم شروع ڪري سگهجي.

ساڳيءَ طرح، نون سنڌي ڪتابن تي تبصرن جي روايت، هر مخزن وانگر، مهراڻ ۾ پڻ نمايان پئي رهي آهي. اسان گذريل ڪنهن اشاعت ۾ اعلان ڪيو هو ته تبصرن لاءِ سنڌ جي برک اهل قلم جناب علي احمد بروهيءَ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، پر ڪتابن جي ناشرن ۽ متعلق ادارن ان ڏس ۾ ڪو توجهه ڪونه ڪيو. اسان هڪ ڀيرو وري به سڀني ادارن ۽ ناشرن کي اپيل ٿا ڪريون ته مهرباني ڪري پنهنجن ڇپيل نون سنڌي ڪتابن جون ٻه ٻه ڪاپيون مهراڻ کي تبصري لاءِ موڪليندا رهن، جيئن انهن تي تبصرا شايع ڪري سگهجن.

## مقالا نگارن کي خاص گذارش

مهراڻ لاءِ پهچندڙ مقالن ۾ ڪي ڪي مقالا ايڏا ته طويل هوندا آهن، جو ڊيمي سائيز ۾ رکجن ته چڱا ڪتاب جُڙي پون! جيئن ته رسالي جي حيثيت ۾، اسان کي مختلف موضوعن ۽ لکندڙن جي علمي شهپارن کي پڻ جاءِ ڏيڻي پوندي آهي، ان ڪري اسان لاءِ اهو ناممڪن آهي ته طويل مقالا شايع ڪري سگهجن، جڏهن ته ننڍن معياري مقالن جي مواد جي اڳي ئي مهراڻ آفيس ۾ گهڻائي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ۽ اديبن جي تحقيقي ميدان ۾ محنتن کي بلاشبهه اسان قدر جي نظر سان ڏسون ٿا، پر اسان پنهنجي مذڪور مجبوريءَ جي پيش نظر کين گذارش ڪنداسين ته مهراڻ لاءِ مضمون موڪلڻ وقت مهرباني ڪري اهو خيال رکن ته اهو وڌ ۾ وڌ "پندرهن صفحن" جي اندر هجي، جيئن آسانيءَ سان شايع ٿي سگهي.

- نفيس احمد شيخ

## ٻُرو هو ڀنڀور، آرياڏيءَ اجاريو

— نعتيہ کلام

## شمشير الحيدري

ڀلي آيو سهڻن جو سردار سهڻو،
ڪري آيو صورت جو سينگار سهڻو.

ٻَسي پاڪ پيرا، ڏين ڀونئر ڀيرا،
گهڻيون گام گهيرا، ٿيو ديدار سهڻو.

ٻجا بات برڪتَ، سراپا حقيقتُ،
ٿيو عام اُلفت جو وڻوار سهڻو.

ڪٿي خوب خوشبو، بدن باغ گلبو،
هلي هاڪَ هرسو، هو دلدار سهڻو.

اڱڻ يار آيو، ٿيو لايو سجايو،
نصيبن ملايو، سو مهندار سهڻو.

## امداد حسيني

( ١ )

لٿا ڏيهه ڏڪارَ، آريائيءَ جي آئي،
ٿيڻا سهج سڪارَ، آريائيءَ جي آئي،
مير محمد جي جائي.

چمر ڪيڙي چانو چپر ۾، سرها ٿيڙا سانگيڙا،
جهرَ جهنگ ۾ جهمريون پائي، جهونگارن ٿا جهانگيڙا،
صاحبَ ربَ ستارَ.

لڌي سنگهارن سارَ، . ياڻيءَ جي آئي.

پلر ڪئي پالوٽ چنن ۾ چيچ وجهن ٿيون چوليون ڙي،
ساٽ ڪيا سارنگ، ٻرن ٿيون ٻاباڻن جون ٻوليون ڙي،
ٿر ٻر ٿي ٺڌڪار.

وهسن ٿا ولهارَ، آريائيءَ جي آئي.

ڳوڙا ڳٽَ ڳچيءَ مان نڪتا، ٻوڙن تان ٻوٽارَ لٿا،
ڪاراون ۾ ڪمدارن جي، هاڻي آهي ڪاڻ نه ڪا،
ڏيهن تان ڏڪارَ.

لٿا عمر آزارَ، آريائيءَ جي آئي.

## انور هالائي

خوشا قسمت! گلستانِ جهان ۾ نئون بهار آيو،
مبارڪ اڄ چمن ۾ آهه دور خوشگوار آيو.

جمالِ ماهتاب آيو، نگاهِ قربدار آيو،
سڪون و صلح جو ساٿي، امين عالي وقار آيو.

امن اسلام جو حامي وفا جو شاهڪار آيو،
حجر اسود جو قانوني امانت دار يار آيو.

حياتِ نوَ جو عالم ۾ نياپو بار بار آيو،
ڪلام الله رسائيندڙ محمّد مشڪبار آيو.

يتيمن يار ۽ هيڻن جو حامي پاسدار آيو،
جهان لاءِ باعثِ رحمت سراپا غمگسار آيو.

ستارن سر جهڪائي ٿي قدم چميا عقيدت سان،
قمر سينو ويڙايو هن جي دل کي چين قرار آيو.

فلڪ تي گيت ڳايا ويا ۽ حورن گل ڪيا صدقي،
زمين تي شادمانا ٿيا نبي آخر بهار آيو.

سبق انسانيت جو جنهن اچي سيکاريو هر سو
اهو ڪامل مڪمل قوم لئه صد افتخار آيو.

جهالت ۽ برائي جو رسو ٽوڙي شفقت سان،
ادب اخلاق جو ناتو ڪرڻ اڄ استوار آيو.

حقيقي شهنشاهه آيو به عاداتِ گدا بڻجي،
هيتي ناصح هتي شافع شفيعِ قربدار آيو.

محمّد مصطفيٰ آيو رسول الله نبي بڻجي،
سڄي عالم جي رحمت بڻجي مرسل آشڪار آيو.

محمد مصطفيٰ منهنجا! هي "انور" غمزده اڪثر،
اوهان جي در جڏهن آيو، تڏهن ٿي اشڪبار آيو.

## ميوو خان "موج" لغاري

محمد مصطفيٰ منهندار عالم جو،
آجهو ۽ آسرو آڌار عالم جو.

محمد خلقت الافلاڪ جو ڪارڻ،
محمد جهي ڪري گلزار عالم جو.

محمد باعثِ تخليق دو عالم،
محمد جي سبب جنسار عالم جو.

محمد رحمت للعالمين بڻجي،
ٿي آيو رهنما نروار عالم جو.

محمد نور حق نور خداوندي،
تنهن آ ڇهڙيو چمڪار عالم جو.

محمد مصطفيٰ ختم الرسل آهي،
بڻايو جنهن کي رب سردار عالم جو.

محمد انبيائن جو نبي آهي،
اهو آهي بحق اقرار عالم جو.

محمد جو ڪو نہ مٽ ثاني زماني ۾،
هي محبوبِ خدا دلدار عالم جو.

محمد جدّ آ حسن و حسينؑ جو،
ڪہ جن سان پيار آن سرڪار عالم جو.

نہ جو اڄ "موج" موزون نعت خواني ڪئي،
ڪہ آهي هڪ بندو بدڪار عالم جو.

بلاول پرديسي

تو کي ڪون و مڪان ۾ مليي برتري،
ڪنهن کي طاقت جو توسان ڪري همسري.
هر طرف روشني، هر طرف زندگي،
تنهنجي آمد سان شمعِ صداقت ٻري.
جسم انسان ۾ ٿيو نور حقؔ جلوه گر،
بزمِ دنيا ۾ جلون جي جلوه گري.
وقت جي گود ۾ ظلمتن دم ڏنو،
صبحِ روشن جي ساعت مدوري سري.
سينهٔ دهر تان نقش باطل مٽيو،
ڪوڙ جي ڪاک محلات پيئي ڏري.
آهِ قلب و نظر کي مليي روشني،
آه حسرت ڀري دل جي قسمت وري.
هر بشر جي مٿان شفقتون شفقتون،
هر بشر واسطي دلبري، دلبري.
ٿيو حياتيءَ کي حاصل شعورِ حيات،
منزلن جي ملي روح کي رهبري.
زندگانيءَ تي سڏڪا ڀريا روز و شب،
سرڪشي نيست بي موت ويئي مري.
جن جي مشڪل ۾ مشڪلڪشائي تو ڪئي،
هر مصيبت جي دريا منجهان ويا تري.
سي اگها ٿيا ڏٺيءَ در سڳها ٿي ويا،
جن تي هيڪر ڪرم جي نظر تو ڌري.
توئي انسان کي انسان جي عظمت ڏني،
توئي لاٿي دلين تان غمن جي ڀري.
شان تنهنجو بيان ڇا ”بلاول“ ڪري،
تو کي نبين ۾ آهي مليي برتري.

## سوز هالائي

اڄ ستارا ٻـي لـڳن ٿا چنـڊ جيان،
۽ لـڳي ٿـو چنـڊ سورج وانـگيان.

ڏينهن بيشڪ آ اجالن جـو ڌڻي،
پر اڇوڪي رات روشن ڏينهن کان.

ٿي خـدا جـي ذات ويڻي مهربان،
واه! عجب احمدؐ جي آهي آجيان.

سوجهرو سرور جي آئـي سان ٿئو،
جوت سان جرڪي ويو سارو جهان.

فرش تي شبنم جڙي موتي ڇڏيا،
عرش تي تارن سجائي ڪهڪشان.

ٻيـج ٻنڙيءَ آ مبارڪ موڪلي،
پرهه ڪهورون ڳهوريون مرسل مٿان.

آهـه هيرَن منجهه هيڪاندو هڳاءُ،
واسجي ويئـي فـضـا سرهاڻ سان.

رات ساري نـور جي ڀالـوٽ ٿي،
ٿيا سنڱار ۽ ويا ڏڪارٿا ڏيهه مان.

ساعتون سرچـي ۽ پل پرچـي پيا،
ڀڪيا ڀيـهـر وري هيسيل هيان.

جن ڇپن ڪا مرڪ سنهري ڪانه هئي،
اڄ اهي مـرڪي پيا مڪڙين جيان.

هـن ڀـلاري ۽ مبارڪ مهل تـي،
ڇا لـکي مان ڇا لـکان ڇا ڇا لـکان.

حق ادائي نعت جي جنهن ڪان ٿئي،
سا زبان پُرسوز مان آڻيان ڪٿان؟

**نفيس احمد ناشاد**

اسان جو رهنما رهبر محمد مصطفيٰ آهي،
حقيقت ۽ سچائيءَ جو حقيقي پيشوا آهي.
مدينو مرڪز اميد آهي، آرزو آهي،
سموري عالم اسلام لئه جو رهنما آهي.
عجب هلچل ڪشش دل کي ڇڪي ٿي جانبِ يثرب،
معطر عنبرين بيشڪ مديني جي فضا آهي.
غلامانِ محمدﷺ جي غلامن جو غلام آهيان،
سندم آقا ۽ مالڪ مير مدني مجتبيٰ آهي.
هيتي يا هُت محمدﷺ جوئي نالو دائما رهندو،
فنا ساري فنا آهي، بقا ليڪن بقا آهي.
محمدﷺ کان سوا دنيا ۾ ڪائي چيز ڪانهي ڪا،
سندم وردِ زبان نالو، سندس هردم ثنا آهي.
محمدﷺ سان وفا جو واعدو هردم نباهيندس،
وفادارِ محمدﷺ تي سدا راضي خدا آهي.
نفيسِ پُرمسرت کي زيارت ٿئي محمدﷺ جي،
اِها "ناشاد" دل جي آرزو ۽ التجا آهي.

**آغا سعيد**

سارو سر سبحان ٿي آيو،
الفت جو اهڃاڻ ٿي آيو.

سوئي سانگ ڏکي صورت جو، سوئي پنهنجو پاڻ ٿي آيو.
جيڏيون سرتيون سهرا ڳايو، نور سچو سرواڻ ٿي آيو.
ظلم ۽ ڏاڍ جي ڌرتيءَ تي هو، محبت جو مهراڻ ٿي آيو.
نفرت ڪندڙ ٻن دلين جي لئه، چاهت جي چانڊاڻ ٿي آيو.
"آغا" عشق وارن جي لئه، خوشبو ۽ سرهاڻ ٿي آيو.

## اياز گل

هڪڙو نالو، جو محبت جي علامت آهي،
هڪڙو نالو، جو آچارڻ ئي تلاوت آهي.

هڪڙو نالو جو ايئن آهريو جيئن،
رات جي ڪڪڪ مان ڏنو سج آهري.

هڪڙو نالو جو ڪوڙين اوندهه لئي،
ايئن آ جيئن ڪپهه ۾ تيلي.
هڪڙو نالو جو سڳنڌ آهي، سچائي آهي،
هڪڙو نالو جو سراپاءِ سُهائي آهي.

هڪڙو نالو جنهن انڌيري کي جلا بخشي آ،
هڪڙو نالو جنهن جفائن کي وفا بخشي آ،
هڪڙو نالو جنهن جهانن کي دُعا بخشي آ،
هڪڙو نالو جنهن زماني جي خطا بخشي آ.

ها، اهو نانءُ مٺو، نانءُ سنڌ آ، سائين!
ها، اهو نانءُ مٺو، نانءُ سنڌ آ، سائين!

## انيس ميمڻ

هر ذرهٔ حجاز ۾ ارض و سما جو شان،
ڏس جلوهٔ مدينهءَ ۾ نور، خدا جو شان.

لفظن ۾ مشڪل آه چوڻ مصطفيٰ جو شان،
ڪيئن ٿئي ادا زبان سان رسول، خدا جو شان.

شاهد جهان ۾ آه محمدّ جي حسن جو،
رنگ، حنا جو شان ۽ زلف، دوتا جو شان.

پانيان وچي حرم جي گلن کي چميون ڏيان،
يا رب تون ڪر عطا مون کي باد، صبا جو شان.

اي ڪاش! منهنجون هي پر اکيون فرش، راه ٿين،
ڪنهن جي گذر سان مون ملي اهل، ادا جو شان.

پلڪن سان هن جي راه کي پهاريان وچي 'انيس'،
گر ٿئي نصيب چشم عقيدت کي پا جو شان.

## اڏل سومرو

ذلتن ۾ ھٿي وڪوڙيل زندگي –
ڏاڍَ ۽ ڏهڪاءَ جي وايو منڊل ۾،
ھرطرف ھو پاپ جي پاڇن جو راڄ
۽ خدا جي گھر ھيو وحشت جو ناچ،
جنھن ۾ رکيل پٿرن جون مورتيون
انسان جي سجدن سندو مرڪز ھيون –
گونگي ڌرتيءَ جي سيني ۾
معصوم زنده نينگريون ٿيون دفن –
نفرتن ۽ دشمنين جي باھ کي
رت جي برسات سان ٺاريو ٿي ويو –
ترارن جي ٻوليءَ ۾
آدمي ھو آدميءَ سان ھمڪلام –
۽ پرم جو ڪنھن به ڏس ۾
ڪين ھو ڪوئي نشان –
خاتم المرسلين جي آمد کانَ اڳ،
عرب جي صحرا ۾ ھو اھڙو سمو –
انسان جي ابتر اھا حالت ڏسي،
نيٺ قدرت رحمتون نازل ڪيون –
وحشتن ۽ ظلمتن جي گھُگھہَ ۾
سچ جي ويئي پکڙجي روشني،
پٿرن جا سڀ خدا ڀور ٿيا –
پيٽ سان پاھڻ ٻڌل
پير ڀي لڱون ٿيل
ٻوءِ به مدنيءَ جي مبارڪ مُک تي

ڪين آيريو ڏک جو آثار ڪو-
دشمنن وانن مٿي ڪنڊا رکيا،
پوءِ به تن لاءِ مصطفيٰ
گهاني ٻڙ جي ڇانو ٿيا-
پٿرن جي ديس جي رهواسين
محبتن ۽ شفقتن جي موٽ ۾،
نفرتن جا ڀاهڻ هنيا،
پوءِ به مٺڙي مجتبيٰ
ڪئي دعا-
صاف صادق ۽ امين
رحمت للعالمين
مڪان ڪان لامڪان تائين جنهن جو قدم،
جو غريبن، بيوسن جو واهرو
جنهن پکيڙيو سچ جي پيغام کي،
۽ دشمنن سان پيار جو ورتاءُ ڪيو-
پيار ئي انسان کي عظمت ڏئي،
پيار ئي ڀاهڻ کي ٿو پاڻي ڪري
پيار سان ئي ذهن ٿو تبديل ٿئي-
مٺڙي محمد مصطفيٰ
پيار جو اهڙو عمل جاري رکيو،
گمراهه ٿيل انسان جي اندر مان
نفرتن جا داغ سڀ ڌهندا ويا-
۽ پوءِ هڪ ڏينهن،
عرب جي صحرا ۾ ئي سرهاڻ وئي
ذلتن جي زندگي، شان ۾ تبديل ٿي،
آدميت جو مان ٿيو-

**مختيار ملڪ**

جهالت واري دنيا کان، اسان کي آجپو ڏياريو،
ٻڌي ٻيڙي پئي جيڪا، انهيءَ کي جنهن اچي تاريو.
هيو انسان نالي ۾، هو جيئندو جانور وانگي،
اسان کي پاڻ سمجهڻ جو، طريقو هُن آ سيکاريو.
انهيءَ کان ئي ٿيو حاصل، اسان کي حوصلو آهي،
جڏهن آهي ڪا مشڪل ٿي، جڏهن هنئڙو اسان هاريو.
بچايو ڪوڙ ڪيني کان، بديءَ کان ۽ برائيءَ کان،
اسان جي زندگيءَ کي هڪ، نئون رستو آ ڏيکاريو.
جهالت وارو جيوت هو، انهيءَ کان اڳ زماني ۾،
عقل ۽ فهم سان جڳ کي اچي جنهن آهه سينگاريو.

**عابد مظهر**

هڪڙي نانءَ جا روپ انيڪ

وسي ته مهر پريو بادل
صحرا سڄُ ٿئي جل ٿل
ڦول ٽڙن مهڪي جنگل
خوشبوءِ خوشبوءِ هرڪو پل
سڄ پچ هن جا سهسين روپ
هڪڙي نانءَ جا روپ انيڪ

چوي ته ٿي پئي اڻ ٿيڻي
پرزا ٿين ڏک، ٽٽي ڇٽي
کھلي ته روشن رات ٿئي
جيهل ڪفر جي مات ٿئي
سڄ پچ هن جا سهسين روپ
هڪڙي نانءَ جا روپ انيڪ

هلي ته هرسُو ڇانءَ ٿئي
جهرمر ٿئي پئي نيل گگن
گهُري ته شاعر ڏس هن کان
جهول پرينديُن موتين سان
سڄ پچ هن جا سهسين روپ
هڪڙي نانءَ جا روپ انيڪ

[بشڪريہ: ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد سنڌ.]

# شاعري جو پاڳو

## مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

•

عوام النّاس جي ذهن ۾ اڄ آشفتگي آهي،
فقط آشفتگي ناهي، مگر افسردگي آهي.

بحمدلله ارادن وٽ وڏي ئي پختگي آهي،
اڃا تائين اسان جي همتن ۾ زندگي آهي.

هو خوشين جا زمانا ڪٿ، مسرّت آهه ناپيدا،
ڪٿي وارستگي، ليڪن هتي وارفتگي آهي.

وڏي مهنگائي وئي بيحد ٻڌڻ وارو ٻه ڪو ڪونهي،
مٿان اونداهي توڙي واپارن ۾ هردم رهزني آهي.

شبِ تاريڪ رهم باريڪ منزل دور من تنها
پري ڪان ٿو ڏسان اميد جي ڪجھه روشني آهي.

فضا ساڪت ٿيڻ، طوفان جا آثار ئي آهن،
زبانِ عام تي اڄ خوف جهڙي خامشي آهي.

هلي ٿو هرڪو هڪ ٻئي سان ملائي دوش اي يارو،
اسان جي هرڪنهين صف ۾ وڏي شائستگي آهي.

تڪڙ ڪم آهه شيطاني، تڪڙ ڪم آهه شيطاني،
عوامي عسڪري فردن اندر آهستگي آهي.

نه ٿڪباسون ڪڏهن يارو وڃي منزل تي پهچنداسون،
اسان جي حوصلن عزمن ۾ هڪ برجستگي آهي.

حقوق النّاس آهن ضبط هرڪو آهه اڄ بيدل،
اڄوڪي دور ۾ هر جا اهائي گندگي آهي.

ڏسون ٿا جنهن به آمر کي هٿي ٿو دم خدائي جو،
اڃا پڻ ڪنهن ضرورت جي انهن ۾ تشنگي آهي.

اهو ڪم ڪهڙو چئبو جو نه ٿيندو "طالب المولیٰ"
اگر انسان ۾ هر مهل تي مردانگي آهي.

●

ﭘوري ٿي منهنجي دل جي تمنا زهِ نصيب،
ٿئو منهنجو شان آهه دوبالا زهِ نصيب.

دلبر ﭙڌايو وعدهٔ فردا زهِ نصيب،
قلبي زبان سان مون چيو فبها زهِ نصيب.

افطار وقت ڪيت ٿي هڪڙي سان ﭘي ويس،
ساقي ڪنيو جو نرگسِ شهلا زهِ نصيب.

ﭘيرِ مغان ﭘري ڪان جو مون ڏي نگهه ڪئي،
ٿي ويئي منهنجي حل معما زهِ نصيب.

مفتي چيو ته دانا جي لئه مي حرام ناهه،
هن عالي مرتبت ڏني فتويٰ زهِ نصيب.

مون وٽ چراغان اڄ شبِ يلدا ۾ ٿي ويو،
آيو صحن تي رشڪِ ثريّا زهِ نصيب.

مون تي هماي بخت جو سايو وري ﭘيو،
تنهنجا هزار شڪر خدايا زهِ نصيب.

نوري نگاهه ساڻ نوازياء اڄ وري
خوش باش خوب طالبِ مولا زهِ نصيب.

## تنوير عباسي

●

نہ ڪا حور گهر جي، نہ ڪائي پري،
اهائي ڪڇي جا ڪري دلبري.

تجليءَ ۾ گرمي، تجليءَ ۾ نور،
تجليءَ سان ليڪن پئي دل ٺري.

سري ويئي ليڪن وڏي ڪرب سان،
اوهان کان جدا ٿي گهڙي جا سري.

ڪڏهن مينهن پئي آهي ويندي جمي،
ڪڏهن پهڻ پئي آهي پوندو ڳري.

ڏس تو پري پيار جي هڪ نظر،
۽ "تنوير" ان ئي گهڙيءَ پيو ڪري.

●

اهو ٻڌايون ڪيئن تنوير اسان کي هو ڇو ياد رهيو،
هڪڙو ماڻهو پيارو ماڪيءَ جهڙي رنگ جو ياد رهيو.
پي ايڏو مدهوش ٿياسين جو سارو جڳ وسري ويو،
تڏهن بہ تنهنجو نالو ۽ تنهنجي گهر جو رستو ياد رهيو.
چنگهہ، گلن ۾، ڪاڏيءَ ۾ ڪنڀ، اکيون ڪجليون، پنيا وار،
جيون ڀر هڪ سهڻو ۽ من مهڻو چهرو ياد رهيو.
دل درياهہ ملي مون کي، اڻ هوند جا پي انبار مليا،
مون کي پنهنجي قسمت جو هي ظالم چرچو ياد رهيو.
منڊون مونيون ڏينهن نہ، مونيا جي تو سان گهاريم الطاف،
هاڻي پڇتايان ٿو مون کي وقت اهو ڇو ياد رهيو.
اسان اوهان کان وسري وياسين ان تي ناهہ تعجب ڪو،
ڳالهہ عجب جي آهي اوهان کي شعر اسان جو ياد رهيو.

**نياز همايوني**

# غزل

غلام گردش دوران، اسان اوهان ٻَئي اڄ،
شڪار شامت اعمال ٿي ڪري پَئي اڄ.

ڀرم رکڻ جي ڀاني، اکين ۾ هئي جا ڪڏهن،
اسان مان ٿوري گهٽي لڄ به سا هلي وئي اڄ.

خدا ڪري ته ٿئي "ڪين" شال ساده دلي،
پلئه وجهي ٿي شريفن کي جا رُڳي رَئي اڄ.

ڀڄي ٿي جنهن مان لٽيون لوڪ پئي لباڙ هڻي،
اسان جي ڏسندي ئي وڃي وئي آها لئي اڄ.

رَهي ٿي حُسن مٿي ڌاڪ ڌن جي ڪير ڪڇي،
مُڇن به چڻ ته محبت ڪان آهه ٻان ڪئي اڄ.

هلو ته ڀاڻ ئي مقتل ۾ ٿا ڪريون ميڙو،
سُجهي ٻچڻ جي نه، پيٽي ٿي ۽ نه ڪا پئي اڄ.

برابر آهن ٻئي عشقُ، فسقُ، قاضي اکيان،
ڇڏائي جند ويا ڪيئي مر جو ڏنُ ڏئي اڄ.

اهائي آس رکي دل ۾ جيءَ يار "نياز"،
ڪندا سي جُرم سچائي جي باب، ها ڇئي اڄ.

امداد حسيني

## ڪافيون

گهوڙا گهوڙا گهائي ويا، آلا هاءِ نشيلا نيڻ.

ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙو هٽي ويا،
زوران زوريءَ دلڙي ڪٽي ويا،
ڪارا ڪارا ڪيف ڪٽوريا، ڪجرا را شرميلا نيڻ.

سارا سور سلي ٿي وڃن ٿا،
بيٺي پيڙ آلي ٿي وڃن ٿا،
ساگر جهڙا گهرا گهرا، نرمل نيلا نيلا نيڻ.

چرڪن ٿا ته هٽن ٿا ڇيرا،
مٽرڪن سان ڪن ٿا ڦيرا،
هڻ ڪڻ واري هير انهن جي، ڪنار ڪان به ڪنيلا نيڻ.

پرچي پيارئون پريت جو پيالو،
’امداد‘ آهي مست موالو،
جاڳان ٿو يا سپنو آهي، سنڌي سيج، سجيلا نيڻ.

*

تون ئي سجڻ منهنجي سر جو سائين،
توتان پنهنجي جندڙي گهوريان —

ساريون راتيون توکي ساريان،
ڏينهن ڏکن جا ڪيئن گذاريان،
پرچي پير پرين شل پائين — اڄ ته توسان اندر اوريان.

پل پل تنهنجا پور پچايان،
ور ور وٽ جي لاٽ وڌايان،
نينهن لڳائي شال نڀائين — سڪ سگهو ٿي ساجن سوريان.

هر هر ويٺي هنجون هاريان،
ڳڻتين ۾ ٿي پاڻ کي ڳاريان،
ساجن سپرين ڪيسين تائين — هينڙو هاريان جيئڙو جهوريان.

# ڪيڏارو

ڪٿنهبا ٻائيند ياس، آئي ٻرٽي راتڙي،
عطر مشڪ ڪٿوريون، لڳين لائيند ياس،
وڏندي وِڪَ وصال جي، پيرين پائيند ياس،
ويهي سرتين وچ ۾، منهن مَرڪائيند ياس،
رڻ ۾ رائيند ياس، ڳاڙهي ڳيرو گهوٽ کي.

هٺي هوڪاري، هوڪاري هٺي،
پَر ٻُريءَ جي ٻيڙَ ۾، ٻاونڪ ٿو ٻاري،
ڏڪُ انهي ڏاڏاڪَ جو، ماري يا ڪاري،
ترار ٿو تاري، سرن جي ته سمونڊ تي.

مٿُور نه تنين مَٽُ، هي جي ٻُٽَ عليءَ جا،
هڪڙو سورج چنڊ ٻيو، تاجي ٻئي ٻَٽُ،
سورهين جي سرواهيين، ڪڏهن نه چڙهي ڪَٽُ
جُلهون ڪن جهونجهار ائين، باز هٽي جيئن جهَٽُ،
ريهون ريهون رڻ هو، ڪيهون ڪوڪَٽُ،
ڪنڌ ڪرنگهر ۽ ڪلها، ڦهرئين ڏک ۾ ڇٽُ،
ڪنيائون آڪَٽُ، رانديون رمن رُڪَ سين.

سرواٽين سرواڻَ، هي جي ٻُٽَ عليءَ جا.
ڪُنهبا ڍڪي آئيا، آمت جا اڳواڻ،
سر ڏين تا ڏاڻَ، وڏي سچ ويڙهاند ۾.

ميدان متيرن، رڳيو ريٽي رَتَ سين،
شهادت جي شوق جو، شان رکيو شيرن،
ٻوتين ٿي ٻيرن، ٻيجي آئيا ٻَجتا.

آٿران ڏکڻ آئيا، ڏڪڪٽا ٿي اوڀر،
اوڀر کان اولهه هليا، اولهه، کان آٿر،
سائو سانگين سامُهان، هٿ تريءَ تي سر،
پرين پُريءَ کي پانهجي، مٿور نه لائن مر
پانو پنهنجي پر، پاري پڏري پڙ ۾.

ڍيرن مٿان ڍيرَ، آهي ڍونڍ ڍيڍ جو،
ڏڙَ ڏُڏُڙ ۾ گڏئا، ٻٽ پٽيائون پيرَ،
ڪانگن جا ڪانگيرَ، ڳجهن جا ڳاهٽ مٿن.

ٻٽر ۾ ٻٻٽر شينهن، آلرن آيبرن ايٿن ٿا،
راتين جي پنجوڙ مان، جيئن ٿا نڪرن ڏينهن،
وسندا رَت جا مينهن، ٿيندي ويڙهه وڏاندري.

جيئن ڪٽري جي ڪوڙَ تي، ڏاند ڳهن ٿا ڳاهه،
چيچي چيلهجي چيتجي، مُڇَ ٿيي ٿو ڳاهه،
ڪانيئر تي ڪونڌر ائين، ڪڙڪيو ڪري ڪاهه،
پانو مين نه پجي سگهي، نه ڪا پڇڻ جي واهه،
سورهيه، سوريءَ سڄڻا، سدا ساهه، پساهه،
رت مين ريٽي راهه، رُت ريت سدا گلاب جي.

پڙَ مٿي پاونگ، ٿاري هٿي تلوارَ جا،
ميرَ لٿي ٿي ائين جئن، لٿي هاري سنگ،
ٿانو ڪٿي ڪنيار جيئن، مٿان چٽڪَ اچنگ،
ويريءَ کي واري ائين، وڄَ وجهي جيئن ونگ،
سيد مين ماٿي ائيسن، مهائي جيئن پتنگ،
ننگي توتي ننگ، آهن ميرَ حسين جا.

تارن آهن ترورا، تارونءَ منجهه ترارَ،
هٿَ ڪرايون آگريون، ڏَڙَ ڏُڏُڙ ۾ ڏارَ،
ڪانئر جي ڪڇي مڻي، ڪنئي هٿي ڪنهارَ،
جهرندا ڦُڙندا ٿي ويا، قطار در قطارَ،
ترار آروپار، ويريءَ جي وجود ۾.

مولهيو رَتو رتُ، آهي مير حسين جو،
ڀُٽريءَ ڀَٽِ سڀُت، ڀانٽو ڀاري ڀيڙَ ۾.

هيءَ جا لهوءَ لارَ، نرمل نُور نيراڙَ تي،
شهادت جي شوق ۾، موڙَ ٻڌا مهندارَ،
هيڏانهن هي هيڪڙو، هوڏانهن سَوَ هزارَ،
ڏيل وجهي ٿو ڏارَ، سِرن هٿي سٽريون.

## ماتم

جرم آهي جيڪڏهن يادِ حسين،
ٻوءِ مون کي هر سزا آهي قبول،
سر وڃي ڪر تون ڀ، تڪميلِ ستم،
ٻيا سڀئي حيلا فضول آهن فضول.

جرم آهي جيڪڏهن گهوڙو ڪڍڻ،
ٻوءِ ڪيئن دهرائجي تاريخِ غم،
تازيانن جو ٻلي نڪري جلوس،
لوحِ دل تي ٻل لکي تيغِ قلم.

آءٌ ٿي ماتم زني ڀرين ڪندس،
جرم آهي جيڪڏهن ماتم زني،
ادِترو سوچي ڇڏي اڄ جو يزيد،
ڄاڻ اوير ڪان ڪڍي ٿو سچ کني.

# غزل

( ١ )

هوندي تہ تو بن ڇا ڇا ڪونهي،
جيون ڪي ڀر معنا ڪونهي.
پنهنجي پنهنجي گهر جي اندر، ڪير آهي جو تنها ڪونهي.
ڪونهي جيڏا سرتا ڪونهي، تو جهڙو ڪو سهڻا ڪونهي.
دل ڀہ پڙي ويئي ميني ۾، محشر ڪوئي برپا ڪونهي.
پٿر بڻجي لفظ وسن ٿا، شعر گلن جي ورڪا ڪونهي.
”امداد“ ڪهاڻيڪار ڪوي،
ڪونهي ڪونهي، ها ها ڪونهي.

( ٢ )

الڪيل الڪيل سڀ راتيون،
سُڏڪيل سُڏڪيل منهنجا ڏينهن.
شهر وچي او ڪوئناڻا، ڪيئن ٿا گذرن تنهنجا ڏينهن.
ڏسندي ڏسندي راتين جان، ڪيئن گذري ويا پنهنجا ڏينهن.
ڇڏ ڙي يار ”امداد“ ڪٿي،
ڪهڙا ڏينهن ۽ ڪنهنجا ڏينهن.

( ٣ )

سنڌڙي سُر، سنگيت، سُڳنڌ،
مون کي سائين ۽ جو سوڳنڌ.
ماڪ ڦاڪ ڏي موتي آءُ، اکيون ٻير ڪري ڪر پنڌ.
مشاهدو ماڻڻ چاهين، ڪور ڪلهن تان ڀرين ڪنڌ.
مٺي تيج ۽ مٺي رَتُ، سُرهو آهي هر ڪو سنڌ.
”لطيف“ هوندي ڪهڙو ڏپ؟ سورج هوندي ڪهڙو اند؟
ڪارونجهر ٽيجان ”امداد“،
جهڪي وڃي سو ڪهڙو ڪنڌ!

( ۴ )

ميٺي ٿيج ۽ ميٺي رت،
پوءِ بہ منهنجي سوڙهي ست.

سرتيون هليون، هيڪل هاڻ،
ويهي ٻُوٽي ٻُوٽي ڪت.

اندر ۾ ٿي جهاتي پاءِ،
دٺيت هٽيو ويٺو ٽٽي دت.

مٿرڪياسين تہ لڙي پيا لڙڪ،
هونئن تہ ڪائي ڳالهہ نہ ڳت.

توکي دانگي ڪيئن سڏيان،
دانگيءَ تي تو آٿلي رت.

اگڻ آجرو، چوڏهينءَ چنڊ،
ٿارجي ڪٽي جيڪر ڀت،

تون بہ تہ پنهنجو آهين يار،
تون بہ ڀلي ڪا گهاٽي گهت.

لوئيءَ لجَ بچائجانءِ
پارج پنهوارين سين ڀَت.

**عنايت بلوچ**

## غزل

من کي ميڪَ جو ساز وڄائي،
سُندرتا جو ديپ جلائي.

سؤ سؤ پيرا سيرَ کي گهوريان،
ڀيجل جان کي تنندُ تپائي.

محفل مان مهمير هليو ويو،
ماڻهو ويٺا وات وڄائي.

اندر آجڙيل ٿي پيو آجرو،
او اربيلا! تنهنجي آئي.

دَرَ دلبر تان سوٽي آيس،
ٻُور پيرائي، سُورَ سمائي.

پاپ نگرَ ۾ پيارَ کي ڳولي،
ڪير ”عنايت“ کي سمجهائي.

## بشير موريائي

•

درد کي سون دوا ڪيو آهي،
پيار مجبور ٿي ويو آهي.

جنهن کي سمجهو ٿا نور جو مرڪز، سچ جو هڪڙو ترورو آهي.
سون گهوري چڙيان ٿو سيڻ تان، منهنجي دل جو هي فيصلو آهي.
ظلم جو تيز تر ٿيو طوفان، پاڻ کان ٿورو پريرو آهي.
عزتِ نفس کي رکڻ قائم، اهلِ دل جو ئي فيصلو آهي.
منزلِ شوق پرپري ناهي، دشمنن کان هي ڏس مليو آهي.
جنهن کي سمجهانءِ ٿو آءٌ ديسان دور، سو ته دل کان به ويجهڙو آهي.
تنهنجي هن پُرهجوم محفل ۾، ڪوئي انسان هيڪلو آهي.
دل جي ڌڙڪن ٿي ويئي آهي تيز، تنهنجي آمد جو آسرو آهي.
بي حجابانه آءٌ دل ۾ هلي، بعد مدت جي در کُليو آهي.
تون جو آئين ته راهه روشن ٿي، پهتو منزل تي قافلو آهي.
روشني روشني ٿيو ماحول، رخ تان پردو سري ويو آهي.
تنهنجو چهرو هجي يا چانڊوڪي، منهنجي اندر جو اولڙو آهي.
چو نگاهون ملي جهڪي ويئون، نيٺ ڪوئي ته سلسلو آهي.
وقت جي بيهجي وئي رفتار، بعد مدت جي هو مليو آهي.
دل جي ڪڙڪي مان چوليڻا پاڻو، باهر اندر جو سوجهرو آهي.
تون اجايو جلين پئي گوري، منهنجو ساجن ته سانورو آهي.

روپ جي رڻ ۾ پُر فضا پاسو،
تنهنجي زلفن جو چانورو آهي.

## ذوالفقار راشدي

•

وچڙن تا محب ڏي ذهني تحفظات ڪٽي،
مکيار(۱) آهيون اڳيان، ڳالهه ڪا وٽي نہ وٺي.

اجا تہ ڪوئي بہ زنجير ڳل ـ پٽو نہ بڻاءِ،
نراس ٿئي نہ طبع دوستي ٻٽي نہ ٻٽي.

رکو نہ عشق جو گردن ترار جي رخ تي،
وجهو نہ وقت ڪان اڳ روح ۾ ڪنڊار هٽي(۲).

صليب جوڙ نہ جذبن جي خودڪشيءَ خاطر،
رهي ٿي سوڙهہ تہ احساس تي اڳي ٿي گهٽي.

اڳي تہ خواب جي خوشبوءِ جيان وهي گذري،
الائي جا ڳ ۾ ڪنڊي اٿم چمار گهٽي!

ڪچا نباهہ جا وعدا وعدا، نيڪار ڪاغذي گهوڙا،
ڪنڊي آڪير آها جيڪا توکي ڪانہ وٽي.

گهٽي نہ مار چمڻ بعد ولولا من جا،
چگو جنم ڪان اڳي خواهشن کي پور ڪٽي.

اسان جي روح ۽ دل جي عجيب عادت آ،
ڳيهون ٿا زهر جي چسڪين سان ڪانئي هيري ڪٽي.

اسان تہ سوچ جي واهڙ ڪان پئي پناهہ گهري،
چلن ٿا سمنڊ تفڪر جا تون بچاءَ ڏٽي.

سدائين ماڻ اها "ذوالفقار"، چانڊوکي،
اسان جي روح جي رڻ پٽ تي جيڪا رات چٽي!

---

(۱) مکيار = مختيار يا مرضيءَ وارو.
(۲) سارتر جي هڪ ڪتاب جو ٽائيٽل "آئرن ان دي سول". (Iron in the soul)

## حافظ محمد احسن چنا

●

دل ۾ تہ عڪس صاف عيان روئي يار جو،
هن آئيني ۾ نام نہ آهي غبار جو.
منصور هيءَ بہ حڪم نرالو تہ يار جو،
سچ ڪو چوي تہ سو بہ سزاوار دار جو.
اميد ڪان بدل ويون مايوسيون سندم،
آيو جو ڏيان رحمتِ پروردگار جو.
ناڪام دل ڪان منهنجي ٿي نڪري اها دعا،
پچندو نہ آسرو ڪنهين اميدوار جو.
پيريءَ ۾ ۽ شباب ۾ مان بي خبر رهيس،
عالم هو نشہ جو ۽ هيءَ عالم خمار جو.
ديدار اچ پساءِ تون ”احسن“ غريب کي،
مقبول ڪر هيءَ عرض تون هن جان نثار جو.

●

جڳ ۾ پيارو آهي دلدار نام تنهنجو،
پوءِ چوڻ مدح خوان ٿئي هر خاص عام تنهنجو.
شب روز نام تنهنجو وردِ زبان آهي،
هر وقت آ تصور دل ۾ مدام تنهنجو.
جنهن دم زبان مان تون ڪا گفتگو ڪرين ٿو،
هرڪنهن کي پيو وڻي ٿو شيرين ڪلام تنهنجو.
وحشت تہ مون کي تنهنجي، سوداءِ سر ۾ تنهنجو،
دل ۾ بہ ياد تنهنجي، لب تي بہ نام تنهنجو.
غمگين دل کي دلبر ڪو آسرو نہ آهي،
اميد دل کي ڏئي ٿو پيارل پيام تنهنجو.
سردار تون سڀن جو، مٽ ڪوڻ تنهنجو جڳ ۾،
آهي غريب ”احسن“ ڪمتر غلام تنهنجو.

سليم ڳاڙهوي

## سوال؟

نينهن جي مينهن کي نروار ڪجي يا نه ڪجي؟
آس جو واس ۽ ويچار ڪجي يا نه ڪجي؟
پرت ۽ پيار جو پرچار ڪجي يا نه ڪجي؟
يعني ڏک درد جو اظهار ڪجي يا نه ڪجي؟
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سُڻائي ڪنهن کي؟

قرب جي ڪوٽ، محبّت جي ادا تي بندش،
سوچ ۽ لوچ، سچائيءَ ۽ سخا تي بندش،
سوز جي ساز، ديانت ۽ وفا تي بندش،
درد جي دانهن ۽ سُورن جي صدا تي بندش،
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سُڻائي ڪنهن کي؟

ڏاڍ جا ڏينهن ۾ ڏهڪار ۽ هاڃا آهن،
روهه ۽ ڊوهه جي راڪاس جا راڳا آهن،
بخت ۽ تخت ڀڳو، تي پيا پاڳا آهن،
پڻ پيا ڏينهن الاهيءَ ۾ ورهاڱا آهن،
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سُڻائي ڪنهن کي؟

ديس جا، درد جا آڙاهه اجهائڻ خاطر،
من جي گلشن ۾ چراغن کي جلائڻ خاطر،
مُلڪ جي سيجن کي سنوارڻ ۽ سجائڻ خاطر،
پنهنجي بگڙيءَ کي وري پاڻ بنائڻ خاطر،
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سُڻائي ڪنهن کي؟

ڪيتري رنج ڀري آهه ڪهاڻي پنهنجي،
دل جي دُنيا ۾ رهي آس نماڻي پنهنجي،
تيز طوفان لڳو، شمع اجهاڻي پنهنجي،
وات جي وَر ۾ اچي، خاڪ اُڏاڻي پنهنجي،
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سُڻائي ڪنهن کي؟

غمَ ۽ ڳوندر ۾ ڪري ڪير ڳڏارو يارو!
آه! ظلمات ۾ آيو نه ستارو يارو!
ڪوبه ڪنهن جو نه ٿيو ساٿ، سهارو يارو!
واءِ، حسرت ۽ هلاڪت جو نظارو يارو!
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سڻائي ڪنهن کي؟

جيڪڏهن آهه، ته دُنيا ۾ بُرائي آهي،
جيڪڏهن آهه، ته عالم ۾ ڪُڏائي آهي،
هر جڳهه درد ڀري دانهن دُهائي آهي،
جا بجا ڪنهن کي ڪٿي ڪهل نه ڪائي آهي،
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سڻائي ڪنهن کي؟

پنهنجي برپٽ کي وري گل ۽ چمن ٿا گهرجن،
اي "سليم" آس جي دامن ۾ عدن ٿا گهرجن،
سوچ ۽ سچ کي سنوارڻ جا سخن ٿا گهرجن،
حال جا قال سڻڻ لاءِ به ڪَن ٿا گهرجن،
چا ڪجي چا نه ڪجي، ڪير سڻائي ڪنهن کي؟

عبدالجبار جوڻيجو

## ياد

— آهي پَڊَ جيتي پاڻ گڏ با هئاسين،
آتي جي ننا هاڻ گڏ جون—
تڏهن پڻ،
آهي پڊ گهٽوئي مِٺا ۽ گهڻو پيارا آهن.

— آهي ڪَسَ جتي پاڻ گڏجي گهمياسين،
آتي جي ننا هاڻ وڙڪون—
تڏهن پڻ،
آهي ڪس گهٽوئي مٺا ۽ گهڻو پيارا آهن.

— آهي بينچ جن تي رهاڻيون ڪيوسين،
آتي هاڻ ننا جي رهاڻيون ڪريون—
تڏهن پڻ،
آهي بينچ گهٽوئي مٺا ۽ گهڻو پيارا آهن.

— آهي شهر جتي ٽول وڃندا هئاسين،
آتي جي ٽتا ٽول هاڻي وڃون –
تڏهن بہ،
آهي شهر گهٽيون مٺا ۽ گهٽو پيارا آهن.

— آهي گهر جتي ساٿ هو ٻاڻ جو،
آتي هاڻ جي ساٿ ناهي،
تڏهن بہ،
آهي گهر گهٽيون مٺا ۽ گهٽو پيارا آهن.

— ۽ هي ڏينهن، جو هيٺن ڌار آهيون،
چا سچ پچ ڌار آهيون؟
جي آهيون تڏهن بہ –
هي ڏينهن گهٽيون مٺا ۽ گهٽو پيارا آهن.

## هائڪو

نينهن تہ آهي شينهن –
جفا ڪاري رات،
وفا چٽو ڏينهن.

چانڊوڪيءَ جو رنگُ
جذبن جي آه آڳ،
تنهنجو آهي هٿ.

اهڙو آءُ نادان –
جهڙو آهي چڪور،
تهڙا وهم گمان.

تنهنجو آهہ ڀروسو –
تنهنجي ٺڏڙي هيرَ،
جڳ جو واءُ ڪوسو.

استاد بخاري

## وايون

ازل ابد جا، حد بيحد جا، پلڪ پلڪ پاڇا.
اڪ آئينو،
اڇرج سينو.
فرش تماشا، عرش الائي ڇا! ڇا مان ٿيا ڇا ڇا!
اڪ آئينو،
اڇرج سينو.
پوءِ تي پوءِ اچون ٿا ’پاپا‘! اڳ ڪنهن اوڳاڇا؟
اڪ آئينو،
اڇرج سينو.
ڪاٿان ’تيءَ‘ ۽ ’ٽيٽيون‘ ڪيتر؟ ڪير ڪري ڪاڇا!
اڪ آئينو،
اڇرج سينو.
سَوَ سمجهاٽيون، سپهٽ هاٽيون، ڇا ٻه چوين چاچا!
اڪ آئينو،
اڇرج سينو.
جيڪا جانِ جهانن جي آ، سا شڪتي آ ڇا؟

●

نيهي ناتا ها، منهنجا تو سان ماڻهپا!
نيهي ناتا ها.
لوءِ لوءِ لوليءَ ۾ ڏنا، مون کي ماتا ها!
نيهي ناتا ها!
مون هي پاتي پونڻ تان، چونڊي چاتا ها.
نيهي ناتا ها!
ميرا، سادا ماروي، پنهنجا پاتا ها.
نيهي ناتا ها!
ڏرتي تنهنجي ڏوڙ ۾، دولهم ڏاتا ها.
نيهي ناتا ها!
ادڙن سان ”استاد“ تو، ڳنڍڻ ڳاتا ها.

## غزل

قضا، حيات مان اوريو، حوال منهنجو هو،
خدا، خضر کي ٻڌايو، خيال منهنجو هو.

پڪم بهشت جا قانون تنگ ٿي زوري،
ڪيئن ٻ قيد مان نڪرڻ ڪمال منهنجو هو.

صليب، توب، سزا مان صدا گجي منهنجي،
مسيح، مير، حسن جو مثال منهنجو هو.

هُيم ته شعر ۾ شرناءِ، پر نه ٿي ڇيڙ يم،
ملول شهر سڄي جو ملال منهنجو هو.

پڙهي سگهي نه نئين سنڌ ترجمي ڏاران،
ڏسي سگهي نه سيڏو ڪو جمال منهنجو هو.

”اچي جناب بخاري، نئون غزل ڳائي“،
جواب ڪوبه نه آيو، سوال منهنجو هو.

●

مان جو آهيان، آهو اهو آهيان،
صبح سج، شام جو ڏيو آهيان.

مان مڃان ٿو يڪو جليو هوندس،
تون چوين ٿو ته چمڪيو آهيان.

جيت جي شوق ۾ ڦَڪيم هارُون،
موتَ جي وات ۾ جيو آهيان.

جُنوڻ جيئري به يارَ مَنّبي آ،
مان برابر پيو، ٿيو آهيان.

تيز تڙڪو ته چانورو ٿڌڙو،
پيار ۾ پيڙ ٿي پيو آهيان.

آءُ ”استاد“ ڏوڙ جو داڻو،
ماڪ جي ميهر موڪيو آهيان.

آغا سايم

## پرم

جنهن وقت شام ميري،
تارن جي پائي چولي،
يادن جا سڙه ڦڙڪن،
ڪي نانوَ دل ۾ ڌڙڪن،
دل ڪونج ڄڻ تہ ڪاٿي،
وڇڙي ولر کان آئي.

جنهن وقت ٻنوند برسي،
۽ ڪونج ڪاٿي ڪرڪي،
تنهن وقت ياد تنهنجي،
پن ڄڻ جسو گيت ٻڌجي،
من ماٿريءَ ۾ گونجي،
اکڙيون ڀنل ڀنل ڄڻ،
موتن لڙيون ڇڳل ڄڻ.

آ وقت ڪيڏو ويري،
سورج لڙيو ٽپهري،
جهنگل مان مال موٽي،
مسجد ۾ بانگ گونجي.

ڏس، ڇانڻ شام آئي،
پوءِ موت جي اونداهي،
تارا ڪٿيون نہ ڏيڙو،
ساٿا نڪل وانهڙو.
اي موت! مان نہ مرندس،
صورت ڪنهن ٻيءَ ۾ جيئندس.

جنهن وقت چنڊ ڪڙندو،
ڪنهن دل ۾ پيار ٽڙندو،
مان دل جي ديولن ۾،
ڪو گهنڊُ ٻڌجي ڪڙندس.

تارن جي روشني ۾،
ٻن ڄڻ جي چانڊوڪي ۾،
مان گيت ٻڌجي گونجان،
آتر ۾ جيئن تہ ڪونجان.

مان ڀريون پيار جذبو،
مان خواب ڪو ڪنوارو،
مان مرڪ ڪن چپن جي،
آلاڻ اکڙين جي.
لالاڻ مان شفق جي،
۽ انڌلٽ آفق جي،
ساوڻ جي ڀرين بارش،
مان اکڙين جا آرس.

هي ڪئوڙَ سهڻا پيارا،
دلڙيءَ جا هن دلاسا،
جندڙيءَ جا هن سهارا،
ڪيڏو حسين پرم آ،
پر موت بي رحم آ.

## بي آواز شهر جي صدا:

دور، ڏاڍو دور ڪان ٿو اڄ وري ڪوئي سڏي،
جسم جي پاتار مان ٿو روح منهنجي ڪي ڇڪي.

شهر آهي سانت جو، جت لفظ بي آواز هن،
سانت ڄڻ ان شهر مان اڄ ڪا صدا ٿي پئي اچي.

گهر سڀ سينگاريل پر ڪوبہ رهواسي نہ آ،
واءُ در کڙڪائيندي ڪنهن جو پتو ٿي پئي پڇي.

آرزو جي شهر ۾ اڄ ٻن پيلا ٿا ڇڻن،
سڏ ڪندڙ پيلي هوا ٿي شهر ساري ۾ گهلي.

## غزل

اڄ وري هير گهلي، گل کڙيو آهستي،
نانءُ ڪو هانءُ هڻيو، چاڪ ڇڪيو آهستي.

درد جي هير گهلي، چاڪ پيا سڀ ڇڪي،
هٿ پاڻوه مان تو دل تي رکيو آهستي.

شهرِ دل جا تہ اڃا سنگهه هٿا رت رتل،
شفقِ درد نڙي، واءُ گهليو آهستي.

ڪالهہ اڌ رات جو ٿي بوند پئي، ڪنوڻ ڪنوي،
دل جي دروازي هو سڏ ٿيو آهستي.

ٻن ڇڻ، ٻن ڇٽيل جڻ تہ تنهنجا منهنجا خواب،
گهر جو ويران اڱڻ، چنڊ چڙهيو آهستي.

يوسف شاهين

## وايون

ڪره پچائين پور ــ ميان منصورُ.
سيرُ ڏي تہ سُهاڻ ٿئي، دائم رک دستورُ.
ڏِسُ ڏِسُ هن ڏيهہ تي، ڪيڏا ٿئا ڪلورُ.
رات ڪٽني روڄ جي، ٿئي شال آسُورُ.
ڪيئن سلي عام سين، جي يوسف ستا سورُ.

●

ڏيہَ مٿي ڏهڪار ــ هوشيار، خبردار.
جي ويٺي ويل وهامي، تہ ملي سڀ ميارَ.
پاڻا هلو ڀرت سين، هٿي سڀ هاڪار.
ويريءَ مٿي واهُڙي، وڏا ٿين وسڪار.
هلو هلو هڪل سين، چڙي پاڻ پچار.
ڪانئر هلندئي ڪينڪي، هٿي تيغ ترار.
سائيہ ڏنا سڌَ، تہ ڪرندا ڪنڌ هزار.
ڪيو ساڻ ”يوسف“ سين، ڪُسڻ جا قرار.

●

آئي جهيڙو ڪاڻ ــ لاهہ جهيڙو جيءَ تان.
لهي لوهُ لڳن تان، ٿل وري اهڙو واءُ.
ڍال جيان ڍوليا، هيڪر هلي آءُ.
پاڻا هڻ پڌر تي، پٽڪو مٿي پاءُ.
ڪهوڙيو ڪهوڙيو جنڊ ڙي، مُرڪي مٿان ماءُ.
سڏ ساڻ ”يوسف“ صدقي ڪيو ساهہ.

## الياس عشقي

# بيت

ساراهيان سبحان، جنهن سيد کي ساراهيو،
"وما ارسلناڪ الا رحمة للعٰلمين"، چيو منجهه قرآن،
سچو هيءَ جهان، پيدا جنهن جي لاءِ ٿيو.

ڪهڙي هئي سا خاڪ، جنهن مان خلقيو حبيب کي،
جنهن کي آدجڳاد کان، پرور ڪيو پاڪ،
"لولاڪ لما خلقت الافلاڪ"، آيو جنهن جي شان ۾.

ڪنهن کي هئي نه ڄاڻ، اڪي مرسل مير مين،
ڇا لئه آهي خلقيو، مولا هي مانڊاڻ،
"اوّل ما خلق الله نوري"، فرمايائون پاڻ،
پاڇو ڪونهي نور جو، آهي هيءَ اهڃاڻ،
چڱيءَ پر سڃاڻ، احمد عربي ڄام کي.

مالڪ نه ڏي عذاب، اڙو سون مسڪين کي،
پيو ڇا هوندو پاند ۾، اکين ڪونهي آب،
ڪيئن ان جي سامهون وڃان، ناهي اهڙو تاب،
منهنجو ولج حساب، سيد کان پاسو ڪري.

منهنجي دل جو حال، توکي آهه معلوم سڀ،
هيڻن جو توکان سواءِ، ڪندو ڪير خيال،
لڄ رکيج لڄپال، آءٌ اگهاڙو آهيان.

آءٌ اڪيلو آهيان، سترڪج ستار،
گذري وئي گناهه ۾، منهنجي سڀ ڄمار،
ڏڪ ج منهنجا ڏولڻا، رک نه پاڻ کان ڌار،
سيد تون لهه سار، تو ۾ اميدون وڏيون.

تو ۾ اميدون وڏيون، لهه تون سار سنڀال،
شافع آهين شفيع تون، مالڪ ۽ مختار،
منهنجا ڏوهه هزار، تون شافع ڏينهن قيام جو.

ڪنهن آلاپي پيروين، اڄ هيءَ سانجهيءَ ويل،
تنهنجي منهنجي روح جو، آهي سرن ۾ ميل،
آءٌ پرين سويل، سليون سور فراق جا.

من ۾ مچ مچائي ٿو، اڻچاتو آواز،
جڻ ته ڇڙي ٿو ڇيت ۾، ڪو روحاني راز،
يا ڪو مام مجاز، ڏسان پرين جي نيڻ ۾.

ستن سرن جي سيج تي، سنجهي جاڳي ڪيئن،
ڪنهن دل ني ولهار ۾، مڪڙيون ٽڙن جيئن،
منهنجا نيڻ به ائين، ڏسن خواب وصال جا.

سنجهي سرن جي سيج تي، ڪيئن گذاري رات،
پڇي ٿي پرڀات، هيءَ سنجهي جي سانت سين.

خوشبو آهه شراب، هر مڪڙيءَ جي جام ۾،
ڏسان پيو مان خواب، تنهنجي مست اکين جا.

ڪنهن کي ٿا ڳولين هي، راتين جا رولاڪ،
چوٽا لڪائين لوڪ کان، دل جا چڪندا چاڪ،
پرهه ڦٽي جي ماڪ، روئندي ڪنهن جي حال تي.

چانڊوڪي ۾ چيٽ جي، کهلي ٽڏي هير،
من ۾ آهي او ميان، آڌيءَ رات اڪير،
نيڻ وهائن نير، نينهن لڪايو نه لڪي.

## برڊو سنڌي

# گيت

سڏي ڏيئي مينهن جو خير ته ڏي،
ٽئو پيار پڄئي، ڇڏي وير ته ڏي.

منهنجا حال هجر ۾ هيٺا ٿيا،
وڏي ويڙن جا قت ٻيٺا ٿيا،
جي تو وٽ تن جي آهه دوا،
ٻوء چاچي ڏيرا! سوير ته ڏي.

هٿ سانوڻ ڪوڙها هاري ويو،
۽ ڪانگو سار اٿاري ويو،
آ مند مِلڻ جي، آڄ موٽي،
اچي يار پلنگ تي پير ته ڏي.

سان آيس هٿ ڪشڪول کڻي،
ٿڪو آهيان تو در، سِڻ هٽي،
جي پنج ڪٽي، ٿو پاڻ نه ڏين،
پلا، تنهنجي دران پيو ڪير ته ڏي.

ڏک پنڌ ڪڍهن جي قسمت سان،
اچي يار لنگهين منهنجي واند وٽان،
ڪري لائق لڪ منهنجي لانڍ لڙي،
ڪو ڦيرو وير اوير ته ڏي.

جو ڏيندين ساهه ۾ سانڍيندس،
جهي "برڊا" نيٽين لائيندس،
جي ڪين ٿو ڏين، اخلاص نه ڏي،
ڪڏي من جو غير ۾ مير ته ڏي.

## شيخ عبدالحليم ”جوش“

●

وري وري ٿو چوان دوستن جي ڳالهه ڪريو،
رکي رکي ٿا اوهين دشمنن جي ڳالهه ڪريو.

ڏکن جي پويان پڌون ٿا سکن جو دور ايندو،
سکن جي آس رکي ڪا ڏکن جي ڳالهه ڪريو.

بتن جي ڳالهه پڌان ٿو خدا ٿو ياد پوي،
خدا جي واسطي مون سان بتن جي ڳالهه ڪريو.

اکيءَ تہ سيج هئي سوري مشاهدو هو مرڻ،
دچي ٿا هاڻ چو دارو رسن جي ڳالهه ڪريو.

جتي ڏيئي بہ جلائڻ تي آهي پابندي،
ڪري سگهو تہ انهي انجمن جي ڳالهه ڪريو.

اوهان ڪي رنگ ۽ خوشبو جو قدر ئي ڪونهي،
چمن جي خار تہ پوءِ ٿا گلن جي ڳالهه ڪريو.

وطن ۾ جيڪي وطن لاءِ پيا سڪن يارو،
ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن غمزدن جي ڳالهه ڪريو.

بهار ۾ تہ گلستان وچڙ بہ ٿيندو آهه،
خزان جي دور ۾ مون سان چمن جي ڳالهه ڪريو.

اياز، ساز ۽ مجروح، راز ۽ تنوير، *
ڪڏهن تہ ”جوش“ سان ارباب فن جي ڳالهه ڪريو.

---

* ڊاڪٽر اياز قادري، محمد حسن ساز، علي محمد مجروح، مرحوم عبدالرزاق راز ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي.

## نواز علي "شوق"

# گيت

آءُ هلي او ساجن سائين،
آءُ هلي او ساجن سائين.

راحت ۾ رنگيني هر سُو،
مٺڙي مٺڙي خوشبو خوشبو،
مکڙيون ٽيون سڀ مهڪن سائين.

پياري پياري آ چانڊوڪي،
روشن روشن ٿي وئي ڌرتي،
تارا خوش ٿي ٽمڪن سائين.

ٿڌڙيون مٺڙيون خوب هوائون،
من کي موهن مست فضائون،
آشائون ٿيون مهڪن سائين.

## محمد علي "جوهر"

●

محبت ۾ نہ هوندو ڪو بہ يو مجبور مان جهڙو،
ڏٺي دلدار کي دلڙي نہ سهندو ڏور مان جهڙو.

اشاري يار جي تي مون لڳائي جان جي بازي،
زماني کي ڪٿي ملندو ٻيو منصور مان جهڙو.

ملي آ عشق ۾ پاڪر، ڪيم حاصل ڪمال اهڙو،
هوندو مجنون ويچارو وڌ ۾ وڌ مشهور مان جهڙو.

وڃائي هوش ۽ هستي، مٽائي موج ۽ مستي،
رهِ الفت ۾ ڪائي نوڪرون مغرور مان جهڙو.

حوادث جي تسلسل کان شڪستہ پر ٻيو ڪونهي،
شڪستہ دل، شڪستہ جسم چڪناچُور مان جهڙو.

نصيبن جو ڪَٽل، قسمت ڦٽل شايد هجي ڪوئي،
ڦٽيل دل جو، ڏڌل ڏک کان، سراپا سور مان جهڙو.

وفا جو مون وڌو "جوهر" ڏکيو ڏاڍو رواج آهي،
نباهي عشق جو سگهندو نہ ڪو دستور مان جهڙو.

## احمد خان آصف مصراڻي

●

رات هڪڙي جي رهين سون وٽ، رهاڻيون ٿي وڃن،
ڪجهه، رسڻ، پرچڻ ۽ قربن جون ڪهاڻيون ٿي وڃن.
درد دوريءَ جي ۽ مهجوري جي ساري مات ڪيو،
پر اچين: سُورن ۽ ڀُورن جون پڄاڻيون ٿي وڃن.
اي لڪي! لائق ڪري جيڪر ڏرين دستِ ڪرم،
جِن چنڊو ناهي چپر، سي ڳهر ڏياڻيون ٿي وڃن.
مُرڪ سان مهميز سان ۽ خُلق سان جن سان ڪيلين،
وانڍيون، وٺوانديون، راڄن جون راڻيون ٿي وڃن.
هٽ پريون ڪيئي حسينائون نه تو وٽ پيون قبول،
تنهنجي در مقبول ناقص ۽ نماڻيون ٿي وڃن.
درحقيقت دل ڏني "آصف" جي ديوانيون ٿيون،
عشق ۾ اڪثي هلي آخر سياڻيون ٿي وڃن.

## "وفا" ذاڻن شاهي

●

تنهنجو نُسخو ٻس اجايو ٿي ويو،
سُور اڪي ڪان ٻه سوايو ٿي ويو.
سنگدل سچ چئي ها سازي،
تنهنجي احساس جو سايو ٿي ويو.
مون کي دنيا سان ملڻ کان تو جهلين،
جيڪڏهن تنهنجو ٻس رايو ٿي ويو.
مستقل طور تي پنهنجو ٿي ويو،
عمر جو صبر سجايو ٿي ويو.
ساري دنيا سان اُهڻ مشڪل هو،
ڪوئي پنهنجو، ڪو پرايو ٿي ويو.
آءُ يي رند ٻلا نوش آهيان،
ڪنهن سوائيءَ سان سوايو ٿي ويو.
سچ جا ٻول ٻڌائيندي "وفا"،
دؤرِ حاضر جو وتايو ٿي ويو.

عبدالقيوم "صائب"

# رباعيون

( ١ )

هي دؤر مفادن جو ڪو دؤر آهي،
جيڪو به لڳو ان کي سو چؤر آهي؛
رت چوسڻ جي سڀڪو ڪوشش ٿو ڪري-
يارن جو هتي يار عجب طور آهي.

( ٢ )

مخلص به ٿيڻ آهي بيڪار جتي،
اخلاص کان هرڪو هو بيزار جتي؛
ار مجلس کان منهن موڙڻ بهتر هو-
هڪڙو نه ٻئي جو هو آڌار جتي.

( ٣ )

ڪاٺي کي ڪاٺو منهن تي چئجي،
راڻي کي راڻو منهن تي چئجي؛
ڏاهو جو اياڻپ ئي اياڻپ آهي-
تنهن کي ته اياڻو منهن تي چئجي.

( ٤ )

ڪوڙن جو ڪوڙو آهي ناماچار،
۽ ڪوڙ ڪپت سارو آهن لاچار؛
ڪوڙن تي هو سڙس ٿيو ٿا بيهن-
ان جو ئي ڪنيو ڪايو ڪن ٿا واپار.

( ٥ )

تاريخ به ڪوڙي هو ٿاهي ٿا وٺن،
ڪم ڪوبه هنن لاءِ رهيو ناهه ڪٺن؛
پنهنجي ئي سڃي تي جي سڀڪجهه ڪن ٿا-
تن کي سوڙيو آهي پنهنجي ئي سڃڻ.

نشتر ناٿن شاهي

# غـــزل

ساز محفل اندر خوب وڄندا رهيا.
مست مڙندا رهيا، نانگا نچندا رهيا.

ڪي صراحي ڪئون ۽ ڪي نظرن ڪئون،
هي ٻه پيئندا رهيا، هو ٻه پيئندا رهيا.

ساقي سر ڪي ڏنو، لال ڪرندا رهيا،
خير ملندا رهيا، نيڻ وڌندا رهيا.

گل ٻيو آ نڙي، خوشبو ڀڪڙي پئي،
ڀونئر مڙندا رهيا، واس وڌندا رهيا.

جام آئي ڏنئين، منهن تي پردو ڏري،
چپ پيئندا رهيا، نيڻ سڪندا رهيا.

زهر قاتل ڪٽي آئي ساقي ڏنو،
ڪي نشائي ٿيا ۽ ڪي پيئندا رهيا.

جام نظرن ڪئون ساقي جيئن جو ڏنو،
ڪي سنڀالي اٿيا ۽ ڪي ٿڙندا رهيا.

منهن تان پردو کڄيو، جام ڀرجڻ لڳو،
ساقي ڏيندو رهيو، رند پيئندا رهيا.

دل جي ڌرتي مٿان ڀرجي ٻادل آيا،
اشڪ ڳڙبا رهيا، نيڻ وسندا رهيا.

اڪ، اڪ سان ملي، دل جي ڌڙڪن وڌي،
سور نشتر وڌيا، لطف ڏيندا رهيا.

## سليم سرهندي

●

توکي سينگاري وهاريان دل ۾ ۽ سجدا ڪريان،
شل انهن سجدن ۾ ئي پورا پنهنجا پسه، پنهنجا ڪريان.

گهور سان گهائي هليو وئين هائي ويئو رات ڏينهن،
دل جا ٽڪرا جوڙيان، جوڙيو وري ٽڪرا ڪريان.

ڏوهه ڇا دل کي ڏيان توتي رکان ڪهڙي ميار،
عشق آ بڇڙي بلا، تون ڇا ڪرين آءٌ ڇا ڪريان؟

ناز سان مٿرڪي نشيلا نيڻ راڻا ڪن تہ، آءٌ،
ناچ دنيا کي نچايان غرق ميخانا ڪريان.

داورِ محشر اکيان آئي بيهاريان توکي پوءِ،
حشر جي ميدان ۾ هڪ حشر بيو برپا ڪريان.

ڇانوَ ۾ زلفن جي ڳائي گيت تنهنجي حسن جا،
جرجلو ملڪن ۾ ۽ حورن ۾ هنگاما ڪريان.

مست نيڻن کي مچائي ايترو ڇلڪائيان،
غرق ٿيان ۽ پاڻ سان گڏ غرق هي دنيا ڪريان.

داغ جا مهڪائي گل ۽ ٻاري لڙڪن جا ڏيئا،
دل کي ڏئي ڏوڪا سنڌ هر رات اوسيڙا ڪريان.

انبڙ لسٽ آپ مان پٽي، سڪڙيون بهارن مان اٿي،
آ پر ين وڪ وڪ تي تنهنجي دل سان گڏ ورڪا ڪريان.

توکي پنوڄي يا حسينن جي ڪري پانهنجي سليم؟
هڪ جڏي جيءَ سان پلا ڇا ڇا خداوندا ڪريان؟

## احمد خان ”مدهوش“

### هِن ملڪ جي مٽي

هن ملڪ جي مٽي جي سلامي ٿا ڀريون جو،
هن ملڪ جي مٽيءَ ۾ سُتل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي کي اسان اوچو ٿا سمجهون،
جو اوچو علم تنهنجو ڪُتل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي جو وظيفو به مقدس،
جو، قلب به مٽي سان ڳُتل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي لئه مرون ٿا ۽ جيئون ٿا،
جو روح به مٽي سان رُتل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي ۾ اَٿل وارو آهي ڳڻ،
جو، هِن جي نديءَ ۾ به اَٿل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي کي گران قدر ٿا سمجهون،
جو هن جي توازن ۾ اَٿل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي کي جيڪو نيچ ٿو سمجهي،
سو عقل جو انسان ڪُٺل آهه قلندر.

هن ملڪ جو هر شخص سرِ صبح سرِ شام،
مٽي جي محبت ۾ رُڌل آهه قلندر.

هن ملڪ جي سوچن جو آ پرواز مٿاهون،
جو هِن جي سهي سوچ، چٽل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي جون لڇون رهنديون سلامت،
جو هِين ۾ حيا وارو ٻڪل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي نه جهُڪي آهه نه جهُڪندي،
جو هِن جي خودي ٽوٽ سڪل آهه قلندر.

هن ملڪ جي مٽي تي اچي رقص ڪري ٿو،
جو قرب ۾ ”مدهوش“ ڪُٺل آهه قلندر.

ميووخان موج لغاري

## سنسار ۾ آهي ٻه ڇا؟

اڄ سڄڻ، محبوب سان، انڪار ۾ آهي ٻه ڇا!
دل جا دلبر دلربا ديدار ۾ آهي ٻه ڇا!

هوندي تہ هن ديدار جو مُلّ آهہ ساري ڪائنات،
هن جي قيمت، جڳ جي ڪاروبار ۾ آهي ٻه ڇا!

دل جا دلبر ديد تنهنجي منهنجو من مستان ڪيو،
توکان ٿي دلبر تو سوا سنسار ۾ آهي ٻه ڇا!

تنهنجي ناوڪ نينهن جي ناچيز کي نيشان ڪيو،
ڪر تہ ابرو ٿي: ڪيو، تلوار ۾ آهي ٻه ڇا!

ٿي چڪو تنهنجو فدائي تنهنجي فرقت ۾ فنا،
ڏس اڄي حالت، نبل نادار ۾ آهي ٻه ڇا!

آءُ عاشق جي عيادت لئي ٻري کي چار پير،
ڏس بدن ۾ ساهہ، پيو بيمار ۾ آهي ٻه ڇا!

منهنجي مسڪيني ٿي نظري عيب توکي اي عجيب،
منهنجي الفت ۾ وفا، زردار ۾ آهي ٻه ڇا!

بي بقا آهي برابر لوڀ لالچ جو لحاظ،
قرب ڏيئي قرب وٺ، ڪلدار ۾ آهي ٻه ڇا!

بيوفا ۾ ڪٿ وفاداري جو ڪوئي اير ٻير،
هن فسادي فتنتي فنڪار ۾ آهي ٻه ڇا!

راڳ سان جي روح اٿيئي تار ڳنڍ ڪلتار سان،
سور تند ستار جي يڪتار ۾ آهي ٻه ڇا!

منهنجون اوڻايون نہ ڏس ۽ منهنجي عيبن کي نہ جاچ،
ڪج ڪچايون منهنجون ڪل، آڻار ۾ آهي ٻه ڇا!

### "معمور" يوسفاڻي

## غزل

حاصل ڪرڻ گهران ٿو مان اهڙي حساب کي،
ڏسندو رهان سدائين رخِ ماهتاب کي.

شڪوا، شڪايتون ۽ سارون مري ويون،
پورو ڪيو مون جڏهن وفا جي حساب کي.

پروا نه مون کي آهه زماني جي ڏاڍ جي،
آڏس چڙهي مان پوئتي سڪ ۽ عذاب کي.

خطرو گهڻو، لڳڻ جو رهي جنهن کي ٿو سدا،
سو چنڊ ڪيئن ٿو پهچي سڄڻ جي شباب کي.

دنيا سڄي جهڪي ٿي سڄڻ يار جي اڳيان،
چئلينج ڪيئن ڪري ڪو سندم انتخاب کي.

"معمور" هٿ ٻڌي ۽ جهڪي احترام سان،
منهنجا سلام پهچج تون عالي جناب کي.

### مهرالنساء "مهر" پروين

●

اڄ عجيبن جي اچڻ جي انتظاري ٿي اٿم،
آهه بي چيني وڌي، ۽ بي قراري ٿي اٿم.

اوچتو قاصد قريبن جي چيو، هو ٿا اچن،
شڪر جو ورهن کان پوءِ پئي، پونواري ٿي اٿم.

محب ڪئي مهرباني، وصل جو وعدو ڏنئي،
گوندرن جا گس ڊهي ويا، برقراري ٿي اٿم.

هو نيدوري نانءُ ڏريل، يار سهڻي کان سواءِ،
ميڻجي ويو منت ۾ سو نامداري ٿي اٿم.

آس اندر ۾ هئي جا، يار جي ديدار جي،
سا پني، ساجن مليو، اڄ آبياري ٿي اٿم.

پانهه پيلي "مهر" جو، محبوب مشفق آهه ٿيو،
اڄ عجيبن کان وري، امداد جاري ٿي اٿم.

نثار بزمي

# غزل

هونءَ ڌار ته آهيون پَرَ، سڀنن ۾ ته گڏ آهيون.
ڳائڻ ٿا ڳائڻ وارا، نغمن ۾ ته گڏ آهيون.

هڪ ٻئي کي ڏسون ته نه ٿا، آواز ته ٻڌجن ٿا،
سوچ جي ڪٿي ڏسبو، لفظن ۾ ته گڏ آهيون.

طوفان لڳيا ناهن، برسات پٽيا ناهن،
پيرن جي انهن پختن، نقشن ۾ ته گڏ آهيون.

تون ڌار اِتي آهين، مان ڌار هتي آهيان،
ميلو ته نٿو ٿئي پر، مهڻن ۾ ته گڏ آهيون.

تون ۽ مان ٻئي پنهنجن، اُڙڪن کي لڪايون ٿا،
نفعو ته مليو ڪونهي، خرچن ۾ ته گڏ آهيون.

تون مون ۾ ٻيل آهين، مان تو ۾ ٻيل آهيان،
اکين کان پري آهيون، جسمن ۾ ته گڏ آهيون.

تون مون کي سنڀارين ٿو، مان توکي تنوار يان ٿو،
جلون کان جدا آهيون، جذبن ۾ ته گڏ آهيون.

هڪ ٻئي جي جدائيءَ جو، افسوس ته ڏاڍو آ،
خوشين ۾ ڪٿي ناهيون، صدمن ۾ ته گڏ آهيون.

ٿيو حال نه جي حاسي، ڏک ڪهڙو ڪجي آن تي،
ماضيءَ جي مٺن پيارن، لمحن ۾ ته گڏ آهيون.

هر پاسي هلن ڳالهيون، ٿيون پيار اسان جي جون،
هن ملڪ جي ماڻهن جي، گفتن ۾ ته گڏ آهيون.

معشوق ٿو سڏجين تون، عاشق ٿا سڏن مون کي،
”بزميءَ“ جا سڄڻ! اهڙن، لقبن ۾ ته گڏ آهيون.

رشيد "ارشد"

# پنهنجي وطن ۾!

اي منهنجا خدا، منهنجا خدا! پنهنجي وطن ۾،
قائم رهي آزادي، اِها پنهنجي وطن ۾.

تابنده، زنده رسمِ وفا‌ پنهنجي وطن ۾،
مفلوج و تبه دستِ جفا پنهنجي وطن ۾.

آهن ميئي "ارشد" ڪان خفا پنهنجي وطن ۾،
خود ساخته، مصنوعي خدا پنهنجي وطن ۾.

هن ديس تان جي ڪو جڏهن قربان ٿئي ٿو،
ماڻي ٿو شهادت جا مزا پنهنجي وطن ۾.

مقصد جي محبت ۾ يڪ آواز ۽ يڪ روح،
گرچ ٿا ڏسو لَهجا جدا پنهنجي وطن ۾.

هر ذري ۾ رت آهي شهيدن جو سمايل،
چڻ قوسِ قزح ارض و سما پنهنجي وطن ۾.

محروميءَ منزل جي اها وجه آ شايد،
هر گام تي صد راه نُما پنهنجي وطن ۾.

خوش منظر و خوش رنگ به هرڪس نظر آيد،
سيني ڪي وڻي رنگِ حنا پنهنجي وطن ۾.

دل خوش ٿي ٿئي، نيڻ ٺرن ٿا ڏسي "ارشد"،
اُلفت ۽ اُخوت جي فضا پنهنجي وطن ۾.

مير محمد پير زادو

# گيت

چا لئه بند ڪيئون ساز،
وري اڄ،
ڇيڙ يئون ڪائي تار،
ڏيندا مينهن ميار!
او يار،
ڏيندا مينهن ميار!

سائي سائي ساوڪ ڇائي، منڊ ملڻ جي آهي آئي.
پکي به لاتيون خوب لنون ٿا، سڀڪنهن جي لئه آ سرهائي.
اهڙيءَ موسم ۾ او مٺڙا! رهڻ نه گهر جي ڊارئون ڊار.
ڏيندا مينهن ميار...

سمو سهانو آهي آيو، گيت ڪڪر آ روئي ڳايو،
منهنجي من جا گهاءُ انوکا، شايد مون جيان هو پڻ گهايو.
راتيون جاڳي آءُ رئان ٿو، هو به ڪڍي ٿو آپ ۾ پار.
ڏيندا مينهن ميار...

جواني پنهنجيءَ ڪئونج نه ڪيا، جذبن جا وڻ پاڙئون وڍيا،
هڪڙا ڇٽيا، ٻيا گل ڦٽندا، تو سان ايندا ڳنڍيا، ڳنڍيا؛
آءُ نه وري اڄ ڦولون ڦهلون گلڙا ٽيڙي جهولئون ڏار.
ڏيندا مينهن ميار...

تنهنجي خوشبو منهنجي خوشبو، دنيا ۾ جي گڏجي پونديون،
نفرت نفرت، ڪلفت ڪلفت، دنيا ۾ پوءِ مور نه رهنديون؛
هرڪنهن جي لئه هڪجهڙائي مينهن مثل ڪي ٻڪڙيئون پيار.
ڏيندا مينهن ميار...

ٻوتر ٻوتر ٻتيون ٻوريون، ڊڦهونا، ڪوڙا ويڄا جهوريون،
گڏجي جهومون، گڏجي ڳايون، گڏجي چنگ چڙن ڪي ڇوريون؛
اونداهين سان الجهون اٽڪون، ڪنوڻين جيان ڪيون ان تي وار.
ڏيندا مينهن ميار...
او يار،
ڏيندا مينهن ميار!

عابد لغاري

## غـــزل

منهنجي حالت کي ڏسي اڄ آسمان روئي ڏنو،
هن جهان سان گڏ، مڪان ۽ لامڪان روئي ڏنو.

حسرتن سان گڏ اميدن ۾ سدا هلندو رهيس،
هر قدم جي ڪهڪشان ۽ آسمان روئي ڏنو.

منهنجي حالت کي ڏسي هو به ديدهٔ تر ٿي ويو،
ٿو خوشي ۾ اڄ رئان جو، جانِ جان روئي ڏنو.

دل جي ٽڪرن کي ڏسي، منهنجو جگر ٽڙڻ لڳو،
روح هڪ هو رازدان، تنهن رازدان روئي ڏنو.

اوچتو ٺوڪر لڳي ۽ منهنجي حالت غير ٿي،
همسفر ششدر ٿيا ۽ ڪاروان روئي ڏنو.

مون مسيحا کي چيو، اڄ زندگي مون کي ڏئي،
مون کي ڏاڪر ۾ ولي روحِ روان روئي ڏنو.

منهنجي روئڻ ۽ لڇڻ جو ڪو اثر ايڏو ٿيو،
مهربان هرڪو رنو، نامهربان روئي ڏنو.

بعد منهنجي موت جي آ بي وفا محفل ڪئي،
ياد عابد ۾ ڏٺم، اڄ ميزبان روئي ڏنو.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

## هيڪل ماڻهو

هن جڳ ۾ جي هيڪل آهن،
سي سڀ ڪجهه ناهن،
سڀ ڪجهه آهن:
هڪڙا جيڪي —
پيار محبت لئي آسا پياسا،
روڪي جوڪي آس نراسا،
تن جو جيون خالي آهي،
تن لئي دنيا اونده آهي،
دنيا تن لئي ڪجهه به نه ناهي،
سي هن جڳ ۾ هيڪل آهن،
سي ئي سائين! سڀ ڪجهه ناهن.
پر هڪڙا جيڪي —
جڳ ۾ جاءِ وٺڻ جي بدران،
جڳ کي پنهنجي جيءَ اندر هو—
جوڙيندا هين
۽ پنهنجو پاڻ کي ٽوڙيندا هين،
سي ئي نيارا پيارا ماڻهو،
دنيا کي ڪجهه ڏيندا آهن،
گهور دنيا لئي ٿيندا آهن.
سي ئي ماڻهو محب مفڪر،
سي ماڻهو پڻ دانشور،
سي ئي ماڻهو هادي رهبر،
سي ئي ماڻهو تخليق ڪار،
سي ئي ماڻهو جڳ سنسار،
سي ئي ماڻهو ڪن هبڪار،
سي ئي ٿورا ڪين هزار،
هو جڳ ۾ هوندي هيڪل آهن،
سي ئي ماڻهو سڀ ڪجهه آهن.

انيس انصاري

## غزل

گلن سان گڏ رهن ٿا خار! ڇا ڇئجي،
قيامت جا اهي آثار! ڇا ڇئجي؟

رهي آ ڪين ڪي الفت زماني ۾،
نه ڪو ساٿي، نه ڪوئي يار! ڇا ڇئجي؟

ڀيڻن ڪان ڀي ۽ ڀائر پنهن جي ڀائن ڪان،
زماني ۾ ڏٺم بيزار! ڇا ڇئجي؟

ڏسان ٿو مان گهڻو ڪجهه، تنهن جي محفل ۾،
ٻڌڻ سهنجو، چوڻ دشوار! ڇا ڇئجي؟

ستل آ ساقي بي خبر، زماني کان،
ڏٺو مون چور کي بيدار! ڇا ڇئجي.

پيالن تي پيالا پي به جاڳن ٿا،
رڳو تون ٿي پئي سرشار! ڇا ڇئجي؟

ڏسو سُٽَ جي بها تي يوسف ڪنعان،
وڪامي ٿو سرِ بازار! ڇا ڇئجي؟

رحيم بخش ”قمر“

●

اي ماهِ جبين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ،
اي دل جا نشين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ!

اڄ عيد جي آغوش ۾ آرام نه آهي،
خوشحال هجين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ!

ڳوڙها ٿا ڳڙن تو کان سواءِ عيد تي دلبر،
هنڙي جا مڪين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ!

خوشحال هجين شال تون پرديس ۾ پيارا،
ڏک ڪين ڏسين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ!

گلزار ۾ ڪهائي ٿي مٺا تو کان سواءِ عيد،
ٿو ڪين اچين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ!

اشعار هي ارسال ڪري توکي ”قمر“ ٿو،
سوغات حسين، منهنجا سڄڻ عيد مبارڪ!

تاج جويو

## وايون

(۱)

ڪڏهن ننڊين، سچ؟
سپنا، منهنجي ساهہ جا!

عشق اجاريو جيءَ کي، من ۾ ٻاري مچ،
سپنا، منهنجي ساهہ جا!

نينهن نمازون گهوريون، اڄ اڄ، من ۾ نچ!
سپنا، منهنجي ساهہ جا!

جتي سايو سچ جو، ڪين پڄي اُت ڪچ!
سپنا، منهنجي ساهہ جا!

سونهن سنڌيءَ سرهاڻ ۾، اڄ اڄ، راتا رچ!
سپنا، منهنجي ساهہ جا!

(۲)

سچ سنگر جي وات تي، پنهنجا اوچا ڳاٽ،
گهوريو گهوريو جند ڙو!

ڏيئا ڏيئا هٿ ۾، روشن روشن وات،
گهوريو گهوريو جند ڙو!

آڏي، پانڌي پنڌ ۾، ستاڻ وڃي مات،
گهوريو گهوريو جند ڙو!

امرتا تي نينهن جي، گهورايا گهر گهاٽ،
گهوريو گهوريو جند ڙو!

لڙڪن ليڪ لوساڻيا، چيري عشق چراٽ،
گهوريو گهوريو جند ڙو!

## خاڪي جويو

### بيت

انڌي، وِهندي، سُمهندي، تن ۾ تنهنجي تات،
وائي نہ ٻي ڪا وات، سوا تنهنجيءَ سونهن جي.

اونداهيءَ جي انڌ جوڙ، وِڇون سپ وسار،
اهڙو ڪوئي ٻار، ڏيکو پنهنجيءَ ڏات سان.

تن اسان جو تيئن، ترڙ پي لُوندو لاترڙي،
پره ڦُٽيءَ جو ديئر، پکي ڪن ٿا ٻوليون.

سرتيون ٻڌم سڏ، جڏهن جوڀن رت جو،
گوندر سان مون گڏ، ورتي واٽ وجود جي.

جيئن جيئن ڪيو سڏ، سرتيون سِڀني سونهن جي،
تيئن تيئن مون آ گڏ، گوندر سان گذاريو.

آدرشي انسان جو، آهي آر نہ پار،
جيسين نيڻ نهار، تيسين اور عوام سان.

دل اندر درياهہ، وهي سونهن ورونهن جو،
جنهن کان ٿي آگاهہ، چت ڀريان ٿو چاهہ سان.

هاڻ اسان جو هنج، چُڳي موتي چاهہ جا،
گڏ ڪري مون گنج، من ۾ رکيو موهہ جو.

پرين ”در پُورا“، ايندا ڪڏهن مون گهرين،
”خاڪيءَ“ ۾ ڪُورا، ٻرن جن جي ياد جا.

اڪ السي ڪول، تہ ماڻي مُرڪ پيار جي،
کِهلا هيئن نہ ڪول، ٻاڙان ڏار ڀريٺون.

اکيون منجهہ آڪاس، ڦرندي فوجن وانگيان،
ٿيون نيٺ نراس، گولينديون ڪنهن ڳالهہ کي.

جنني ڪارڻ جيءَ، رڙيون ڪندي روهہ ۾،
تنني ڪارڻ ٿيءُ، پرزا پهڻن وچ ۾.

## سور هالائي

### غــزل

پنيءَ جي ويل ٿي آهي،
هـوا ٺڏڙي کهلي آهي.

—

پنهون چوري نہ ٿي ويندو،
سسئي جـاڳي پئي آهي.

—

وري سالهہ جون ساڪون،
ڏيـڻ سـارئي، هلي آهي.

—

نئين روشن ســورج جي،
خـبـر خـاصـي ملي آهي.

—

او! منهنجي ديس جا لوڪو!
اٿو! ســي روشـني آهي.

—

هـوا ڪـجـرا جهلي بيٺي،
سـواڪـت جـي گهڙي آهي.

## شفيع چانڊيو

### وائــي

اڪيون آجايل يار اسان جون ــ ساجن تــوڪـي سارين،
گوندر منجهہ گذارين.

ــ توکي سار يو، سار يو ـپرين ــ هـنجون روز هارين،
گوندر منجهہ گذارين.

ــ ڏاڍو ڏور وڃين جو ويلين ــ منجهہ صبوح سنپارين،
گوندر منجهہ گذارين.

ــ ديد لئہ پڪن در در دلبر ــ راهــون روز نهارين،
گوندر منجهہ گذارين.

نصير مرزا

# اهو باغ

جتان هاڻ دريا وهي پيو،
آتان روز باغن ۾ ويندو هئس مان،
آبلڪ تي بابا جي پٺيان ويهي (ڪيس پاڪر وجهي)،
ڏڏڙ ڏوڙ ڏنڊلن نظارن کي ڏسندو
آيل جون، بابا سان ڳالهيون ڪندو ـ مُرڪندو.

اهو باغ اڄ خواب ڪوئي لڳي ٿو،
نه ڪويل، نه ڪُوڪُو،
نه بُلبل، نه خوشبو،
رڳو بس سڏي لهر ـ ڌاڙي جي دريا،
۽ ان جي ڪپر سان پري تائين،
عجب رنگ بنگلن جي جهرمير قطار،
۽ ان ڪان اڳيان پوءِ ويران بَنُ،
ازل ۽ آبد جو پيانڪ ملاپ،
آڪاش ۽ سمنڊ جي سرد سنگم جو منظر،
خلائي خلا... خلائي خلا... خلائي خلا.

ڪڏهن شام جو،
ريل جي بند تان يا ڪ، دريا جي پُل تان،
گهنٽي وڄائيندو سائيڪل جي،
اڻ ڄاڻ ڳوٺن ڏي نڪري جي پوندو آهيان مان،
ته، گهنٽيءَ جي ٽِڻ ٽِڻ ۽ دل جي ردم تي،
ڇڻن منجهه ڇوندو پيو آهيان مان،
سدا ديس منهنجي تي سورج جو پرڪاش قائم رهي،
هوائن ڏِسائن ۾ دريا جي دم سان هي سرهاڻ دائم رهي.

فصل ۽ نسل مهڪندا جهومندائي رهن سڀ سدا،
پرائي اُنهيءَ باغ جان مان،
هجان
نــه
هجان!

## ادل سومرو

### وينتي

ڪنهن پل پلجي اوسانڻ!
جي مان توکي ياد پوان،
منهنجا وڻ وساري ڇڏجانءِ،
هيءَ ڪا ڳالهه پراڻي ناهي،
ڪوڙي ڪا آکاڻي ناهي،
ڪنهن جي لاءِ سمجهاڻي ناهي:
وڏ گهراڻن راڄن ۾،
جڏبن جي اهميت آ ڪهڙي!
سوپ اوهان جي در جي ٻانهي،
سڀئي شڪستون منهنجون آهن.
منهنجي هرهڪ فوتو کي تون،
تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏجانءِ،
منهنجا سڪتا خط جي تو وٽ،
آهن، تن کي ڦاڙي ڇڏجانءِ،
يا منهنجي سادي هرهڪ سٽ تي،
ڪاري مَس تون هاري ڇڏجانءِ،
منهنجا وڻ وساري ڇڏجانءِ،
جي مان توکي ياد پوان،
ڪنهن پل پلجي اوسانڻ!

## اياز گل

### غزل

توسان گڏجي ٿا گذاريون جاني!
ڀاڳ پنهنجا ٿا سنواريون جاني!

ڀاڻ سان پيار اچا ڏاڍو آ،
ڪيئن توکي ٿا وساريون جاني!

ڪنهن به چهري کي ڏسون ايئن لڳي،
تنهنجو چهرو ٿا نهاريون جاني!

سج ناهي جي چڙهيو ڇا ٿي پيو،
آءُ ڪو ديپ ٿا ٻاريون جاني!

جڳ ڀل ته ڪري بندوق سڌي!
پاڻ ڳيرا ٿا اڏاريون جاني!

ذهن خالي ٿا ڪٿي گهمندا وتون،
ٻنڙي يادون ڏي آڏاريون جاني!

پاڻ ته ٻڌندا وڃون هر لمحي،
توکي ڪيئن پار آڪاريون جاني!

رتُ انسان جي ته پيي ٿا وڃون،
مڪ پيل چانهه ٿا هاريون جاني!

واجد

●

رات ۾ ڪيڏي ٻـ، قربدار سهي،
رات پوءِ ٻه، ته، رات ئي سڏبي.
زندگيءَ ڪان ته اوپرو ئي وئين، موت ڪان ٻه، ڇا هاٿي دل پلبي!
پوري جڏهن ٻه تـي وئي پيڙا، ڪ تـوڪـيـئـي ڏبي ۽ وٺبي.
خـود هستيءَ جـو ڀرم ٽوڙي، ڇـا بچائي ڀـلا خـودي ۾ رکبي!
جيڪا هر آس ڪان آڇاڻ هجي،
ڇا، ڀلا سا ٻـ، زندگي چئبي؟

محمد علي پٺاڻ

## وائي

گوندر ڳاڏئون ڇاھ،
ڪونهي واهوندي جـو واءُ!

ڏڪ ڏانـداري ريڙهي پيئي، سڙيل سڪن جـو ڳاھ ـ
ڪونهي واهوندي جـو واءُ!

تنهنجي گهر جي رستي ۾ اڄ ٽـٽـي پـيـو هـرساھ ـ
ڪونهي واهوندي جـو واءُ!

سائـي وادي سمرتين جـي، سـاڙي ويـو سـوداءُ ـ
ڪونهي واهوندي جـو واءُ!

ڪنڊن هـاٿـن هـٿـڙن سان، ڇـو ڇـاڇولين هر ڳهاءُ ـ
ڪونهي واهوندي جـو واءُ!

رڃ نـڪر ۾ پنڪان ٿو پيو، آءُ پـريـن تـون آءُ ـ
ڪونهي واهوندي جـو واءُ!

## نياز پلهور

### غزل

سڏڪا هوندا، ٻن چڻ رت ۾،
جذبا رئندا، ٻن چڻ رت ۾.

ننگا هوندا لڳ وڻن جا،
سڏڪي پوندا ٻن چڻ رت ۾.

ماڻهو هوندا پر سڀ موکيا،
گهمندا رهندا، ٻن چڻ رت ۾.

بسنت رت ۾ ڪين مليا جي،
نيٺ تہ ملندا ٻن چڻ رت ۾.

منهنجا سارا شعر زبان تي،
اٽڪي پوندا ٻن چڻ رت ۾.

بسنت رت ۾ طنز اسان تي،
ڪنهن کي ڏسندا ٻن چڻ رت ۾.

اٽڪي پيا اوسيڙا اک ۾،
ڳوڙها ٽيندا ٻن چڻ رت ۾.

مان جيئن تيئن گذاري ويندس،
هو ڪيئن جيئندا ٻن چڻ رت ۾.

## غلام حسين رنگريز

### غزل

نظارا نيارا نيارا وطن جا،
پٽڪا پڳ پوٺا پيارا وطن جا.

امڙ سنڌ، تو سان اکين جون آسيريون،
مٺا مور ماڻهو موچارا وطن جا.

هتي ڪٽڪ سونا ڪڏي سنگ جهُومي.
لڳن سرس سونهن ۾ ستارا وطن جا.

هي جوڏا، هي دودا، هي جهونجهار جا ڪيا،
هي ڌرتيءَ دُلارا سهارا وطن جا.

هتي پيار پلجن هتي قرب ونڊجن،
موهي مَنُ موکي متارا وطن جا.

هي مهراڻ موجون، هي ساگر جون لهرون،
وڻن واه ڪينجهر ڪنارا وطن جا.

تپي تاڪ رنگريز، رجي رڱ پوندو،
ڳري ڳت ويندا هي سارا وطن جا.

مقصود گل

## نظم

وقت گذري نٿو، وقت گذري نٿو،
تو سوا اي سڄڻ، وقت گذري نٿو.

چنڊ جي روشني تي وني آ جهڪي،
سرڪ تارن کان ڪنهن ڇڻ ڪسي آ وتي،
پاڪ جو ڪو ستارو به اڀري نٿو. وقت گذري نٿو.

ڇو ته موسم ڪسي وئي آهه ڪينسر رئي،
سرڪ گلڙن جي منهن تي نه ڪنهن آ ڏئي،
ڪو به غنچو خوشيءَ جو ته نسري نٿو. وقت گذري نٿو.

وقت جي پيرڙن ۾ لڦون تي پيون،
وقت کان اڄ وڪون ڇو ته وسري ويون،
فاصلو وقت کان ڪو به نبري نٿو. وقت گذري نٿو.

"گل" ۽ مسڪڙيون ويون ڇو ته ڪومائجي،
پاڪ جي عرش تي وئي غمي ڇانئجي،
تنهنجو نالو مٺا يار وسري نٿو. وقت گذري نٿو.

ج. ع. منگهاڻي

## غزل

جيون جا هِن رنگ نيارا،
جيڪو چاڻي تنهن جا وارا.

ڪڏهن تہ موتين جهڙا ماڻهو، ملئو وڃن ٿا پل ۾ پيارا.
نظرن جو آ چڪر سائين، اندلٺ روپا ماڻهو سارا.
چنڊ بنا ڪيئن گذري رات، ساڪي رات سڄيءَ جا تارا.
ڳڻجي ڀرين وک وڌ پاسين، ڳل ڏي ڳل ٿيا سڀ چارا.
مان جا سپنا، مان جون سوچون، ڪيڏا پيارا هِن نظارا.
وڪريل جيون ميڙي سگهبو، بيوس ڪيڏا اسين ويچارا.
ڏک لپاٽون ٻنهي ڳلن تي، مرڪن ماڻهو پيا اسارا.
ڪجهہ تہ "منگهاڻي" ٿيو آ ترپر، لامارن ۾ آهن چارا.

مريم مجيدي

●

وقت، توسان هر طرح ناتو نباهيندا اچون،
هر گهڙيءَ هر پل نئون هڪ گهاوَ ساهيندا اچون.

ڇا ڪري ڪو، ڇا چوي ڇا، هي زمانو زور جو،
ڪو پيو ڏاهي قيامت، پاڻ ڏاهيندا اچون.

ڇهڪ ڇهڪن، درد ٿهڪن، پر نہ نڪري ٻاڦ ٿي،
جي ڪيا ٿورا اوهان، ان ريت لاهيندا اچون.

جت نہ اڄ تائين وِٿا ڪي سڪ جا ساٿوڻ آتي،
قرب جا ڪورا نڪورا واهہ واهيندا اچون.

جيءَ ۾ جذبن جا جتا، راهن تي ڪانڊيرا ستا،
ڪن کي لٽيندا، ڪٿي هٽيندا، ڪن کي ڳاهيندا اچون.

ڪو ڏڪاري يا وساري، آهہ مرضيءَ جو ڏٺي،
پاڻ سينني کي سدا دل ساڻ چاهيندا اچون.

ستار

## گيت

منهنجو من اداس، الا لا،
منهنجو من اداس.

آڀ تي بادل، پٽ تي ڦڙ ڦڙ،
ڪين ٻجهي ٿي پياس، الا لا،
منهنجو من اداس.

ڪو تہ وري ڪانگل قاصد،
ڪاڻياري ڪنهن تہ ڪياس، الا لا،
منهنجو من اداس.

پنڌ ٿيو آ ساجن شايد،
واسيو واءُ ڪي واس، الا لا،
منهنجو من اداس.

ڏينها ٻري هاڻ اجهاڻا،
رات نہ آئي مون کي رس، الا لا،
منهنجو من اداس.

سڄ سلڻ جو وقت ويو،
ڪير ٽنگيو اڄ ٽياس، الا لا،
منهنجو من اداس.

ڪرڻ اڙهو ۽ ڪنڌ ڪريو،
ڪنهن کي آيو ڪين قياس، الا لا،
منهنجو من اداس.

ذوالفقار سيال

•

تنهنجون يادون ڳل روئن ۾، ورنہ چاهي هن گلشن ۾.
ساٿهو، ساٿهو، ڪين سچائي، ڪيڏو ويڇو، آيو ڪن ۾.
مسجد، مندر، لوڪ وچي ٿو، ڪين ڏٺو ڪنهن پنهنجي من ۾.
توکي ڪيئن وساريان ساجن، تون ٿي نيڻن جي پلڪن ۾.
ڇيري ويو آ ڦر اسان کي، ورنہ چاهي خالي ٻن ۾.
دور پريان کان ڳوڙ اچي ٿو، رقص جوکڙڪو، آهن ڪن ۾.
ڳالهہ ڪرڻ جو ڏانءُ آ پنهنجو، ”ذلف“ ڪري ويو، پنهنجي فن ۾.

نذير ناز

## ماڻهو

هن ڌرتيءَ تي ڪي ڪي من ڪي وڻندا آهن ماڻهو،
سي ئي حسن جي وستي ۾ وسندا آهن ماڻهو.

ڪنهن کي پنهنجو سمجهون اسين ۽ ڪنهن کي پرايو سمجهون،
ڌاريُن کي ئي پنهنجو ڪري هت سمجهندا آهن ماڻهو.

اجڙيل بستيون اجڙي پيهر وري وَسجن ٿيون،
اجڙ دل جي وستيءَ کي پر نه وسندا آهن ماڻهو.

پنهنجو ڏيهه ڇڏي ڇو هو پرڏيهه ۾ آهن وهي رهيا،
پرڏيهي شايد تن کي اڪيلائي ۾ ويهاريندا آهن ماڻهو.

بي ويسهه هن دنيا ۾ ويساهه هتي ڪنهن جو نه ڪجي،
وک وک تي هتي لڳاهه لڳيءَ جا لاهيندا آهن ماڻهو.

برهه جي باهه لڳي جا سا ته اجهائي ناهي اجهان،
دل جي لڳي کي شايد نه اجهائيندا آهن ماڻهو.

سنسار جي ڪوڙن سهڻن تي پلجي تون وشواس نه ڪر،
ڪوڙا ڪوٽ ڪوڙن جا ويهي جوڙيندا آهن ماڻهو.

دل گهريو ڪو دوست پري محفل ۾ ملي ويندو آ،
دل ۾ لڪائي تنهن ڏي نهاريندا آهن ماڻهو.

راهه وفا ۾ ڪو ته وفا جو راهي ناز ملي ويندو،
آس انهيءَ تي ويهي واٽون تڪيندا آهن ماڻهو.

نسرين "نوري"

## ڪافي

پيچ پرت جا پائين اکڙيون،
نينهن جا مينهن وسائن اکڙيون.

پيار جون نازڪ ڪليون پوئي،
عشق پيچان جيئن وليون پوئي،
سهڻا خواب سجائين اکڙيون.

دلبر جي ديدار پسڻ لئه،
وڇڙيل ان منٺار پسڻ لئه،
پل پل تيون واجهائين اکڙيون.

ڪنهن پر مور نه سرچن ٽيون هي،
لوڪ ڏني ڪين پرچن ٽيون هي،
هجر ۾ واري وسائين اکڙيون.

جتي پچڻ جي وات نه آهي،
اڏيءَ سواءِ ڪو ڳات نه آهي،
اتي وڃيو اٽڪائين اکڙيون.

جيسين ساهه سرير ۾ هوندم،
سان رهندس تنهنجي يادن ۾ ڪم،
بي موسم مينهن وسائين اکڙيون.

ڪير ٻڌائي مان ڪنهن کان پچان،
سانول هاڻي تو بن ڪنهن سان،
پرت جا پيچ هي پائين اکڙيون.

اٿندي وهندي صبح ۽ سانجهي،
ڏينهن هجي يا آڌي مانجهي،
بي موسم مينهن وسائين اکڙيون.

منهنجي دل جا رٺل اي راڻا،
توکان سوا مان نه داڻا داڻا،
پلا توکي ڪيئن پرچائين اکڙيون.

ٽڪجي پيون توکي ڳولهي ڳولهي
هاڻي دعا جو دڙو ڪولي،
رب کي تيون ليلائين اکڙيون.

"نوري" نور نظارو تن ۾،
محبت ڏسڻ جو چارو تن ۾،
ساهه کي انيسن سيبائين اکڙيون.

زيب بلوچ

•

جهڙ آيو جهڙڪي،
مارو ملن مُرڪي.
وسي بوند بهار، گل ٽڙيا گلزار،
ڏسي ڪونجن قطار، دل منهنجي هيرڪي،
جهڙ آيو جهڙڪي،
مارو ملن مرڪي.
وڏ ڦڙا ٿا وسن، پيارا پکڙا پُسن،
ڪنوٽيون خوب ڪِلن، جهوپا پون جرڪي،
جهڙ آيو جهڙڪي،
مارو ملن مرڪي.
مارو مال ڪاهين، سرتيون گيت ڳائين،
ٿري خوشيون ملهائين، ٻي ٻلڙ سَرڪي.
جهڙ آيو جهڙڪي،
مارو ملن مرڪي.

پروين شيخ

## غزل

نه شرط ڪو آهي، منهنجو نه ڪوئي سودو آ،
فقط قدم ملائي هلڻ جو مشورو آ.
لڳي آهه باهه ڪٿي يا ڏيا ٻرن ٿا ڪي،
هيتان ڪان پار جو ڏسجي ته ڪو اُجالو آ.
اسان جي حال تي ڳوڙها هن، هُن جي نيڻن ۾،
مگر خيال اهو آ ته هي به دوکو آ.
ويو ته صدموئي نه، گمان به نوڙي ويو،
گمان اسان کي اهو هو ته هُو اسان جو آ.
جدا ٿي توکان ناهي اسان کي رنج، تنهائي،
اسان سان گڏ ته هاٺي وحشتن جو ميڙو آ.
اگر ملي ڪڏهن توکي ته هن ڪان پڇجان ضرور،
ٻڌائي ٿو ته ڪوئي توکي ياد ايندو آ.

پشپا ولڀ

## او سيڙو

● هر ڪَن
ڪَن ڪنهن آواز جي او سيڙي ۾ رهن ٿا،
آڪارڻ ڇرڪي پون ٿيون دل جون ڌڙڪنون.
نه ڏنل دستڪ،
ٻڌجي پئي اميدن جي ڪنن ۾.
من اڪثر اڪين ۾ اچي وڃي ٿو،
۽ نه ڄاڻان دير ڏئين ڇا ٿو ڏسي،
جهروڪن مان.
خواهشون ويس وڳا ڪيو ڏڪجي ڇڏجي،
ڪڏهن ديوار تي ڏيئا رکيو،
ڪڏهن ڏاڪڻين تي هڪ هٿ ڳل تي ڏيئي،
نه ڄاڻان ڇو ٿيون وهيو رهن!

## ساروٽي

● ڪالهه تنهنجي ساروٽي جو مينهن،
منهنجي گهر جي ڇت تي زور سان وٺو،
سوچ جون نئڊيون نئڊيون ڌارائون،
منهنجي گهر جي در ڪان وهي نڪتيون،
۽ تنهنجي گهر جا بند دروازا ڪڙڪائڻ لڳيون.

ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندي آهيان،
مون کي اهو سمجهه ڇئي ڇڏڻ گهرجي،
جيڪي مان اڪثر چوڻ چاهيان ٿي،
پر لفظ ان وقت ڪنهن ڪيچلي پار وانگيان،
پردن پويان لڪي ويندا آهن،
۽ ڪڏهن هڪ اڪـــ ڪڍي ڏسندا آهن،
جيئن منهنجي منهن مان،
نڪل ۽ بي ربط لفظ ۽ جملا نڪرندا آهن.

**بشير احمد "شاد"**

## غزل

نيڻن جي ناوڪ سهڻ سولو نه آ،
روح جو رشتو ڳنڍڻ سولو نه آ.

زندگيءَ جي آس هرڪو ٿو رکي، مرڻ کان اڳ ۾ مرڻ سولو نه آ.
سوَ هجن شڪوه شڪايت پر ميٺا، محب جي آڏو ڪڇڻ سولو نه آ.
هام هرڪو ٿو هڻي هت عشق جي، قرب ۾ ڪسجي پوڻ سولو نه آ.
لوڪ لهوارو ته هت هرڪو وهي، لوڪ اوڀارو وهڻ سولو نه آ.
ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي پل پل چا چوي، آ چوڻ سولو ڪرڻ سولو نه آ.
ساهه جي سٽ عشق واري رانده ۾، ساهه جو سودو ساڻ سولو نه آ.
"شاد" جا همراز هت ڪيئي مگر، ڪو هتي هم غم ملڻ سولو نه آ.

**محمد شريف "طالب"**

●

سڄڻ تو لئه سارا سهارا ڇڏيا مون.
پرين پرت وارا پيارا ڇڏيا مون.

سڄڻ تنهنجي صورت ڇڏيو مون کي موهي،
نه چاڻان ڪٿي قرب وارا ڇڏيا مون.
چيڏي لوڪ سارو ٿيس تنهنجو جاني،
اڳڻ يار پنهنجا اوتارا ڇڏيا مون.
ٻوڙين يا ڪي تارين آهيان وس تنهنجي،
توکي يار سمجهي ڪنارا ڇڏيا مون.
فقط توسان سڌرا نڀائڻ جي خاطر،
سوين دوست دلبر دلارا ڇڏيا مون.
ٿيس تنهنجو "طالب" مان سڀ ڪجهه وساري،
ڪٿي تخت پنهنجا هزارا ڇڏيا مون.

## فهيم انصاري

### گل محمد کتري جي ياد ۾

وار اڇا،
هڏ ۽ پاتون نڪتل،
هڪ هڏائون پڃرو،
هڪ زنده لاش،
هٿ ۾ برش،
هڪ مصور،
ڏاهي ويٺو تصوير.

سڀني ڳالهين کان بي خبر،
پنهنجي وجود کي نه پائيندڙ،
سارو ڏينهن تصويرون ڏاهيندڙ،
حقيقي خيالن کي عوام جي اکيان پيش ڪندڙ.

مصور،
جنهن جي تقدير آهي ڪونه،
سڪن ٻدران تقدير ۾ لکيل انس ڏک.

اڄ اهو مصور،
بک، ڏک، بيماري ۽ غربت سبب،
موت جي،
گهاٽي ۾ پيهجي ويو ا

## کيم چند شرما

ڪيڏي،
ماٺ! سنسان!! ايڪانت!!!
ڪٿان به،
ڪنهن ڪونه ٿو آچي.
پوري ڪائنات،
چپ چاپ،
سڄو لوڪ،
آرام جي آغوش ۾ ستل.
مان.........!
روزگار جي مسئلي ۾،
پڌل —
غلطان —
سوچ جي صليب تي لٽڪيل!!

## نند لعل ماهي

### ڏيڙو

ڪنهن کي ڏيان دانهن،
جنهن کي سمجهان پنهنجو،
سو پڻ ڪاٽي پانهن.

منهنجو ملڪ ملير،
جنهن جو ڪارو پاڻي،
منهنجي لاءِ جڻ ڪير.

پڻ پڻ نه ڪر او چوري،
سڻي نه متان لوڪ،
ڳالهه رهي نه اڌوري.

او ڏاريڻ جا دلال،
هڪ ڏينهن ڏيندو،
تنهجو بچڙو حال.

## مير غلام الله خان ٽالپر
### (مور جهنگو)

اڃان به وقت زماني کي آئون ڪُولهيان پٺي،
اڃان به تنهنجي ڪِلين ۾ پاڻ رولييان پئي،

اڃان به آسرو آهي ته مونکي ايندين سڄڻ،
اڃان به تو لاءِ دروازا دل جا کوليان پئي.

اڃان به منهنجي اڱڻ تان ڪانگ اڏرن ٿا،
اڃان به باغِ تمنا جا گل ڪي مهڪن ٿا.

اڃان به رات جي اونده ۾ چنڊ اڀري ٿو،
اڃان به خواب سان جذبات منهنجا وندرن ٿا،

اڃان به دل تي اُميدن جو آسرو آهي،
اڃان به دل جي ڪَلي ڏي ڪو سوجهرو آهي،

اڃان به ياد آهن ٿڌڪ تنهنجي قربت جا،
اڃان به آسرو الله جيترو آهي.

اڃان به درد سٺايان لڄي لڄي سڀ ڪي،
اڃان به حال ٻڌايان ڊڄي ڊڄي سڀ ڪي،

اڃان به ساڳي محبت جي ڪم نگاهي آ،
اڃان به سور سٺايان پڄي پڄي سڀ ڪي.

## ماکن شاهہ رضوي

### غزل

گلبدن تنهنجي ڪري، آهي گلن ۾ ڇهڇٽو،
بلبلن توکي ڏسي، ڪيڙو چمن ۾ ڇهڇٽو.

تو مٿان راهون فدا، گهر گهام ڳليون ڳوٺ سڀ،
منهنجا من، قدمن ڪري آهي گسن ۾ ڇهڇٽو.

ملڪ ۾ موتي گهڻا ير، مُلهہ، نہ مائڪ تو سندو،
ٿا ليکن ليکيو لکن، توسان لڳن جو ڇهڇٽو.

عرش ڪرسي فرش هي، سڀ ۾ حُسن تنهنجي ڪري،
بادلن برسي تو لئہ ڏس، ڪيو برن ۾ ڇهڇٽو.

جن اکين تنهنجين مان پيتو، تين طهورا کي ڇڏيو،
چو تہ ان اکڙين ڪري آهي نشن ۾ ڇهڇٽو.

تنهنجي جلون جي ڪري آ سونهن سهڻا شهر جي،
هي حُسن تنهنجو ڏسڻ لئہ آ گهٽين ۾ ڇهڇٽو.

پارکو شائق سخن، اعليٰ ذهن جيڪي پڙدن،
ٿا چون ”رضوي“ سان آ، بزمِ سخن ۾ ڇهڇٽو.

## آصف منياڻوي

●

چوماسي جون تيز هوائون،
تنهنجون پياريون ڍول ادائون.

تنهنجي هوندي سڀڪجهہ آهي، تو بن آهيان ڪجهہ بہ نہ آئون.
هيڪل هٽڙي آئون اڪيلو، پوکيان ويٺو ڪوڙ مزائون.
تنهنجي ياد هميشہ وانگر، مون وٽ تنهنجي ڪاڻ دعائون.
تنهنجون ايندڙ ويندڙ ڪان پيو، روز ڪيان ٿو يار پڇائون.

"مخمور" ميرانپوري

## غــزل

ڪڏهن احساسِ محرومي، ڪڏهن احساسِ تنهائي،
مصيبت ذهني قيديءَ لاءِ، ڪڏهن ڪائي ڪڏهن ڪائي.

مقدر ۾ ميسّر ۾ نصيبن کي نراسائي،
پريشان حال تي ڪيسين جهان رهندو تماشائي.

ڏنو جنهن جي فراموشيءَ تخيل کي فروغ آهي،
چوان تنهن مهربان محبوب کي مان ڪيئن هرجائي.

ڏني سون اوج الفت کي ڪري رت چاڙ دامن پر،
ملي اڄ موت ۾ اهلِ سخن کان پي آ رسوائي.

شبِ تاريڪِ غم تي وحشتن سان ساز باز آهي،
اچي ڏاڍ جان؟ ڪاڻ تي اڙي گهوڙا اڪيلائي.

زمين و آسمان جو نسبت ٿيندو پاڻ ۾ سنگم،
فضول آهي اها "مخمور" تنهنجي قياس آرائي.

"گل" ڏنڪڙائي

●

پرين پنهنجي چهري تان پڙدو هٽايو،
اسان کان سدا ڪين منهڙو لڪايو.

سرراه نظرن سان نظرون جو ٽڪريون،
چڀي تير دل تي تو ٿهري هلايو.

زماني جا آهيون اڳيئي ستايل،
اوهين ڇو اسان کي ٿا ايذو ستايو.

اسان جي اندر ۾ پنهنجو گهر بنائي،
پلا ڇو انهيءَ کي اوهين ٿا مٽايو.

محبت تہ ٿيندي هزارن سان ناهي،
اسان هوندي دل ڇو ٻين سان لڳايو.

هي "گل" تنهنجو آهي ۽ تنهنجوئي رهندو،
اچي ان سان سڌڙا ڪا محفل مچايو.

## خميسو خان خانوڻي

•

سنڌو! گيت تنهنجا لکان کهڙا کهڙا،
ترانا سي ڳائي چوان کهڙا کهڙا.

مِٺي مشڪ عنبر کان خوشبوءِ وارِي،
ڪيان ان جا ويهي بيان کهڙا کهڙا.

سڳنڌ سونهن سوڀيا جُڳن کان جَڳن ۾،
ڪري سي فسانا زبان کهڙا کهڙا.

وَهي ٿي جا مهراڻ مصري ۽ ماکي،
ڪيا سبز تنهن باغبان کهڙا کهڙا.

ٻَنين ۾ قٽا گاهه، هرهنڌ ٿِئي ساوڪ،
سنگ هيرا موتي ڏسان کهڙا کهڙا.

هُجن شل شهر ڳوٺ آباد تنهنجا،
نهاري نظارا پسان کهڙا کهڙا.

بهادر سخي هت شهنشاهه عالم،
اهي ٿورا آهيون اسان کهڙا کهڙا.

سچل، شاهه، قلندر ۽ دُرويش تين جا،
"خميسو" ڏسي "آستان کهڙا کهڙا.

مظهر لغاري

## وايون

مظهر، منهنجو من ـــ لڳي ٿو ٻَنُ،
وڻن کي ورشائون.
جيون جي سُرندي جون سائين، تندون ٿيون ٽڙپن ـــ لڳي ٿو ٻَنُ،
پوکيون پيا ٻنواس، اندر ۾ ٻاهيون ٿيون ڀڙڪن ـــ لڳي ٿو ٻَنُ.
پرينءَ ڀڄاڻا، جيءُ جڏي سان جاڙ ڪٿي جيون ـــ لڳي ٿو ٻَنُ.
ڪارونجهر جي ڪور - آنر ۾ ڪونجون ٿيون ڪُڪن ـــ لڳي ٿو ٻَنُ.
آڳم هاڻي آهي، تم پاڻي پڇي ڪو پياسن ـــ لڳي ٿو ٻَنُ.
اونده، اونده، آهي پهو ڦٽي، ٽانڊاڻا ٽمڪن ـــ لڳي ٿو ٻَنُ.
شاعر آڇيا شعر، هيتي ٽا ماڻهو ٻُک مرن ـــ لڳي ٿو ٻَنُ.

بخشڻ مهراڻوي

●

نيڻ آڇايل،
رُت وياڪل،
ڏُور ڀڪيڙا آڏري ويا.

ٻيوس ٻَن ۾،
جيندُ هيڪل،
ڏُور ڀڪيڙا آڏري ويا.

ڏُ ڪَٽ، وڇوڙا،
مُنک مَرجهايل،
ڏُور ڀڪيڙا آڏري ويا.

ڀَڪَ لڳي ٿو،
هرهڪ پَل،
ڏُور ڀڪيڙا آڏري ويا.

غلام قادر مظهر ڏاهوي

## غزل

گلن جي سيج تي ساڻي ڪري سرهاڻ ملنداسين،
وصل جو وقت آيو آ اجهو ڪي چاڻ ملنداسين.

جفا جيڪا سڄڻ تو ڪئي سا مون لئه وفا ٿي پئي،
وفا جا پيچ پائي اڄ پرين پوءِ پاڻ ملنداسين.

جدائي جون سهي سختيون گذاري رات روئي مون،
اسين توسان جي ملياسين، ٻتي ماندڙاڻ ملنداسين.

محبت جي ٿي راهن ۾ ڪنڊا هي جنهن ڪيا آهن،
گلن سان تن ڪي سينگاري، ڪري چنبڙ چاڻ ملنداسين.

اڙهي درياءَ سنڌڙيءَ ۾ ڪيو هو قول هي سهڻي،
سدا ميهار توسان هر طرح مهراڻ ملنداسين.

متي مهراڻ جون چوليون محبت کي نه ٻوڙينديون،
اچين جي سير ۾ ساهڙ ته پو تو ساڻ ملنداسين.

ڪيرائي قيد جا ڪنگرا ٿيو آزاد عاشق جي،
بهارن ۾ نه ملياسين، خزان ۾ هاڻ ملنداسين.

ڪشالا ڪئين ڪري ”مظهر“ رسيو دلدار تو در تي،
سڄڻ گر اڄ نه ملياسين، وري صبحاڻ ملنداسين.

محمد رمضان "زلفي"

# غـزل

وري ياد آيا ته ماضيءَ جا منظر،
چڀن ٿا سندم دل ۾ دردن جا نشتر.

جسن اڄ وري انجمن آرا ٿيو آ،
بپا ٿيو وري؟! آهه جلون جو محشر.

هجر ۾ ته ٿيو آهيان بيتاب اهڙو،
سندءِ ديد جي لءِ ڦران ٿو مان در در.

لنوي ڪانگ ٿو ۽ چوي ٿو ته ايندس،
نهاريان ٿو واٽون، واجهايان ٿو ور ور.

سندءِ قهري نيڻن هنيا تير ڪاري،
جو بيقابو ٿي ويو سندم دل مضطر.

تنهنجي ياد دل ۾ آ هلچل مچائي،
جو اٿلي پيو آ امنگن جو ساگر.

پنهنجي حسن جي بيک مون کي به ڏي تون،
ازل کان سندءِ در جو آهيان گداگر.

تنهنجي رس رهاڻين ڪيو آهي جادو،
نه آهي سندءِ ثاني، ٻيو ڪو سخنور.

هي مهتاب رخ تنهنجو ڏاڍو وڻي ٿو،
سندءِ رخ ڏانهن "زلفي" نهاريان ٿو هر هر.

نفيس احمد ”ناشاد“

# ڪاري پار جو سوال

اوهان جون ۽ منهنجون،
اميدون ۽ آسون،
امنگون ۽ خوشيون،
سڀئي ٺيون ساڳيون،
اوهان جي ۽ منهنجي تمنا جو انداز ساڳيو،
اوهان جي ۽ منهنجي رڳن منجهه آرت جو رنگ ساڳيو،
اوهان جو ۽ منهنجو ته خالق ـ به هڪڙو،
۽ مالڪ به هڪڙو!
جڏهن ڪو به رانديڪو شوڪيس ۾ ٿو ڏسان،
تڏهن ساڳئي انداز سان منهنجي هيرڪي ٿي دل،
هي چوڏهينءَ جو چمڪڻ،
ستارن جو ٽمڪڻ،
بهارن جو مرڪڻ،
گلابن جو مهڪڻ،
۽ ڇهرن جو ڇهڪڻ،
اوهان سڀ ٿا چاهيو ـــ ته مان به ٿو چاهيان،
انهيءَ هوندي،
سونهري پارو!
مان خود ڇو اوهان کي پسند ڪونه آهيان؟

# ڪهاڻيون

مٺو ٽپڙي ڪٽي اندر هليو ويو. اندر ڪير به نه هو. مٺوءَ آهستي پڪاريو،

"دادا! دادا!"

جواب نه آيو.

"دادي! دادي!"

جواب نه آيو. هو پوءِ ڪوٺين، ورانڊي ۽ اڱڻ ۾ ڦيريون پائيندو رهيو، پر آتي ڪير به نه هو. پوءِ هو رُئڻ لڳو. لڙڪ لاڙي ڪجھ، چوڻ جي ڪيائين، پر ڪانس ڪو به لفظ نه نڪتو. هو آهستي پوئتي موٽيو ۽ نوڪر جي هنج ۾ منهن وجهي رُئڻ لڳو.



# ويراني

انيس انصاري

خوشيون ۽ خرميون جن وٽانئس هميشه لاءِ هليون ويون هيون. هميشه گلاب جي گل وانگر ٽڙندڙ صائمه ائين ويران نظرن سان پنهنجي ڀريي ترپي گهر کي ڏسڻ لڳي، جڻ هوءَ ڪنهن اجاڙ ويراني ۾ ڀٽڪي رهي آهي. رفيق وڏا جتن ڪيا ته هو صائمه کي خوش رکي، پر سڀ ونرٿ وڃڻ لڳا.

هڪ صبح جو:

رفيق: صائمه! صائمه!

صائمه (بي دلي سان): جي.

رفيق: صائمه، اڄ گارڊن ۾ گلن جي نمائش آهي. جمع ٻه آهي، موڪل جو ڏينهن. شام جو ڏسڻ هلنداسين.

صائمه: مان گهر ۾ هونديس، اوهان ٻارن سان وڃي ٿي اچجو.

رفيق: مان سدائين توسان گڏ گلن جي نمائش ڏٺي آهي ۽ سا ٻه تنهنجي چوڻ تي. نويمبر ۾ گل دائودي جي نمائش ڏسندا هواسون، ۽ فيبروري ۾ ٻين گلن جي. جڏهين کان تو نمائش ڏسڻ ڇڏي آهي تہ مان بہ نہ ويو آهيان. هن دفعي هلڻو پوندءِ.

صائمه: دل ئي نہ ٿي ڪڍي رفيق. مون کي الائي ڇا ٿي ويو آهي. زمانو بدلجي ويو آهي. چيزن ۾ نہ اهو چس آهي ۽ نہ مزو!

رفيق: هن دفعي مسز موني ايراني دعوت نامو موڪليو آهي ۽ لکيو اٿئين تہ ونس گلن جون نيون ۽ ڪمياب جنسون آهن، جي نمائش ۾ رکندي. تنهنجي لاءِ خاص لکيو اٿئين اچڻ لاءِ. هلنديئءَ نہ؟

صائمه (ٿڌو ساهہ کڻي): ها.

رفيق سوچڻ لڳو. صائمه کي گلن سان ڪيڏو نہ پيار هو. گل دائودي جي هڪ نمائش ۾ جڏهين هو ٻئي ساٿر جيڏن وڏن گلن وٽ اچي بيٺا هئا، جن تي ٻهرين نمبر انعام جي چٽڪي لڳل هئي تہ هو سندن شيڊ ڏسي ڪيڏو نہ خوش ٿيا هئا. ڪاسني رنگ جا اهي دائودي گل ٻين سڀني گلن جا سردار پئي لڳا، ۽

”ها امان!“

صائمه اٿي ڪرڙي ٿي ۽ شفيق جي ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳي. شفيق جو آواز سندس ڪن تي پهچي رهيو هو. هو چئي پيو. ”امان بسڪٽ، امان مانهه.“ اسان هو ڏاڏيءَ کي سڏيندو هو ۽ ماءُ کي ”مومي“. چانهه کي ”مانهه“ سڏيندو هو.

صائمه شام جو مڙس کي چيو، ”رفيق، ڏس ننهن جا حال! شفيق کي مون ڏانهن اچڻ کان روڪيو اٿائين. پاڻ ته اهڙي نه آهي، شايد توفيق جهليو هوندس.“

رفيق سوچ ۾ اچي ويو. جي سچ ٿو ٻڌائي، ته ٻه خراب ۽ جي ننڍو ٻڌائي، ته ٻه ٻرو. آخر کيس چوڻو پيو، ”صامون! تنهنجي بيماري ئي اهڙي آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر شفيق لاءِ چيو آهي ته احتياط طور تو وٽ ڪجهه ڏينهن نه اچي. کيس به نه ته بيماري لڳي سگهي ٿي.“

صائمه جي چهري جي شگفتگي گم ٿي وئي. اداسيءَ ان ۾ واسو ڪيو. هوءَ پاڻ کي ڪنهن اجاڙ بيابان ۾ محسوس ڪرڻ لڳي، جتي سندس ذات کان سواءِ نه ڪو اوهي هو ۽ نه واهي!“



# تعبير ڏ ڪا

طارق عالم

”ڪيڏو پيارو ٻار آهي! تون ته ايترو سهڻو ناهين، هي ڪنهن تي ويو آهي؟“ احسان سال جي پشم ٻار کي هٿن ۾ کڻندي چئي ٿو. ”ماءُ تي“. فيروز پٽ ڏانهن مرڪي ڏسندي چئي ٿو. ”ڀاڀي ڪاٿي آهي؟“ احسان کي اوچتو ڄڻ ياد اچي ٿو وڃي.

”اچي ٿي، چانهه ٿي ٺاهي.“

”يار، ڀاڀيءَ کي آهي سلام، توکي سچائي سان ساٿ ڏنائين.

فيروز احسان جي ڳالهه ٻڌي، پرسڪون مرڪ مرڪي پئي ٿو ۽ چئي ٿو: ”ها، وڏن جهيڙن کان پوءِ اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي ماڻيو آهي.“

فيروز جي ماءُ مختصر ڪمري جي سوڙهي در مان اندر اچي، احسان کان ٻار وٺندي چئي ٿي: ”مون کي ڏي پٽ، هن جي ڪير جو ٽيم ٿي ويو آهي.“

احسان ٻار فيروز جي ماءُ ڏانهن وڌائي ڇڏي ٿو ۽ کيسي مان ڏهه رپيا ڪڍي ٻار جي ٻند ٽيل مٺ کولي ڏئي ڇڏي ٿو. فيروز جي ماءُ پوڻي کي چميون ڏيندي ڪمري مان نڪري ٿي وڃي، ۽ هو ٻئي ٻيهر ڳالهائڻ لڳن ٿا.

”فيروز، سچ ٻڌاءِ... شاديءَ کان اڳ خوش هئين، يا هاڻ؟“ فيروز سگريٽ جو ڪش هٽي، تيلي کي هوائن ۾ لوڏي وسائي ڇڏي ٿو. ”هاڻ — شاديءَ کان پوءِ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ليول اچيو وڃي، ليول سمجهين ٿو نه — منهنجو مطلب آهي توازن.“

احسان گهري سوچ سان سموري ڪمري جي هرشيءَ کي غور سان ڏسڻ لڳي ٿو، ۽ سوچڻ لڳي ٿو. (ڪيڏو مختصر، ۽ ساهه گهٽيندڙ ڪمرو آهي. ڪجهه به، تہ ناهي هن ڪمري ۾ — سواءِ هڪ پلنگ ۽ ڪراڪري جي) ايڏي وڏي گهر مان آيل ڇوڪري، ڇا هن اونداهي ڪمري ۾ خوش گهاريندي هوندي —؟) ۽ کن رکي چئي ٿو: ”توکي هاڻ، گهر ۾ ٽي-وي وغيره رکڻ گهرجي. هلڪي ٿلڪي تفريح ٿي پوندي —؟“

”ها، وٺي ڇڏبي.“ فيروز سرد آواز ۾ چئي ڇڏي ٿو.

”ڀاڀي هت خوش رهندي آهي —!!؟“ احسان کان اوچتو جملو ڇڏائجي وڃي ٿو.

دل کي ڏاڍو وٺي رهي هئي. دل گهر واپس ورڻ تي ڪونه پئي چاهيو، پر دير ٿي وئي هئي، ان ڪري موٽڻ لڳس. جڏهن اسڪوٽر لائين مان ڪڍي رهيو هوس ته 'شيريڊ ڪار' منهنجي پرسان لنگهي وئي. مون رڳو اندر ويٺلن جي هڪ جهلڪ ڏٺي. روشن سان گڏ هوءَ ويٺي هئي. منهنجي پيرن هيٺان زمين ڦاٽي پئي ۽ مان زمين ۾ هيٺ ڪرندو ويس، ڄڻ ڪنهن منهنجي چيلهه سان ڪو وڏو پهڻ ٻڌي مون کي درياهه ۾ اڇلي ڇڏيو هو ۽ مان تيزيءَ سان ٻڏندو ٿي ويس.

مون کي خبر ڪونهي ته مون ڪيئن اسڪوٽر اسٽارٽ ڪيو... ڪيئن واپس وريس. مان ڪجهه به ڪونه ٿي ٻڌي سگهيس، ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. مون رڳو اهو ڏٺو ته منهنجي هٿ ۾ هٿوڙو آهي، جنهن سان مان پنهنجي من-مندر جي مورتيءَ کي ضربون هڻي پرزا پرزا ڪري رهيو آهيان. منهنجي ڪنن تي رڳو پنهنجي ئي آواز جو پڙاڏو پيو. مون رڳو پاڻ کي ايترو چوندي ٻڌو: "چنڊي!"



ان ڪري سرمد کي چيو هئائين: ”جڏهن تون ڊيوٽيءَ تي وڃين ته مون کي ٻه ونيو هلج. صدر مان رڪشا تي هلي ويندس. هتان هيڪلو نڪرڻ ڪجهه عجيب لڳندو اٿم. بس ۾ بيهڻ به تنگ ڪندي.“

هن انڪار نه ڪيو هو. انڪار ڪري به ڪيئن ٿي سگهيو. هڪ سيٽ تي ويٺي هو خوش هو. خوش هوءَ به هئي. رستي ۾ سندس سهيليءَ جي باري ۾ ڳالهايو هئائون. هوءَ سندس ڪلاس ميٽ هئي ۽ اتان سندس ساهيڙپ هلي هئي.

”جيڪڏهن تون هلين ته بهتر. رضيه ايتري ڪند ذهن ناهي جو تو ۾ يا مون ۾ ڪو شبهو ڪري. مان ڪيس ائين چئي به ٿاري ٿي سگهان ته رات جو هيڪلائپ ڪان سرمد کي وٺي آئي آهيان. ڇا تون منهنجو پاڙيسري ناهين؟“

” آهيان— سؤ سيڪڙو سچ آهي. پاڙيسرين جا ڪهڙا حق آهن، اهي به ڄاڻان ٿو. ان ڪان سواءِ مان ايترو روشن خيال به آهيان ۽ تنهنجي سهيلي بہ تو جيان ٿي هوندي. مان هن جي ذهنيت تي شڪ نه ٿو ڪريان، پر مون کي ڊيوٽيءَ تي ضرور وڃڻو آهي. مون ڪافي موڪلون ڪيون آهن، هرو ڀرو غير حاضر رهڻ بهتر نه ٿو لڳي.“ هن ڪيس اڪيلي وڃڻ لاءِ راضي ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ هو چاهيندي به نه ويو هو.

مينهن ان ئي رفتار سان هلي رهيو هو ۽ هاڻ ته مينهن سان گڏ، تيز هوا به گهلي رهي هئي، ان ڪري پنهنجي جسم تي هوا جي ڇهاءَ ڪري ڪيس ٿڌ محسوس ٿيڻ لڳي. اوچتو هڪ سوزوڪي تيزيءَ سان آئي ۽ بيٺل پاڻيءَ جا ڇانڊارا هن کي هڻندي، اڳتي نڪري وئي. سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. هن ڪنڌ ڪٽي سوزوڪيءَ ڏانهن ڏٺو. پويان ويٺل ماڻهو پنهنجي حرڪت تي پشيمان ٿيڻ بدران فتحيابيءَ واري کِل کلي رهيا هئا. سندس کلڻ تي ڪيس ڏٺيان لڳي ۽ زور سان چيائين: ”سورهيائيءَ تي کِل ٿي اچيوَ.“ ڪجهه سردي ۽ ٿڪ محسوس ڪري رهيو هو، ان ڪري گهر وڃڻ لڳو. هو ننڍا ننڍا قدم کڻندو، روڊ تان لهي ويو.



هن جي اکين ۾ ڳوڙهن جي آلاڻ اچي وئي. هن هٿ وڌائي پئسا ورتا. ”اڄ آءٌ وٺي ايندس...“ هن ڪان وڌيڪ ڇيو نہ ٿيو ۽ هڪدم پئسا کڻي کيسي ۾ وجهي ٻاهر نڪري آيو. خبر ناهي ڇو کيس زال سان اکيون ملائيندي بہ ڦڪائي ٿي پئي ٿي. هن کي تہ خبر ئي ڪانہ هئي تہ ڪو اڇا جوڙس وٽ پئسا آهن. ’چڱو ٿيو، هن جي پسند جي شيءِ تہ ايندي،‘ هن سوچيو.

هو تڪڙو تڪڙو اسڪول ڏانهن وڃڻ لڳو. هن پڪو پهہ ڪيو تہ اسڪول مان موٽندي ئي سڌو ريڊين جي دڪان تي ويندو، پوءِ جلدي گهر ويندو. هن جي زال کيس جلدي ايندو ڏسي ڪيڏو نہ خوش ٿيندي. هن قميص جي کيسي تي هٿ هڻي ٻئسن جي پڪ ڪئي. کيس افسوس ٿيڻ لڳو تہ ڪالهہ ڇو ايترا پئسا هٿ ۾ اچڻ ڪان پوءِ وڃائي ڇڏيائين. وري دوست جو خيال آيس، جيڪو کيس ٽي سئو رپيا ضرورت وقت ڏئي ويٺو هو: ’هن کي بہ پئسا ڏيا، تہ پوءِ بچندو ڇا؟‘ هن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو: ”ڪاش ڪالهوڪا پئسا واپس اچي وڃن.“ هن وري سوچيو: ’پر هارايل پئسا بہ، ڪڏهن واپس ٿيا آهن.‘ هن مايوسيءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي سوچيو: ’اهي پئسا وري بہ اتان ئي اچي سگهن ٿا.‘ هن کي خيال آيو، ’هڪ دفعو... هڪ دفعو جي قسمت آزمائي ڪجي تہ پوءِ هڪ ريڊيو تہ ڇا... ٽي-وي ڇا ڇا نہ ٿو اچي سگهي. هڪ دفعي آزمائڻ ۾ آخر ڇا آهي.‘ هن وري هٿ کيسي تي هنيو، ڄڻ کيسي جي ٻهاني پنهنجي وجود جو يقين ڪندو هجي. ’اهي پئسا اتان ئي ايندا... نہ تہ ٻڏي ويندا... آءٌ هنن کي پنهنجا پئسا سولائيءَ سان هضم ڪرڻ نہ ڏيندس. بس هي آخري ڀيرو، وري ڪڏهن بہ نہ، ڪڏهن بہ نہ ڪندس جوئا. پر هن دفعي قسمت ضرور منهنجو ساٿ ڏيندي ۽ پوءِ آءٌ هن لاءِ سڀ ڪجهہ وٺي سگهندس... بس هن دفعي، وري ڪڏهن بہ نہ.‘

هن جا قدم اسڪول بدران اوڏانهن وڌڻ لڳا، جت جوئاري هن جو انتظار ڪري رهيا هئا.



مريض اسٽريچر تي ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جي ٿڌ ۾ ننڊاڪڙو ٿي ويو هو، تنهن آهستي چيو "نه".

۽ هن ٻاهر اچي در بند ڪري ٽي-وي سيٽ تي ڏسي ٻڌڻ آن ڪيائين. اسڪرين تي ڪرڻن جي ڏار مريض جي کلي ۾ هلي وئي. ڪجهه سيڪنڊن کان پوءِ هن در کولي مريض کي اسٽريچر تان اٿاريو. مريض جي منهن تي ڦڪي پر روشن مرڪ هئي.

ٻيو نمبر—

... سندس منهن مجيل ۽ زخميل، جڻ ڪنهن اڏيءَ تي رکي مٿان قيمي ڪرڻ لاءِ ڪات هنيا هجن. رت، پونءِ ۽ ڏپ.

هن سوچيو، ٻچندو ڪونه، وڌ ۾ وڌ چار هفتا.

— سائين—

— ها بابا،

"الاهسئون مران ٿو." چچريل گهگهو آواز.

هن ڪماٿران مشين سان ڪماريز ڏنس ته ڪيسي مان ڏهه روپيا ڪڍي ڏيڻ لاءِ ڪيائين مس ته چيائينس، "نه بابا نه."

مريض ڪيسي ۾ ڏهه روپيا واپس وجهي پڻ پڻ ڪندو هليو ويو.

ٽيون نمبر...

چوٿون......

پنجون......

ڇهون......

۽ پوءِ بدل مريضن جي آوازن جا لڳاتار پڙاڏا:

— سائين... مران ٿو، پهرين مون کي...

— اٺي لي ڙي

— ڪٿون، ڪٿون-

— اڙي ڪڇي تي ڪجي ڙي.

۽

صبح جو ماڻ کان بدل جملا:

— پٽ

— فدا کي اسڪول جو يونيفارم...

— گيس جو بل
— بجلي جو بل
— پاڇي واري جا ٽن ڏينهن جا پئسا.
گهر ۾ عذاب.
سينٽر ۾ عذاب.

ايپران لاهي آهستي آهستي آفيس جو دروازو کوليو، اڇو گول ڪاريڊور ۾ اڇي شيشي واري در مان ٻاهر ڏسڻ لڳو. ٻاهر ڪاڙها گل ۽ اندر پيلا چهرا. ٻاهر ڇپا جي هيٺان سنگمرمر جي اڇي پليٽ تي لکيل لفظ ياد اچي ويس، جيڪي ڪيس ڏاڍا وڻندا آهن.

Silent Spring
In the memory of those who
preished in service of mankind.

سوچ ذهن ۾.
ڪير ڪنهن جي لاءِ ڪري ٿو، ڇا ٿو.
ڇا جي خدمت.
پٽيوالي کان وڏي صاحب تائين سڀ ڇڻ تہ ڪينسر جي ڦٽ مان رت چوسيندڙ جيت.
اسٽور ڪيپر،

جيڪو پرچي وٺي ستن دوائن مان ٽي مريض کي ڏئي چار ڪيسي ۾ وجهي پرچي تي نمبروار ٽڪ ڪري چوندس، "هي ٽي آهن، باقي چار ختم ٿي ويون آهن، وڃي شهر مان وٺ."

ان ئي اسٽور ڪيپر پنهنجو پاڻ علاج ڪرڻ لاءِ ابتيون سبتيون دوائون کائڻ ڪري ڪنڌ ۾ سور وڌي ويس ۽ آخر هڪ هنڌ بيهجي ويس. هاڻ رڳو Tranquillizer کائي ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هوندو.
وارڊ بواءِ
ڊائريڪٽر
اسٽور ڪيپر
پٽيوالا.
(ڪير ٿو خدمت ڪري، ڪير نہ ٿو ڪري)
ديدار.
هن هٿتي ڏٺو. پٽيوالو بيٺو هو، جنهن چيس:

— "ڊائريڪٽر صاحب سڏيو ٿو."
— جي... اچان ٿو.

هو روم مان ايپران پائي، شفاف شيشي مان نظر اينڊ ڦ شيڊ کي ڏسي، وار سڌاري آهستي آهستي ڪاريڊور پار ڪري ڏاڪڻ تي چڙهيو. در کولي اندر ٿيو.

ڊائريڪٽر ڪيس ڏسي چيو، "فلم بيج ۽ پينٽوزيميٽر جي ڇهن هفتن جي رپورٽ مان اهو آهي ته توکي به Radiation لڳا آهن. وڌيڪ لڳڻ ته ڪينسر نه ٿي پوئي... سو تون پلي وچي مهينو آرام ڪر... هون ۽ به حرامخور آن... توکي ته رکو موڪل ڪپي، وڃ هتان!"

هي تيز اچي، ايپران لاهي سائنٽيفڪ ون کي سلام ڪري، مين گيٽ مان سينٽر کان ٻاهر نڪتو. هڪ وڏي ساهه سان آڪسيجن اندر ڪري وات مان ڪاربان ڊاء آڪسائيڊ ڪڍي ڪاڙهن گلن کي ڏسڻ لڳو:

"Stop Frame"

"هو شهر ۾ دڪان تي ويلڊنگ ڪري ٿو."



# مقالا

# سنڌ جو ثقافتي ورثو

(هڪ مختصر جائزو)

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌ جي سرزمين سونهن، سُر، ساز ۽ سخن جي زمين آهي. اڄ کان هزارها سال اڳ به هن زمين جي سونهن، سر ۽ ساز جي ساک هوندي هئي. هن ڏس ۾ تاريخ جا ورق سنڌ جي سڀيتا جي ثبوتن سان ڀريل آهن. ڪارونجهر ٽڪري، آمريءَ جا دڙا، ڪوٽ ڏجي، موهن جو دڙو، رني ڪوٽ، ٻهمن آباد، ڀنڀور، ٻڌڪن جا ٽڪر، روپا ساڙي ۽ امرائي جا ڀڊ ۽ ڀوڙا پنهنجن سينن ۾ سنڌ جي سڀيتا جا داستان سانڍيو اچن.

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ ته دنيا جي ماهرن کي حيران ڪري وڌو آهي. هنن کنڊرن جي کوٽائي مان مليل معلومات، اڳ جي لکيل تهذيب جي تاريخ کي رد ڪري ڇڏيو آهي، ۽ تاريخ کي نئين سر لکڻ لاءِ نيون راهون، نوان گهاٽ ۽ گس گهڙيا آهن. اڄ ڌار ڌار ملڪ ۽ ماهر موهن جي دڙي جي ڌار ڌار موضوعن تي ڪم ڪري رهيا آهن. هڪڙا ماهر هتان نون لڌل مورتين جي مطالعي جي مدد سان اڄ کان پنج هزار سال اڳ جي رهاڪن جي مذهب، مذهبي اصولن ۽ رسم رواج تي کوجنا ڪري رهيا آهن، ٻيا ڪمپيوٽرن ذريعي هتي جي مهرن کي پڙهي رهيا آهن ۽ ان ڏس ۾ ڪافي قدر ڪامياب به ٿيا آهن. هو هن راءِ جا آهن ته، هنن مهرن تي لکيل زبان دراوڙي زبانن جي ماءُ هئي. انهيءَ لحاظ سان اهي ماهر موهن جي دڙي جي زبان کي دراوڙي زبانن جي موجوده لهجن سان ڀيٽي، ان جو لسانياتي تجزيو ڪري رهيا آهن.

ماهرن جو ٽيون گروهه موهن جي دڙي وارن کنڊرن، گهرو اڏاوت جي نموني، عمارت سازي جي فن، روزانه زندگيءَ سان واسطو رکندڙ سامان جهڙوڪ ٿانو، مختلف ڌاتن جي زيورن، ٽامي ۽ پٿر جي اوزارن، ڪپڙي سازيءَ جي فن، آڏاڻن، مورتي سازيءَ جي فن، ڪنڀارڪي ڪم، ٿانون تي نقش چٽڻ، گلن ۽ ٻين مورتين ۽ شڪلين کي سامهون رکي هن سرزمين جي پنج هزار سال پراڻي فنون لطيفه جو مطالعو ڪري رهيا آهن.

جان مارشل، مارٽيمر وهيلر، پگٽ، روس ۽ ڪوين هيگن جي ماهرن جون رپورٽون مطالعي ڪرڻ سان حيرت وٺيو وڃي، ۽ سوچجي ٿو ته، واديءَ سنڌ جا

سنڌ ۾ هاڻ ڏار ڏار ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڏار ڏار ڪم ٿئي ٿو. ساڳئي شهر ۾ ساڳيو ڪم مشڪل سان ٿيندو هوندو. مثال طور رلي تہ هرهنڌ ٺهي ٿي، پر سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ڪاڇي ۾ ميل واري حصي ۾ سبيل رليءَ جو مٽ نہ ڪونهي.

اهڙيءَ طرح ڇر جي ڪم ۾، خاص ڪري اجرڪ جي مختلف نمونن ڇرڻ ۾ اچ سيڪاٽ، مٽياريون، ماتلي ۽ ٽنڊو محمد خان مرڪز ليکيا ويندا آهن. بستري يا پلنگ جي چادرن ڇرڻ ۾ ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو ڄام محمد خاص شهر آهن. بڪ، هندڪي ۽ مسلمانڪي پڙي، سوڙ، پانڊڻي، ملير جي ڇرڻ ۾ عمرڪوٽ، غلام نبي شاهہ، هٿونگو ۽ مٺي مشهور شهر آهن. اوهان کي معلوم هوندو تہ مٽيءَ جي سادن ٿانون تي بہ ڇر جو ڪم ٿيندو آهي. هن هنر کان بلڙي ۽ گرهوڙ مشهور آهن.

سنڌ اوچي ۽ ڪپڙي اڻڻ کان قديم زماني کان ساڪائتي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي گهر گهر مان چرخو لڌو ويو آهي. اڳتي هلي هردور ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آڏاڻن جو ثبوت ملي ٿو. ڪلهوڙن جي زماني ۾ ٺٽو ۽ ٻيا شهر ڪپڙي سازيءَ جي فن ۾ ناميارا هيا. سنڌ هن فن کي قديم زماني کان جاري رکندي اچي. اڄ بہ هٿ لونگيون، کيس، گربي، سوسي، مونڙو، کٿا، گيگم، فراسيون، کرڙيون، جاجم، گلم، غاليچا، توبرا ۽ نود اڻيا ويندا آهن. ٺٽو لونگي اڻڻ ۾، نصرپور ۽ گنبٽ کيسن اڻڻ ۾، ننگرپارڪر ۽ ڇاڇروکٿن ٺاهڻ ۾، هالا گربي، سوسي ۽ مونڙو اڻڻ ۾، کپرو، کورواهہ، بوبڪ، مٺي، حيدرآباد ۽ ڪوهستان گلمن، غاليچن، فراسين ۽ کرڙين وغيره ٺاهڻ ۾ مشهور آهن.

ڪاشيءَ جي ڪم جو رواج بہ موهن جي دڙي واريءَ تهذيب واري دور کان هلندو اچي. هن ڏس ۾ جان مارشل کان سواءِ مارٽمر وهيلر "انڊس سولائيزيشن" ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ موهن جي دڙي مان لڌل ڪاشيءَ جي برتنن تي هلڪي سليٽي رنگ تي گهري Purple رنگ جو تہ چڙهيل آهي. آويءَ ۾ وجهڻ کان اڳ، برتنن تي ٿڌيءَ سان ڪاشيءَ جو مصالحو هڻايو ويندو هو، انهيءَ لاءِ تہ سڏيون ۽ لهريدار ليڪون ٺهن تہ جيئن انهن تي سونهن پيدا ڪندڙ ڊزائين ٺهي پوي. بهرحال ڪمانگر اڄ بہ پنهنجي ڪم ۾ مشهور آهن. اڄ بہ هالا، سيوهڻ ۽ نصرپور ۾ سرون، صراحيون، دکيون، پاٽيون، نيلون، ماٽيون، ڪونڊا، پيالا، منجا، ڏاکون ۽ راندڪا ٺاهيا وڃن ٿا، جي پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا جي ڪري سينگار جي سامان طور رکيا ويندا آهن.

ڪاشيءَ جي سامان کان سواءِ جنڊيءَ جا سامان بہ سنڌ جي سوکڙيءَ طور ڏنا آهن. هالا، کاڏوٽ ۽ ڪشمور هن سامان جي ڪري مشهور آهن.

سنڌ ۾ مردن توڙي زالن جو لباس بہ اڄڪلهہ ملڪي توڙي غيرملڪين

جون اوطاقون. مطلب ته اهي منظر اسان جي ثقافت جي نمائندگي ڪندڙ آهن. انهن کي محفوظ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن انهن منظرن کي هينئر تصويرن ذريعي رنگين سلائيڊن ذريعي محفوظ نه ڪيو ويو ته اسان وڏي غلطي ڪنداسين. دنيا تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي، انهيءَ ترقيءَ جو اثر سنڌ تي به ٿيندو رهيو آهي. اڄ ٽرانسسٽر، بجليءَ ۽ پڪين سڙڪن اسان جي روزانه زندگيءَ ۾ انقلابي تبديليون آنديون آهن. ٻراج ۽ واهن اسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ اقتصادي حالت ۾ وڏو ڦيرو آندو آهي. اڄ فجر جو لاچار ڪنهن گهر مان جنڊ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. اناج جي چڪين جنڊ جي استعمال کي موڪل ڏيئي ڇڏي آهي. اڄ مائرن کي ڪوڏاٽا ڏيڻ نٿا اچن. مائرن کي لولي ڏيڻ وسرندي وڃي. اڄ ڇيج ۽ جهمر جو رواج گهٽبو وڃي. اڄ شادين تي دهل ۽ شرناءِ جي بدران بئنڊ گهرائڻ جو رواج شروع ٿي ويو آهي.

هي ئي وقت آهي، جنهن ۾ اسين پنهنجي روايتي زندگيءَ جي طور طريقي کي ۽ سنڌي ثقافت کي بچائي سگهون ٿا. خالي سنڌي ٽوپي پائي هاڻ يا اجرڪ ڪلهي تي رکڻ سان سنڌي ثقافت جو تحفظ ٿي نه سگهندو. اسان کي پنهنجي ورثي کي سنڀالڻ لاءِ ان کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ميوزيم ۽ آرٽ گئلرين جي ڏاهڻ جي ضرورت آهي. انهن ۾ تصويرن ذريعي، ماڊل سنڌي ثقافت جي مختلف پهلوئن جي نمائش ڪرڻي آهي.

اچو ته پنهنجي ورثي کي سنڀاليون، اچو ته پنهنجي ثقافت کي محفوظ ڪريون، اچو ته پنهنجي ثقافت جي خوبين کي ڏورانهن ملڪن سان روشناس ڪريون.



# "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

[نوٽ: سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي، سنڌ جي مسلمانن ۾ تعليمي، ادبي ۽ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ ۾ نهايت بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. ڪيترين ئي اهم شخصيتن جهڙوڪ قائد اعظم محمد علي جناح، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ ٻين مشاهيرن هن تاريخي مدرسي مان تعليم پرائي ملڪ ۽ قوم جي وڏي خدمت ڪئي. مدرسي کي قائم ٿئي هڪ سئو سال گذري چڪا آهن، ۽ ١- سيپٽمبر ١٩٨٥ع تي ان جو سئو ساله جشن ملهايو پيو وڃي. ان موقعي تي هي مضمون پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ۽ ان جي باني خانبهادر حسن علي افندي جو تعارف ڏنل آهي. ان کان سواءِ مدرسي متعلق هڪ اهم ۽ تاريخي دستاويز به ڏنو پيو وڃي، جيڪو ١٨٩٧ع جو مدرسي بابت اشتهار آهي. هن ناياب اشتهار ۾ مدرسي جو مڪمل ۽ مفصل تعارف آيل آهي. هي پهريون ڀيرو آهي، جو هي اهم اشتهار منظر عام تي اچي رهيو آهي. اڳ ۾ ڪنهن به محقق پنهنجي تحقيقي مقالي يا ڪتاب ۾ ان جو ذڪر نه ڪيو آهي. مون ان مواد کي سالن کان ساهه سان سانديو آهي، ۽ هي مناسب موقعو سمجهي، ان کي شايع ڪري رهيو آهيان. ـــ م. ع. س.]

### خانبهادر حسن علي آفندي

سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو باني خانبهادر حسن علي آفندي مرحوم ١٨٣٠ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس والد بزرگوار جو نالو ميان محمد احسان هو. هو حيدرآباد جي "آخوند" خاندان مان هو، جنهن جو وڏو آخوند محمد بقا ولد لعل محمد، مير فتح علي خان جي زماني ۾ حيدرآباد شهر جو قاضي هو. "آخوند" انهن کي سڏيو ويندو هو، جيڪي ٻارن کي پڙهائيندا هئا. مرزا قليچ بيگ مرحوم لکيو آهي ته انهن مان گهڻا ميمڻ آهن (١).

حسن علي آفندي مرحوم ان وقت جي دستور موجب قرآن شريف پڙهيو ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پهريائين پنڊرهن - ويهن

(١) مرزا قليچ بيگ: سوانح حيات خانبهادر حسن علي آفندي، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٨.

روپين تي ”جهرڪ“ ڳوٺ جي ويجهو، راڄي نظاماڻي ڳوٺ وٽ درياءَ جي پتڻ تي ”ڊاڪ منشي“ مقرر ٿيو. ان وقت درياءَ جي مختلف پتڻن تي ڪاٺيون گڏ ڪري، ٻيڙين رستي جدا جدا شهرن ڏانهن موڪليون وينديون هيون. انهن ڪاٺين کي ”ڊاڪ“ سڏيو ويندو هو. جلد ئي نوشهروفيروز جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ويهن-پنجويهن روپين پگهار تي منشي مقرر ٿيو. اتي جي ڪلارڪ کان واندڪائيءَ واري وقت ۾ انگريزي سکيائين. جلد ئي انگريزي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جهڙو ٿيو. انهن ڏينهن ريلوي ڪانه هئي، ۽ سکر ۽ ڪوٽڙيءَ جي وچ ۾ ”انڊس فلاٽيلا“ نالي جهاز هلندو هو. ميان مرحوم کي ڪجهه وڌيڪ پگهار سان ان جهاز جي ڪوٽڙيءَ واري آفيس ۾ ڪلارڪي ملي ويئي. اتي هن پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن سبب چڱو نالو ڪڍيو، ۽ انگريزيءَ ۾ به وڌيڪ مهارت حاصل ڪيائين. سندس لياقت ۽ محنت کي ڏسي، ڪراچيءَ جو جج مسٽر ملڻ ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيو، ۽ کيس ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڪراچي جو سرشتيدار ۽ ترجمان مقرر ڪيائين.

ڪورٽن ۾ هن وڪيلن جي ڪارڪردگي ڏٺي، ۽ قانوني موشگافيون ٻڌيون. ان مان گهڻو ڪجهه پرايائين، ۽ محنت ڪري انگريزيءَ ۾ به گهڻي مهارت حاصل ڪيائين. قانون ۾ ايتري قدر ته ڄاڻ حاصل ڪيائين، جو مسٽر ملڻ، امتحان پاس ڪرڻ کان سواءِ کيس وڪالت جي سند ڏني، ۽ هو حيدرآباد ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ مسلمان وڪيل اصل ڪونه هوندا هئا، ۽ جوابدار اڪثر مسلمان هوندا هئا، انهيءَ ڪري حسن علي مرحوم کي تمام گهڻا ڪيس ملڻ لڳا. هن به ڪيسن تي خوب محنت ڪري، وڪالت ۾ چڱو نالو ڪڍيو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو سرڪاري وڪيل يا پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ گورنمينٽ پليڊر مقرر ڪيو ويو. آخر ڪراچيءَ ۾ اچي رهڻ لڳو، ۽ اتي پنهنجي آفيس قائم ڪيائين. انهيءَ عهدي تي ۱۳-۱۴ سال ڪم ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ ڪيترائي جج آيا، جن سڀني کيس سٺا سرٽيفڪيٽ ڏنا، ۽ سندس هوشياريءَ جي تعريف ڪئي. مسٽر مئڪفرسن، جڊيشنل ڪمشنر، کيس سمال ڪاز ڪورٽ جي جج جي آڇ ڪئي، پر هن اها قبول نه ڪئي.

وڪالت ۾ هن چڱو ناڻو ڪمايو، ۽ مئڪلوڊ روڊ تي بنگلو ٺهرائي، خوشحال زندگي گذارڻ لڳو. پنهنجي خوش اخلاقيءَ سبب معاشري ۾ به پاڻ کي ڏاڍو مقبول بڻايائين، جنهن ڪري عام توڙي خاص کيس عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ مسلمان، جديد تعليم ۾ ڏاڍو پوئتي پيل هئا. کيس مسلمانن جي ترقي ۽ واڌاري جو سدائين اونو رهندو هو. هن جو خيال هو، ته مسلمان پڙهي پون، ته جيئن ٻين قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، زماني جي حالتن موجب زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ حصو وٺي سگهن. اهو مقصد سامهون رکي، هن مسٽر ڏيارام جيٺمل سان گڏجي ”سنڌ سڀا“ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، پر هن محسوس ڪيو ته ان مان مسلمانن کي خاصو فائدو نه ٿو ملي.

اتفاق اهڙو ٿيو جو انهن ڏينهن ۾ ڪلڪتي جي ”محمدن ائسوسيئيشن“ جو باني، مشهور اهل قلم ۽ بيرسٽر امير علي ڪيس جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيو، ان جي صلاح سان حسن علي مرحوم ڪوشش وٺي ڪراچي ۾ ”محمدن ائسوسيئيشن“ قائم ڪئي. پهريائين اهو ادارو ڪراچيءَ واري انجمن جي شاخ هئي، پر جلد ئي پوءِ خود مختيار اداري جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. حسن علي آفندي مرحوم ان جو صدر ٿيو، ۽ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن جا مک ماڻهو ان جا ميمبر ٿيا. ڪراچيءَ کان سواءِ حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ به ان جون شاخون قائم ڪيون ويون. انهيءَ انجمن سنڌ جي مسلمانن جا اهنج دور ڪرڻ ۽ مسلمانن جي تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري جي سلسلي ۾ تمام گهڻي ڪوشش ورتي. سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽ ائڪٽ، انهيءَ انجمن جي ڪوشش سان جاري ٿيو.

حسن علي آفندي مرحوم محسوس ڪيو، ته مسلمانن جي تعليم جي حصول لاءِ هڪ جدا اسڪول جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ديني تعليم جو به معقول بندوبست هجي. ان سان گڏ بورڊنگ به هجي، جتي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا شاگرد اچي رهن. انهيءَ رٿ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪيائين. سڄي سنڌ گهمي چندا گڏ ڪيائين، ۽ سڀني ميونسپالٽين ۽ لوڪلبوردن کان به رقمون ڇڏايائين. نه فقط ايترو پر ان ڪم لاءِ هندستان جي ٻين شهرن جهڙوڪ: بمبئي، ڪلڪتي، مدراس، حيدرآباد دکن جا دورا به ڪيائين. مخالف ڌر سندس ڪم ۾ اٽڪاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن هر ڳالهه، کي مڙس ٿي منهن ڏنو. آخر سندس ڪوشش رنگ لاتو، ۽ ١٨٨٥ع ۾ بولٽن مارڪيٽ جي سامهون ”سنڌ مدرسة الاسلام“ جاري ٿيو. ان جو پهريون پرنسپال مولوي عمرالدين مقرر ٿيو، جو پنجاب کان آيل هو. ان کان پوءِ حسن علي آفندي جو فرزند ولي محمد ١٨٨٧ع کان ١٨٩٧ع تائين پرنسپال رهيو. هو ان کان اڳ ۾ شڪارپور هاءِ اسڪول جو پرنسپال هو.

سال ١٨٨١ع ۾ حسن علي آفندي مرحوم ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ڪائونسلر ٿيو. سال ١٨٩١ع ۾ سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن پاران بمبئيءَ جي گورنر جي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. انهن عهدن تي رهي به هن تعريف جوڳا ڪم ڪيا. اهو ڏسي سرڪار به سندس عزت ڪرڻ لڳي. سندس حسن خدمتيءَ سبب سال ١٨٨٨ع ۾ کيس سرڪار ”خانبهادر“ جو خطاب ڏنو.

سال ١٨٧٥ع ۾ روس، بين الاقوامي معاهدن جي خلاف ورزي ڪندي، ترڪيءَ سان جنگ جوٽي. ترڪن جي زخمي سپاهين جي مدد لاءِ حسن علي مرحوم چندو گڏ ڪري اوڏانهن موڪليو، انهيءَ ڪري ترڪي سلطان طرفان کيس ”مجيدي“ تمغو ۽ ”آفندي“ جو خطاب مليو. ان سان گڏ کيس ڪراچي ۾ ترڪي حڪومت جو سفير مقرر ڪيو ويو.

سن ١٨٩٥ع ۾ سنڌ جي هن عظيم سپوت وفات ڪئي. کيس سندس وصيت موجب ٢٤- آگسٽ تي حيدرآباد ۾ سندس باغ ۾ دفنايو ويو. سندس وفات تي

ڪيترن ئي شاعرن شعر لکيا. مرزا قليچ بيگ مرحوم سندس وفات جي تاريخ هن طرح منظوم ڪئي آهي:

خوش گفت ڪه "شد بهار آخر" ــ هم گفت ڪه "رحمت خداوند".

١٣١٣ھ ١٣١٣ھ

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سندس وفات جي تااريخ هن طرح لکي آهي:

چون ز هاتف سنش بپرسيدم ــ گفت: "نيڪ زمان بجنت رفت"

١٣١٣ھ

اهڙا انسان مرندا نه آهن، پر هو پنهنجي ڪارنامن سبب سدائين زنده آهن. الله تعاليٰ جون مٿس رحمتون هجن. آمين

## سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي

سنڌ تي تمام گهڻي وقت کان مسلمان حڪومت ڪندا ٿي آيا، تان جو سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. انگريزن، درپرده اهڙي پاليسي اختيار ڪئي ته مسلمانن کي هرشعبي ۾ نظرانداز ڪيو وڃي. تعليمي پاليسيءَ ۾ به هنن اها ڳالهه قائم رکي، ته جديد تعليم ۾ مسلمانن کي پوئتي رکيو وڃي. مسلمانن کي جيئن ته انگريزن کان نفرت هئي، انهيءَ ڪري هنن جديد تعليم ڏانهن توجه ڪونه ڏنو. هندن حالات مان پورو فائدو حاصل ڪيو، ۽ جديد تعليم ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪرڻ لڳا.

مسلمانن جو اهو حال ڏسي، سن ١٨٨٢ع ۾ سيد اميرعلي ڪلڪتي ۾ نيشنل محمدن انسوسيئيشن قائم ڪئي. انسوسيئيشن جي قيام جو مقصد هو، مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪوشش وٺڻ. سن ١٨٨٤ع ۾ سيد اميرعلي هڪ مقدمي جي پيرويءَ جي سلسلي ۾ سنڌ ۾ آيو. ڪراچيءَ جي مسلمانن سندس اعزاز ۾ هڪ جلسو منعقد ڪيو، جنهن ۾ هنن ظاهر ڪيو ته سنڌي مسلمان جديد تعليم ۾ گهڻو پوئتي آهن، هنن اهو به ٻڌايو ته ان سلسلي ۾ هو ڪجهه ڪرڻ گهرن ٿا. سيد اميرعلي سندن همت افزائي ڪئي، ۽ کين مشورو ڏنو ته هو سنڌ ۾ نيشنل محمدن انسوسيئيشن ڪلڪته جي شاخ قائم ڪن، جنهن جي ذريعي مسلمانن لاءِ جديد تعليم جو بندوبست ڪن.

خانبهادر حسن علي آفندي، جو اصل ۾ ذات جو ميمڻ هو، ڪراچيءَ جو هڪ مشهور وڪيل هو. هن کي سدائين مسلمانن جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو فڪر رهندو هو. هن محسوس ڪيو ته جيستائين مسلمانن لاءِ جديد تعليم حاصل ڪرڻ جو جدا ادارو نه هوندو، تيستائين کين تعليم پرائڻ جا موقعا ملي نه سگهندا. سيد اميرعلي جي مشوري کان پوءِ هن انهيءَ سال ڪوشش وٺي ڪراچيءَ ۾ نيشنل محمدن انسوسيئيشن جي شاخ قائم ڪئي. ان جو بنيادي مقصد هو مسلمانن لاءِ هڪ مرڪزي اقامتي درسگاهه قائم ڪرڻ. حسن علي افندي مرحوم جي قيادت ۾ مدرسي لاءِ هڪ بورڊ قائم ڪيو ويو.

حسن علي آفندي مرحوم وڏي جدوجهد کان پوءِ مدرسي هلائڻ لاءِ پئسو جمع ڪيو. آخر سندس ڪوششون ڪامياب ٿيون، ۽ پهرين سيپٽمبر ١٨٨٥ع تي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جو قيام عمل ۾ آيو. هي مدرسو اڪيلي هلي سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي بيداريءَ جو سنگ بنياد ثابت ٿيو.

هي مدرسو پهريائين بولٽن مارڪيٽ جي سامهون هڪ ڪرايه جي عمارت ۾ قائم ڪيو ويو. اها جڳهه مدرسي لاءِ ناموزون هئي، انهيءَ ڪري شاگردن کي ڏاڍي تڪليف هوندي هئي. حسن علي مرحوم ڪوشش ورتي، ميونسپل بورڊ کان ٧٥ رپيا ماهوار ڪرايه تي اها سراءِ حاصل ڪئي، جيڪا ريلوي قائم ٿيڻ کان پوءِ بيڪار پئي هئي. ان کان پوءِ شاگردن جي تعداد ۾ اضافو ٿيو، ته سراءِ جي سامهون هڪ ٻه منزلي عمارت ڪرايه تي حاصل ڪئي وئي.

سراءِ جي پرسان ميدان هو، جنهن ۾ قديم زماني ۾ قافلا اچي ترسندا هئا. ريلوي قائم ٿيڻ کان پوءِ اهو بيڪار پيو هو. حسن علي آفندي مرحوم اهو پلاٽ حاصل ڪري، مدرسي جي عمارت جي تعمير شروع ڪئي. سن ١٨٩٠ع تائين مدرسي جي عاليشان عمارت، شاندار هاسٽل ۽ ٻه مسجدون نهي تيار ٿي ويون.

سنڌ ۾ انهيءَ مقصد کي وسيع بنائڻ لاءِ آفندي مرحوم جي ڪوشش سان ڪراچيءَ کان سواءِ لاڙڪاڻي، سکر ۽ شهدادپور ۾ نيشنل محمڊن ائسوسيئيشن جون شاخون قائم ڪيون ويون. انهن جي ماتحت سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جي نموني تي جديد تعليم لاءِ مدرسا قائم ڪيا ويا. انهن مدرسن ۾ پهريائين فقط مڊل تائين تعليم هوندي هئي، انهيءَ ڪري اتان جا شاگرد به مئٽرڪ اچي سنڌ مدرسي ۾ پڙهندا هئا. اهڙيءَ طرح هن مدرسي سنڌ ۾ جديد تعليم ڦهلائڻ لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

سرسيد احمد خان به اهڙي مقصد لاءِ عليگڑهه ۾ هڪ درسگاه قائم ڪيو هو. حسن علي افندي مرحوم کي، سنڌ مدرسي کي بهتر بنائڻ جو هميشه اونو رهندو هو. هن سرسيد احمد جي تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ به ضروري سمجهيو، انهيءَ ڪري هو سن ١٨٨٨ع ۾ عليگڑهه ويو، ۽ ڪجهه وقت اتي رهي، حالتن جو جائزو وٺي آيو. ان کان پوءِ هُن مدرسي جي انتظام کي بهتر بنائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو. سندس فرزند ميان ولي محمد به تعليم کاتي سان وابسته هو. هُو پهريائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور جو هيڊ ماستر هو، جتي هو ٧- اپريل ١٨٨٧ع کان ٣- آگسٽ ١٨٨٧ع تائين رهيو. پر پوءِ سنڌ مدرسي جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ سرڪاري نوڪري ڇڏي اچي مدرسي جو پرنسپال ٿيو. ڏهه سال مدرسي جو پرنسپال ٿي رهيو، ۽ مدرسي جي واڌاري لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙيائين، ۽ سنڌ جي مسلمانن ۾ انگريزي تعليم پرائڻ جو شوق پيدا ڪرڻ واريءَ تحريڪ کي اڳتي وڌايائين. ان جي ڏينهن ۾ مدرسي وڏي ترقي ڪئي.

مسٽر پرسي هائيڊ بي. اي. (بيليل ڪاليج آڪسفورڊ) پرنسيپال
مسٽر ڊي. بي. ڪونوال بي اي، ايل ايل بي (بمبئي) وائيس پرنسيپال
مسٽر حميدالدين بي. اي (علي ڳڙه ڪاليج) فرسٽ اسسٽنٽ ۽ عربڪ ٽيچر
مسٽر محمد هاشم تيجاڻي — ٻيو اسسٽنٽ
مسٽر پرشوتم اسرسي — ٽيو اسسٽنٽ
مسٽر ڪي. علي محمد — چوٿون اسسٽنٽ
مسٽر عبدالحق — پنجون اسسٽنٽ
مسٽر محمد پير محمد — ڇهون اسسٽنٽ
مسٽر دلاور علي — ستون اسسٽنٽ
فارسي پاڙهيندڙ مولوي الهه بخش محمد شاهه.

ورنيڪيولر شاخ ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، يعني سنڌي، اردو ۽ گجراتي. انهن ڀاڱن ۾ بمبئي سرڪار جي منظور ٿيل ورنيڪيولر درجن جي چوٿين درجي تائين ڇوڪرن کي تعليم ملندي آهي.

ورنيڪيولر جي چوٿين درجي جي پاس ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪرا انگريزي پهرئين درجي ۾ داخل ٿيندا آهن. ورنيڪيولر شاخ جا پاڙهيندڙ هيٺيان آهن:

## سنڌي

مسٽر احمد مراد — هيڊ ماستر
مسٽر عبدالحق — پهريون نائب
مسٽر عبدالله — ٻيو نائب
مسٽر عبدالرزاق — ٽيو نائب
مسٽر عبدالمجيد — چوٿون نائب

## گجراتي

مسٽر لالجي — هيڊ ماستر
مسٽر ايچ فقير محمد — پهريون نائب
مسٽر هيرجي — ٻيو نائب
مسٽر ڪليانجي — ٽيو نائب
مسٽر وسرام — چوٿون نائب

بورڊر، جي وڏيون فيئون ڏين ٿا، تن کي کاڌو ۽ سامان وڌيڪ چڱي قسم جو ملي ٿو. مٿين فيئن ۾ کاڌي، رهڻ، روشنائي، نوڪرن ۽ ڌوٻارڻي وغيره جو خرچ اچي وڃي ٿو، پر سڀڪنهن بورڊر کي ڪپڙا ۽ بسترا، پنهنجا پاڻ موجود ڪرڻ گهرجن ۽ ڪتاب به پنهنجا پاڻهين وٺندا، جن جي قيمت هڪڙي روپئي کان زياده نه ٿيندي. انهيءَ بورڊنگ هائوس ۾ فري بورڊرن جو مقرر ڪيل تعداد يعني سنڌ ڪاتي جي هرهڪ تعلقي مان هڪڙو ڇڙو ٿئي، اهو ٽين درجي جو بورڊر ٿيندو. فري بورڊريءَ لاءِ درخواستون، جنهن ڊويزن ۾ درخواست ڪندڙ رهندو هجي. تنهن ڊويزن جي اسسٽنٽ ڪليڪٽر صاحب بهادر جي معرفت پرنسپال ڏي موڪلڻ کپن. انهيءَ بورڊنگ هائوس ۾ هڪڙو مولوي رهي ٿو، جو ڏينهن ۾ پنج دفعا نماز پڙهائيندو آهي ۽ نماز پڙهڻ وقت سڀڪنهن بورڊر جو حاضر هئڻ فرضي آهي.

بورڊرن جي احتياجن جي پوراڻي بورڊنگ هائوس جو سپرنٽينڊنٽ مسٽر نورالدين ڪندو آهي ۽ پرنسپال به، جوڪ بورڊنگ هائوس جو سڀڪو ڀاڱو روز ڏسندو آهي ۽ هيءَ به نظر ڪندو آهي ته بورڊرن کي برابر کاڌو ملي ٿو ۽ پوري خاطرداري ٿئي ٿي. مسٽر حميدالدين، جو بورڊنگ هائوس ۾ رهندو آهي ۽ مسٽر لوڌي، اهي ٻئي ڇوڪرن جي نگهبانيءَ ۾ مدد ڪن ٿا. بيماريءَ جي حالت ۾ بورڊرن کي دوا دارو ڊاڪٽر جي. ايف. مرزا، جو مدرسه بورڊ جو هڪڙو ميمبر آهي، سو ڪندو آهي ۽ جنهن جون فهمائشون سپرنٽينڊنٽ خبرداريءَ سان بجا آڻيندو آهي.

پرنسپال سڀڪنهن ڇوڪر وٽ روز ويندو آهي ۽ ڏسندو آهي ته ڊاڪٽر جي حڪمن جي پوريءَ طرح بجا آوري ٿئي ٿي يا نه.

سڀڪنهن بورڊر کي هڪڙي ڪوٺي ملي ٿي، جنهن ۾ هو پڙهندو ۽ سمهندو آهي، پر سڀني وقتن جا کاڄ سپرنٽينڊنٽ جي حاضريءَ ۾ سڀئي هڪ هنڌ گڏ کائيندا آهن، جو ڏسندو آهي ته طعام پوريءَ خاصيت جو آهي ۽ ڇوڪرن جي هلت چلت پوري آهي يا نه.

آچر جي ڏينهن مدرسو بند رهندو آهي ۽ جمعي جي ڏينهن ٻارهين لڳي جمعي جي نماز پڙهڻ لاءِ موڪل ملندي آهي، يعني مدرسو اڌ ڏينهن بند رهندو آهي. هڪڙي نه ٻيءَ خميس جي ڏينهن اڌ ڏينهن راند ڪرڻ لاءِ انگريزي شاخ کي ۽ ڏيهي زبان جي شاخن کي واري سان موڪل ملندي آهي.

مدرسو سياري جي تعطيل ۾ بند ٿيندو ۽ جنوري سن ١٨٩٨ع جي ١٧ تاريخ وري کلندو ۽ مئي جي پڇاڙيءَ سوڌو پڙهائي ٿيندي. وري ٽيهن ڏينهن جي تعطيل ٿيندي ۽ وري پڙهائي شروع ٿي ڊسمبر جي پڇاڙيءَ سوڌو هلندي.

مدرسي ۾ داخل ٿيڻ جي درخواست پرنسپال کي يا اسسٽنٽ سيڪريٽري مسٽر لوڊي کي ڪئي وڃي.

پرسي هائيڊ
پرنسپال مدرسة الاسلام سنڌ

ڪراچي
٢٩- نومبر ١٨٩٧ع






نوابشاھ ضلعي ۾ ”ڀھر جي ڀڙي“ جي قديم آثارن جي نشاندھيءَ لاءِ
۱۹۸۲ع ۾ نصب ڪيل ڪتبي جو عڪس.

۾ رونما ٿيون، انهن جو ڪارڻ زمين جو زلزلو يا سنڌو درياهه جي وهڪري ۾ تبديلي اچڻ ڪري هئي. ميجر ريورٽي پڻ لکي ٿو ته "ٺٽي وارو حصو ان وقت موجوده صورت ۾ آيو، جڏهن سنڌو درياهه پنهنجو رخ اوڀر کان اولهه طرف ڦيرايو".

هن ڀڙي جي جيئن ته آثار قديمه وارن ڪنهن به قسم جي ڪا کوٽائي ڪانه ڪئي آهي، جنهن مان هوند ڪو تاريخي انومان ڪڍي، ان تي ڪا روشني وجهي سگهجي، انهيءَ ڪري اهڙي ڪابه تاريخي شهادت ڪانه ٿي ملي ته هن ڀڙي جي تهذيب، تاريخ جي ڪهڙي دور سان تعلق رکي ٿي. البت هتان جا مقامي ماڻهو سنڌ ۾ عام مروج روايت موجب هن ڀڙي کي "دلوراءِ جي نگريءَ" ڏانهن منسوب ڪن ٿا، حالانڪ ان ۾ ڪابه صداقت ڪانهي. اسان جڏهن هن ڀڙي جو باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو ته اهو معلوم ٿيو ته هن تباهه ٿيل شهر جي کنڊرن جو تعلق شايد "ٻڌ تهذيب" سان هجي، ڇاڪاڻ ته "ٿل مير رڪن"— ٻڌ تهذيب جو يادگار— "ٻهم جي ڀڙي" کان اٽڪل پندرهن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ تي واقع آهي. ممڪن آهي ته هي ٻئي قديم آثار انهيءَ ساڳئي "ٻڌ کي تهذيب" سان واسطو رکندڙ هجن.

تاريخي لحاظ کان سنڌ ڀرڳٽي تي عيسوي سن کان اٽڪل ٻه هزار ورهيه اڳ ڌارين حملا ڪيا هئا، جنهن جو اثر سنڌ تي تمام گهڻو پيو هو. انهن ڌارين جا حملا مذهبي روپ ۾ هئا، جن جي مذهب ۽ راڄ نيتي ڳالهين جو اثر سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي تمام گهڻو ۽ گهاٽو پيو. انهن سڀ کان وڌيڪ "جين ڌرم" ۽ "ٻڌ ڌرم" جو لاڳاپو ۽ واسطو سنڌ سان ڪافي رهيو هو. تاريخ جي عالمن جو رايو آهي ته عيسوي سن ۴٦۷ يا ۴۷۷ کان اڳ "جين ڌرم" جو ٻانيو وجهندڙ "آچاريہ مهاوير" هندستان جي بهار صوبي جي "وئشالي" نالي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. هن ان دور ۾ برهمڻن جي خلاف مذهبي انقلاب آندو. هن جي انهيءَ مذهبي انقلاب جا مَتا ۽ اصول هئا ته برهمڻي عقيدن جي خلاف جهاد ڪجي ۽ ان سان گڏ عوام جي معاشي حالت ۾ به سڌارو آڻجي. مهاوير جو اصل نالو "ورڌا مانا" هو. هن ۴۲ ورهين جي عمر ۾ "مهاوير" جو لقب اختيار ڪيو. هن "لڇوا" خاندان جي چٽيڪا جي ڀيڻ "ترسيلا" سان شادي ڪئي هئي. "ڊاڪٽر سمٿ" جو قول آهي ته "مهاوير" ۵۲۷ ق. م. وفات ڪئي، مگر "دوارڪا پرشاد شرما" جو چوڻ آهي ته "مهاوير" ۹۰۰ ق. م. کان اڳ ٿي گذريو آهي. سندس نئون پنٿ "جين" اڪثر گهڻي تعداد ۾ گجرات، راجپوتانا ۽ بهار جي علائقن ۾ ڦهليو ۽ سنڌ ۾ به ان جو ڪافي اثر رهيو.

انهيءَ ساڳئي دور ۾ "ٻڌ ڌرم" ڪن ٿورن سالن جي وڇوٽيءَ سان وجود ۾ آيو. "گوتم ٻڌ" ان مذهب جو باني هو. هن پنجيتاليهن ورهين جي عمر ۾ ساري

(ضميمو)

"ڀهہ جي ڀڙي" جي آثارن وٽ نصب ڪيل ڪتبي جو مضمون

## BHIRO BAHAM

### Protected Under Ancient Monuments Preservation Act–1904

Bhiro Baham or Bahum-Jo-Bhiro is situated at a distance of three miles south of Bandhi near Amerji canal. Locally the mound is associated with Dilu Rai and Budhist Stupa known as Thull Mir Rukan which is situated at a distance cf 15–miles south of this mound. (Detailed account of Thull Mir Rukan has been given by this writer on the stone set up at Thull Mir Rukan) but no conclusive evidence for dating or indentifying is available. The very first look on the site also establishes the close similiarity between this mound and Tibba Dilu Rai near Jhol and Brahimabad belonging to this period. The excavation has established that the city had a brick fortification wall running around semi circular bastions at intervals. It was also established that the city remained in prolonged occupation to witness two definite building periods before it was finally destroyed by fire. In solidity and massiveness the fortification of Bhiro Bham can be compared with the defence system of Bhambhore.

Pottery of well fired, medium thickness and light red in colour was also found. In pettery and other finds no marked change occured in the early and late periods and these are all compared with the intermediate Muslim level of Bhambhore dated: 9th and 11th Century. It is located in survey number 42/3, 4, 43, 48/1 ,4 and 44/1, 2, 3 ,4 of Deh 67–Nusrat tapa Dahri Taluka Nawabshah. About 24–00 acres are under the actual mound and about 4–00 acres are under the traces of some ancient habitation. It has been protected under Ancient Monuments preservation Act–1904, vide notification No: F-5-11/61–A & M, dated: 9th November–1961 of the Government of Pakistan. Another mound called Rati Bhiri surrounded on all sides by sand is situated at a distance of 12–miles from Nawabshah near a Regulator of Nusrat canal just on Nawabshah–Bandhi road. The area is full of red pottery frogments and brick wall was found exposed in a part of the mound when Mr. Mujimdar Assistant Superintendent Archeological survey of India visited during 1929–30. The pottery included painted and stamped specimen the designs being impressed on the neck of vessals as at Bahum-jo Daro. Rati Bhiri is situated in block No. 43/3 and 44/2 admeasuring 8–00 acres of Deh 20–Nusrat Taluka Nawabshah.

The curse of God's wrath upon him who would try to destroy this stone.

Dated: 14th January–1983

(MUHAMMAD SIDDIQUE G. MEMON)
Additional District Magistrate,
NAWAB SHAH

# شاهه جي سوانح جا ٻه اهم پهلو

غلام محمد لاکو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جو سدا حيات سرواڻ شاعر آهي. حقيقت ۾ ان قسم جي شاعرن کي ”ٻولين جا ڏاهيندڙ“ [The Makers of Language] سڏيو ويو آهي. بلاشبه شاهه کان اڳ ٿوڙي پوءِ، پيا به ڪافي نالي‌را شاعر ٿي گذريا آهن جن کي پڻ سنڌي ادبي تاريخ ۾ پنهنجي مستقل ۽ جداگانه حيثيت حاصل آهي، تاهم لطيف ٿي اسان جي تهذيبي ۽ ادبي اتهاس ۾، انتهائي مثالي حيثيت ۽ مان مرتبو حاصل آهي. شاهه جو جمن ۽ شاعري ڪرڻ، سنڌي زبان جي مڪمل ٿيڻ [Perfection] جي علامت آهي. شاهه صاحب سنڌي زبان، ادب، سماج ۽ جيوت جو نمائنده اهڃاڻ آهي. حضرت شاهه صاحب جي قدآور شخصيت ئي اڄ متحده سنڌ جي روشن علامت ۽ واحد سهارو آهي!

شاهه صاحب متعلق سندس پنهنجي دور کان ڪري اسان جي زماني تائين، سوين هزارين صفحا لکيا ويا آهن. سندن سوانح ۽ جيوت بابت ڪيئي اديبن ۽ عالمن، پنهنجي پنهنجي ڄاڻ پڌري پئي ڪئي آهي. حقيقت ته هيءَ آهي جو شاهه صاحب ٿي جيترو به ڪم ٿيندو، اهو گهٽ ئي ليکبو. سنڌي، انگريزي، اردو، فارسي ۽ جرمن ٻولين ۾ شارحن ۽ سوانح نگارن شاهه بابت متعدد ڪتاب پڌرا ڪيا آهن. جيتوڻيڪ شاهه صاحب جي مستند سوانح جو ڪم اڃا ٻري آهي، تاهم ان متعلق بنيادي مواد گڏ ڪرڻ جون ڀرپور ڪوششون جاري آهن.

شاهه صاحب بابت لکيل ڪتابن ۽ ٻئي مواد جو اڀياس ڪندي، ڪيئي خيال سامهون آيا آهن ۽ متعدد سوال ذهن ۾ اڀريا آهن. اهڙن مسئلن جو تنقيدي ۽ تحقيقي طرح، تسلي‌بخش جواب ڳولڻ کان سواءِ، اسين پنهنجي هن عظيم شاعر جي مڪمل ۽ ٺوس سوانح حيات لکڻ جهڙا نه ٿينداسين. لطيف جي سوانح پڙهندي، منهنجي ذهن ۾ هونئن ته ڪيئي سوال اڀريا آهن، پر في‌الحال ٻن نقطن جو ذڪر ڪرڻ گهران ٿو.

(۱) ته شاهه صاحب ڪوٽ ’ڀٽي پور‘ هالا حويليءَ ۾ پيدا ٿيو،

(۲) ته شاهه صاحب جي جنم ۽ وفات جا، صحيح صحيح سال، مهينا ۽ تاريخون هجري ۽ عيسوي ڪئلينڊر موجب!

پوءِ خبر نہ آهي تہ شاهہ صاحب جي هن شارح سن ۱۰۹۷ھ ڪٿان آندو؟ ڏسجي ائين ٿو تہ ديوان صاحب ۱۱۶۰ھ موجب حساب ڪري ۱۰۹۷ھ وارو ڪوڙو هنيو آهي، جيڪو اندازي کان وڌيڪ نہ سمجهڻ گهرجي.

## ابتدائي مڪمل سوانح نگارن جي راءِ:

ڏيارام گدو مل تي ڀيجي، ڀٽائي صاحب متعلق، مختصر ۽ سرسري خاڪن لکڻ جو دور پورو ٿيو. ان بعد حضرت شاهہ صاحب بابت مڪمل ڪتابن لکڻ جو زمانو اچي ٿو. هت اسين صرف ٽن عالمن جو مطالعو پيش ڪنداسين، جن سڀ کان اول لطيف جي سوانح تي مڪمل ڪتاب تيار ڪيا.

(الف) مرزا قليچ بيگ مرحوم: جهڙيءَ ريت مير علي شير قانع، شاهہ صاحب جي سوانح نگاريءَ جو بنياد رکيو، ٺيڪ ان ريت مرزا صاحب پهريون ڪتاب لکي تيار ڪيو. بعد ۾ ٻين محققن بہ هن موضوع تي جدا جدا ڪتاب تيار ڪيا. ڏسجي ائين ٿو تہ مرزا صاحب پهريون اهل قلم آهي، جنهن هي پڌايو تہ شاهہ صاحب ۱۴- صفر ۱۱۶۵ھ تي وفات ڪئي، يعني تہ مهينو ۽ سال هن عالم جي محنت سبب پڌرا ٿيا، جن تي ڀٽائي گهوٽ رحلت فرمائي. مرزا صاحب، لطيف جي سوانح اول انگريزي ۽ پوءِ سنڌي زبان ۾ تيار ڪئي. ڀٽائيءَ جي وفات ۽ ڄم جي سالن بابت، هو صاحب، ٻنهي ڪتابن ۾ ڪاني الجهن ۾ ڏسجي ٿو. انگريزي ايڊيشن ۾ سندس راءِ آهي تہ:

> "شاهہ ڀٽائي ۱۱۰۲ھ/۱۶۸۸ع ۾ 'ڀٽي پور' ڳوٺ، تعلقي هالا ۾ ڄائو. پاڻ تاريخ ۱۴- صفر ۱۱۶۵ھ برابر ۱۷۵۱ع تي، ٽيهٺ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين"(۱۲).

ساڳيو عالم، ساڳئي ڪتاب جي سنڌي ايڊيشن ۾ لکي ٿو:

> "شاهہ عبداللطيف سال ۱۱۰۲ھ/۱۶۸۹ع ۾ ڄائو... سندس وفات ۱۱۶۵ھ يعني ۱۷۵۲ع ۾ صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ تي ٿي" (۱۳).

پڙهندڙ ٿورو غور ڪندا تہ هڪڙي مصنف جي راءِ ۾، شاهہ جي طبعي زندگيءَ جي زماني متعلق ڪيڏو نہ چٽو فرق ڏسڻ ۾ ايندو!

(ب) مير عبدالحسين سانگي: مير صاحب هن موضوع تي پنهنجو ڪتاب فارسي زبان ۾ تيار ڪيو. ساڻو دي (ڪمشنر وارو ڪتابڙو) کان پوءِ، هي پهريون

صاحب آهي، جنهن شاهه صاحب جي ڄم ۽ وفات وارن سالن جي، عيسوي ۽ هجري ڪئلينڊر موجب مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب جي متن ۾ سانگي مرحوم، صرف هجري سال ڏيڻ تي اڪتفا ڪئي آهي.

”سندن پيدائش ’ڀٽي پور‘ ۾، جيڪو ’ڪٽياڻ‘ ڳوٺ جي ويجهو آهي، سن ١١٠٢هه ۾ ٿي ۽ وفات ١١٦٥هه [متن ۾ ١٢٠٤هه آهي، جيڪا ڪتابت جي غلطي ڏسجي ٿي] ۾ ٿي“(١٤).

ساڳئي ڪتاب ۾ جيڪي ضميما ڏنل آهن، انهن ۾ ڏاڍي سهڻي نموني ۾، عيسوي ۽ هجري ڪئلينڊر کي پيوست ڪيو ويو آهي.

”ولادت: مڪان قريه ڀٽي پور سنه ١١٠٢هجري مطابق ١٦٩٠ع...“.
”سال رحلت: سنه ١١٦٥هه مطابق ١٧٥١ انگلسيه“(١٥).

سانگي مرحوم جو لطيفي درگاهه ۽ فقيرن سان گهرو لاڳاپو رهيو، تاهم هن صاحب پنهنجي سڄي ڪتاب ۾، ڀٽائي صاحب جي وفات ۽ ڄم جي تاريخن يا مهيني متعلق ڪابه وضاحت نه ڪئي آهي.

(ت) <u>ليلارام وطڻمل</u>: بعد ۾ هڪ عالم ليلارام وطڻمل، شاهه جي سوانح، مذهب ۽ شعر جو شرح، ٻن جلدن ۾، سال ١٨٩٠ع ۾ شايع ڪيو. ڪيس رسالي جو پهريون شارح ۽ لغت نويس سڏيو ويو آهي. سندس راءِ آهي ته:

”جيتريقدر لطيف جي وفات جو تعلق آهي ته ان ۾ شڪ نه هجڻ گهرجي ته اها ١٤- صفر ١١٦٥هه/١٧٥١ع تي ٿي هڪ فارسي قلمي ڪتاب (جيڪو مون ڏٺو آهي)، ۽ مريدن جي چوڻ موجب، شاهه لطيف ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي هئي، ان ڪري شاعر جي ڄم جو امڪاني سال، سن ١١٠٢هه/١٦٨٨ع بيهي ٿو“(١٦).

باوجود ان جي، ته ليلارام هن مسئلي حل ڪرڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي، پر هو صاحب به ڏوس ۽ صحيح نتيجي تي پهچي نه سگهيو. بعد ۾ شاهه جي حياتي ۽ سوانح تي تمام گهڻو مواد ڇپيو آهي، ۽ عالمن گهڻو ڪري مرزا صاحب واري راءِ، جيڪا هن پنهنجي سنڌي ڪتاب ۾ قائم ڪئي، ان کي ئي پٺي ڏهرايو آهي. يعني ته:

”حضرت شاهه صاحب ١١٠٢هه/١٦٨٩ع ۾ ڄائو، ۽ سن ١١٦٥هه/١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين“.

## غلط بياني ۽ الجهاءَ جي ڪيفيت:

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته شاهه عبداللطيف رحه جي سوانح جي هن ٻن اهم نقطن بابت ابتدا کان اڄ ڏينهن تائين الجهاءَ جي هي ڪيفيت ڇو پئي رهي آهي؟ ان لاءِ پهرين اسان جو ڌيان مير علي شير قانع ڏي ڇڪجي ٿو، هن صاحب 'مقالات الشعراءِ' ۽ "تحفة الڪرام" ۾ ايترو ته سرسري احوال ڏنو آهي، جو ان ۾ شاهه صاحب جي سوانح جا ڪجهه بنيادي جزا سامهون نه اچي سگهيا آهن. سندس ٽيون ڪتاب 'معيار سالڪان طريقت' جيئن ته اڻلڀ آهي، ان ڪري خبر نه آهي ته ان ۾ شاهه صاحب جي حياتيءَ بابت ڪيترو مستند ۽ اضافي مواد شامل آهي.

شاهه صاحب جي سوانح جي ضمن ۾ هت اٿاريل ٻن نقطن لاءِ، مير قانع کان پوءِ اسين عيسوي ڪئلينڊر جي عمل دخل کي به ذميدار مڃينداسين. سنڌ جا مانائتا عالم هجري ۽ عيسوي سنن ۾ موجود فرق کي سمجهي نه سگهيا ۽ نه وري هو هنن ٻنهي ڪئلينڊرن ۾ ڪا مطابقت پيدا ڪري سگهيا. اهوئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين اسان جا محقق، شاهه صاحب جي سوانح تي لکندي سندس ڄم ۽ وفات جي سالن جو ذڪر ڪرڻ وقت، الجهن ۽ مونجهاري ۾ ڏسجن ٿا، پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي هجي يا ڊاڪٽر سورلي. هت اسين هڪ چارٽ ذريعي اهڙي فرق ۽ مونجهاري کي چٽو ڪنداسين. [چارٽ، پٺ تي ڏسجي.]

## سوال جو حقيقي ۽ منطقي جواب:

هاڻي سوال آهي ته:

(الف) حضرت شاهه صاحب سن ۱۱۰۲هه ۾ ڄائو، ان وقت عيسوي ڪئلينڊر موجب ڪهڙو سال هو؟

(ب) ڀٽائي صاحب ۱۴ صفر ۱۱۶۵هه تي وفات ڪئي. هن تاريخ تي ڏينهن ڪهڙو هو ۽ عيسوي ڪئلينڊر موجب تاريخ، مهينو ۽ سال ڪهڙا هئا؟

سڀيئي عالم ان ڳالهه تي متفق آهن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سن ۱۱۰۲هه ۾ پيدا ٿيو. محققن جو رايو آهي ته عيسوي ڪئلينڊر موجب اهو سال ۱۶۸۹ عيسوي هو، پر هي حساب غلط آهي. "صحيح عيسوي سال ۱۶۹۰ آهي"، ۽ مذڪوره هجري سال ۾ محققن جي عام راءِ وارو سال (يعني: ۱۶۸۹ع) بلڪل ٺهڪي نٿو اچي.

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ: ڄم جو سال ۽ وفات جي تاريخ

## (الف) ابتدائي ليکڪن جا رايا

| نمبر | ليکڪ جو نالو | تحقيق جو سال | ڄم جو سال | وفات جي تاريخ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | مير علي شير قانع | ١٧٦٠ع | ؟ | ١١٦٥هه |
| ٢ | رچرڊ برٽن | ١٨٥١ع | ١٦٨٠ع | ١١٦١هه |
| ٣ | فريڊر وارو ڪتابڙو | ١٨٥١-١٨٥٨ع | ١١٠٢هه/١٦٩٠ع | ١١٦٥هه/١٧٥١ع |
| ٤ | ڊاڪٽر ٽرمپ | ١٨٦٦ع | ١٦٨٠ع | ١١٦١هه |
| ٥ | ڏيارام گدومل 'سگما' | ١٨٨٢ع | ١٠٩٧هه | ١١٦٠هه |
| ٦ | مرزا قليچ بيگ | ١٨٨٧ع | ١١٠٢هه/١٦٨٨ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥١ع |
| | | ١٨٨٧ع | ١١٠٢هه/١٦٨٩ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥٢ع |
| ٧ | مير عبدالحسين سانگي | ١٨٨٨ع | ١١٠٢هه/١٦٩٠ع | ١١٦٥هه/١٧٥١ع |
| ٨ | ليلارام وطن مل | ١٨٩٠ع | ١١٠٢هه/١٦٨٨ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥١ع |

## (ب) ويهين صديءَ جي ڪجهه عالمن جي تحقيق

| نمبر | عالم جو نالو | تحقيق جو سال | ڄم جو سال | وفات جي تاريخ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ڊاڪٽر گربخشاڻي | ١٩٢٣ع | ١١٠٢هه/٩٠-١٦٨٩ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥١ع |
| ٢ | جيٺمل پرسرام | ١٩٢٤ع | ١٦٨٠-١٦٩٠ع | ١٧٤٧ع |
| ٣ | ڊاڪٽر سورلي | ١٩٤٠ع | ١٦٨٩ع | ١٧٥٢ع |
| ٤ | مولانا دين محمد وفائي | ١٩٥٠ع | ١١٠٢هه/١٦٩٠ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥١ع |
| ٥ | علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | ١٩٥١ع | ١١٠٢هه/١٦٩٠ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥٢ع |
| ٦ | ڪلياڻ آڏواڻي | ١٩٥٨ع | ١٦٨٩ع | ١٤صفر١١٦٥هه/١٧٥٢ع |

## (ت) هن مقالي ۾ ڪيل نتيجو

| ڄم جو سال | | وفات جي تاريخ ۽ ڏينهن | | |
|---|---|---|---|---|
| هجري | عيسوي | هجري ڪئلينڊر موجب | عيسوي سن موجب | ڏينهن |
| ١١٠٢هه | ١٦٩٠ع | ١٤ صفر ١١٦٥هه | ٢٢ ڊسمبر ١٧٥١ع | آچر |

# اورنگزيب مسجد، روهڙي

رشيد ڀٽي

روهڙي وارين ٽڪرين جو سلسلو، ساري دنيا ۾، آڳاٽي پٿر واري دور جي آثارن ڪري مشهور آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي آثار قديم جي ماهرن جي تازي کوجنا پٽاندر، انهن ٽڪرين مان ڪيترن تي سکر ۽ روهڙيءَ جي پسگردائيءَ ۾ هڙاپا عهد جي پٿر جي هٿيارسازيءَ جا ڏڍ پکڙيل نظر آيا آهن. انهن ٽڪرين جي چوٽاين مٿاڇرن تي پٿر جا ڦر ۽ ڦرن جا ڀيتا (Blades & Blade-Cores)، ڀڳل ٽڪل ڦرها، ڇٽڙيون ۽ چاڪو-سازيءَ سان لاڳو ٻيون پيداوارون ججهي تعداد ۾ ٽڙيل پکڙيل اڄ به نگاهجن ٿا.

روهڙي ۽ سکر جي ٽڪرين جون اهي مٿاهيون تاريخ جي ساري وهڪري دوران تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جو مرڪز پڻ رهيون آهن. تاريخ جي وچين دور ۾ به اروڙ، بکر، روهڙي ۽ سکر سنڌ جي تاريخ ۾ اهم جڳهه والاريندا رهيا آهن. سکر ۽ روهڙيءَ ۾ ۽ آسپاس اڄ به ڪيتريون ئي تاريخي جايون ۽ يادگيريون، خاص ڪري مغل دور جون ڏسي سگهجن ٿيون. اڄ هن مضمون ۾ به، اسين هڪ اهڙي ئي تاريخي يادگار جو ذڪر ڪنداسين، جنهن کي ڪافي وقت کان هن سهل تائين، اسان جي تاريخدانن ۽ آثار قديم وارن نظرانداز پڻ ڪيو آهي، ۽ ان کي ڪنهن به ڌيان يا توجهه جي لائق نه سمجهيو آهي - اهو آهي، روهڙيءَ واري اورنگزيب جي مسجد.

روهڙي شهر جي ڏکڻ ۽ روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اوڀر ۾، ريلوي لائين ۽ قومي شاهراهه جي ڀيڪڙ ۾ هڪ نهايت ئي زبون حال مٽيءَ جو وڏو ڪوٽ آهي، جو ڪوٽ يعقوب علي شاهه جي نالي سان مشهور آهي. مٿس نالو، سندس باني مباني مير يعقوب علي شاهه رضوي تان پيو آهي، جو بکر جو چوٽيتاليهون نواب هو، ۽ سنڌ جي هن علائقي مٿان شهنشاهه عالمگير اورنگزيب طرفان حڪمراني ڪندو هو. ان ڪچي ڪوٽ اندر، اڀريل مٿاهين ٽاڪرو ميدان تي هڪ وڏي ۽ شاندار ڪچي عمارت بيٺل آهي، جا ريلوي اسٽيشن توڙي قومي شاهراهه تان لنگهندي، گذرندي، نمايان نظر ايندي آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ ان عمارت کي مير يعقوب واري مسجد يا اورنگزيب مسجد جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي. ٻٽي نالي هئڻ جو سبب اها

حقيقت آهي تہ اها مسجد اورنگزيب عالمگير جي هدايت ۽ ايما تي سندس بکر واري نواب مير يعقوب علي شاهہ تعمير ڪرائي هئي. اها عظيم مسجد ان فتح جي يادگار طور اڏائي وئي هئي، جا پناهہ ۽ سکون جي ڳولائو دارا جي لشڪر تي مغل شهنشاهہ جي لشڪر پاتي هئي ۽ نتيجي ۾ بکر جو قلعو هٿ ڪيو هو.

شهنشاهہ شاهجهان جي پوين ڏينهن ۾، پاڻرن درميان ڪشمڪش ۽ جدوجهد جي وقت بکر جو قلعو داراشڪوه جي قبضي ۾ هو. ساموڳڙهہ واري جنگ ۾ اورنگزيب هٿان هار کائي، دارا پنهنجي حرم ۽ رهيل کُهيل فوج سان بکر طرف موٽ کاڌي ۽ اتي اچي پناهہ ورتي سامت جو ساهہ کنيو. ڪجهہ ڏينهن ساهي پٽي، آرام ڪري پنهنجو حرم، باقي مال خزانو ۽ ڪجهہ فوج بکر جي قلعي ۾ ڇڏي، دارا ايران ڏانهن رواني ٿيڻ لاءِ بلوچستان پهتو. بکر جو بچاءُ دارا پنهنجي وفادار مخنث ملازم خواجہ سرا بسنت، سيد عبدالرزاق شاهہ ۽ نڪولائي منوچي جي سپرد ڪيو، جو هڪ مغربي ڊاڪٽر، مهم جوءِ ۽ توبچي هو. منوچي پنهنجي ڪتاب ”اسٽوريا ڊي مگور“ ۾ بکر جي گهيري جو مفصل ۽ مزيدار احوال ڏنو آهي. ڊاڍر جي واصل جيوڻ خان دارا سان بيوفائي، غداري ۽ ويساهہ گهاتي ڪئي. هن دارا کي گرفتار ڪرائي حراست ۾ دهلي دربار ڏي اماڻيو. خليل خان جي اڳواڻيءَ هيٺ اورنگزيب جو لشڪر ڪاهي بکر آيو ۽ قلعي کي گهيرو ڪري ويٺو. خليل خان خواجہ سرا بسنت کي پيش پوڻ لاءِ پيغام موڪليو، جنهن تي بسنت صبح تائين جواب لاءِ وقت گهريو. رات جو بسنت قلعي مان پراڻا پادر سيڙائي هڪ وڏي توب جو منهن انهن سان پريو. صبح سان توب گهلي پٽ تي آندي وئي، ۽ روهڙيءَ طرف خليل خان جي لشڪر جي پڙاءَ طرف منهن ڪري، توب ڇوڙي وئي. سڄي ڇاوڻي پراڻن ليڙن سان پرجي وئي. ان ڪروڌ ۽ ڪاوڙ ڏيارڻ جي باوجود شهنشاهہ جو لشڪر قلعو هٿ نہ ڪري سگهيو. آخر دارا جي حڪم ۽ هدايت تي سندس وفادارن روئندي قلعو شاهي لشڪر جي حوالي ڪيو.

بکر جي قلعي جي فتح جي ياد ۾، اورنگزيب هڪ شايان شان، نهايت ئي شاندار ۽ عظيم مسجد ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو. سندس بکر واري نواب مير يعقوب علي شاهہ ترت ئي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو، ۽ اها مسجد سن ١٦٧٧ع ۾ ٺهرائي پوري ڪئي. ٺٽي واري ناماري شاهجهاني مسجد کان ٺيڪ پاءُ صدي پوءِ.

علائقي جي هن عظيم ترين مسجد جي مائيدار ۽ وڏي اڏاوت اڄ بہ پنهنجي ٻڪيڙ يا ايراضي ۽ ڪوٽ نما چوديواريءَ ڪري، ڪشش ۽ توجهہ جو مرڪز بنيل آهي. هينري ڪوزنس چواڻي اهي کنڊر هينئر ايترو تہ خستہ حاليءَ کي رسي

## حوالي جا ڪتاب

(١) داستان مغليه: نڪولائي منوچي، اردو ترجمو: سجاد باقر رضوي، نگارشات: لاهور.
(٢) ٺٽا (انگريزي): ايم- ادريس- صديقي: محڪمه آثار قديمه، پاڪستان.
(٣) پٽليولٽڪ سائينس ان دي پلينس آف سنڌ: برجسي آلچن، ڊاڪٽر: ايف- جي- پارسنس لميٽيڊ، لنڊن.
(٤) جنت السنڌ: مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.
(٥) انٽيڪئيٽيز آف سنڌ: هينري ڪوزنس، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي.
(٦) ويسٽ پاڪستان (سنڌ) گزيٽيئر: ايچ- ٽي- سورلي، ويسٽ پاڪستان گورنمينٽ پريس، لاهور.



آهي، جنهن مان معلوم ٿي سگهي ٿو ته ان تي ڇا لکيل هو. البت، شڪارپور جي وڻج واپار واري تاريخ تي تحقيق ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ نوجوان استاد کي شڪارپور مان ڪي اهڙا سڪا به هٿ آيا هئا، جن تي "ضرب شڪارپور" لکيل هو. پر انهن سڪن کي ڏسڻ کان سواءِ نٿو چئي سگهجي ته اهي دائود پوٽن جا جاري ڪيل هئا يا پوءِ جي ڪنهن ٻئي حڪمران طرفان جاري ڪيا ويا هئا.

دائود پوٽن جو اقتدار شڪارپور تان تڏهن ختم ٿيو، جڏهن سنڌ جي ڪلهوڙي حاڪم ميان نور محمد (١١٣٢ هه- ١١٦٧ هه) سنڌ تي حڪومت حاصل ڪرڻ بعد هندستان جي تئين مغل بادشاهه محمد شاهه (١١٢١ هه- ١١٦١ هه) کي راضي ڪري شڪارپور ۽ خانپور جي جاگير جي سند حاصل ڪري دائود پوٽن جي امير مبارڪ کان (١١٣٦ هه مطابق ١٧٢٤ع) ۾ حڪومت کسي ورتي. هن موقعي تي هندستان جي مغل حاڪم محمد شاهه جي خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر ميان نور محمد ڪلهوڙي شڪارپور مان محمد شاهه جي نالي سان چانديءَ جو سڪو ضرب ڪرايو هو، جيڪو هاڻي تازو هٿ آيو آهي. هن سڪي جو وزن اٽڪل ١١-١٢ گرام هوندو، جنهن جي هڪ طرف "بلطف الله محمد" ۽ "شاهه زمان" جا لفظ نظر اچن ٿا، جڏهن ته ٻئي طرف صرف "شڪارپور" جو لفظ پڙهڻ ۾ اچي ٿو.



هن قسم جا ساڳئي وزن جا چانديءَ جا سڪا محمد شاهه، پنهنجي حڪومت جي شروعاتي سالن ۾ سورت، سهرند ۽ ڀڪر جي ضرب خاني مان پڻ جاري ڪيا هئا، جن تي فارسيءَ ۾ بيت هن طرح لکيل هو.

سڪه زد درجهان بلطف الله
بادشاهه زمان محمد شاهه

جنهن جي معنيٰ آهي ته "الله جي مهربانيءَ سان دنيا ۾ وقت جي بادشاهه محمد شاهه سڪو ضرب ڪيو." اهڙن سڪن تي سڪي جي جاري ڪرڻ جو سن ۽ ضرب خاني واري شهر جو نالو پڻ اڪريل هوندو هو، جڏهن ته شڪارپور مان ضرب ٿيل سڪي تي صرف ضرب خاني جو نالو ۽ مٿئين بيت جا ڪجهه لفظ پڙهڻ ۾ اچن ٿا. سڪي تي ڪو به سن نظر نٿو اچي.

عام طرح سان هٿ سان ضرب ڪيل سڪن جي لکيت وارو ٺپو وڏو هوندو هو، پر سڪي ضرب ڪرڻ کان پوءِ ان کي هڪ مقرر ٿيل وزن مطابق ڪٽيو ويندو هو،

## حـوالا


١. مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، (ترجمو: مخدوم اميراحمد) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع.

٢. رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٨ع.

٣. غلام رسول مهر تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور حصو ڇهون (جلد پهريون)، (ترجمو: يارمحمد ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

٤. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جا سڪا، تقرير، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ٢٥-١٢-١٩٧٨ع.

٥. رحيمداد خان مولائي شيدائي، ٽالپرن جي مختصر تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٨٣ع.

٦. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ”شڪارپور، ماضي ۽ حال“، پبليڪيشن ڪاميٽي، جشن شڪارپور، ١٩٨٤ع.

7. Chas J. Rodgers: Catalogue of coins, Part IV, Miscellancous Coins. The Baptist Mission Press, Calcutta-1895.

8. R.B. Whitehead: Catalogue of coins in the Punjab Museum Lahore, The Clarendon Press, Oxford-1934.

9. R.B. Whitehead: Catalogue of Coins in the Lahore Museum Lahore, Vol. II, Coins of the Mughal Emperors, Lahore Museum, Lahore, 01977.

10. R.B. Whitehead: Catalogue of Coins in the Lahore Museum Lahore, Vol. III, Coins of Nadir Shah and the Durani Dynasty, Lahore Museum, Lahore, 1977.

11. Chester L. Krause and Clifard Mishler: Standard Catalogue of World Coins, Krause Publications, Iola Wisconsin, U.S.A.

12 Colin R. Bruce 11; John S. Deyell; Nicholos Rhodes; William F. Spengler: The standard Guide to South Asian Coins and papaer Money, since 1556 A.D., Krause Publications, Wiscansim U S.A 1982.


مٿين ڪتابن کان سواءِ سنڌالاجي ۾ موجود سڪن ۽ ذاتي گڏ ڪيل سڪن جي مشاهدي مان پڻ هن مضمون لاءِ مدد ورتي ويئي آهي.

---

هائيڪو جو ٻيو فارم، جنهن تي نارائڻ شيام، تنوير عباسي، شيخ اياز، هري دلگير، ولي دائود پوٽي، سروپچندر، راشد مورائي، فتاح ملڪ، ميرمحمد پيرزادي، اياز گل، خاڪي جويي، مختيار ملڪ، تاج جويي، وسيم سومري ۽ ٻين اڪثر شاعرن لکيو آهي، سو بيت جي ماترائن موجب آهي، يعني هن ۾ يارنهن، تيرنهن، يارهن (١١×١٣×١١) ماترائن جو سٽاءُ رکيل آهي. سنڌيءَ ۾ هيل تائين لکيل هائيڪن (ٽيڙن) جي اڪثريت هن ٻي فارم تي چئي وئي آهي.

ائين نہ مرندي ڪونج،
جيسين ٻورين روھ ۾،
آن جي ساري گونج!

—

وڏي آسَرَ جنڊُ-
جيجل تو جا ڳائيو،
سارو ساندِيءَ سنڌُ! (شيخ اياز)

—

جرڪيو اهڙيءَ ريت،
اونده ۾ چڻ ڪا ڪنوڻ،
منهنجو روشن گيت! (تنوير عباسي)

—

ٽيڙو رچڻ جو موهن،
چڻ تہ ڪنڍيءَ مينهن جو،
ڦاٽي ٽو پيو اوھ! (امداد حسيني)

—

مٽرڪڻ تنهنجو ايئن،
ڪلڻ ۽ اپاٽڙو،
ڦلا پُٽجن جيئن! (راشد مورائي)

—

ڪوسا ڪوسا چپَ-
هنيانءَ تي چنڊو هڻ،
جڻ تہ پاڻيءَ لپَ. (الطاف عبلمي)

—

جهڙو ڪ:

الا اوء الا!
هنين هيريا ڪينڪي،
ڪهڪهيرين ڪلا! (٥- هائيڪن تي مشتمل نظم)

—

ڏونئرا نہ ڏارن،
اسان مسافر آج ۾،
وس نہ والهارن! (١٣ هائيڪن تي مشتمل نظم)

—

سپني ۾ سارون -
پنهوارن جي پيار جون،
تڙن تنوارون! (١٨ هائيڪن تي مشتمل نظم)

—

واريو نہ واريان،
مٺڙا ميٺ مليرجا،
ساريو ٿي ساريان! (٩ هائيڪن تي مشتمل نظم)

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ سنڌيءَ ۾ هائيڪو لکڻ جا جيڪي انداز ۽ طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، انهن مان هائيڪو جي مزاج ۽ هيئت سان ڪهڙو طريقو پڇي اچي ٿو ۽ مناسب رهندو.

پهريون ٽہ-سٽي وارو فارم، هائيڪو يا ٽيڙوءَ جي صنف لاءِ بلڪل مناسب نہ آهي، ڇو تہ ان ۾ نہ اها لطافت ۽ نفاست رهي ٿي، ۽ نہ ئي وڏين سٽن ۽ وڏن وزنن سان هائيڪو جي اصليت برقرار رکي سگهجي ٿي.

ٻيون فارم (ٻي لفظ+هڪ لفظ+ٻي لفظ) تہ بلڪل غلط آهي، ڇو تہ شاعري لفظي ڪٿپ ڪان وڌيڪ خيال، موسيقيءَ ۽ لئہ تي مدار رکي ٿي. شعرجو ردم قائم رکڻ لاءِ ان کي ڪنهن مقرر فارم ۽ ماترائن جي ورچ سان لکڻ بعد ئي ان جي شعريت قائم رکي سگهجي ٿي.

پيدا ٿي پوندو آهي، جيڪو پڻ واري جي اندر کي ڪنهن خارجي جسم تي اوتيل محسوس ٿيندو آهي، جنهن کي شاعرائي پهچ ۽ احساس جو ادراڪ ٻه چٽي سگهجي ٿو. هن هڪ هنڌ چيو آهي:

هر ڳالهه ۾ منهنجو ذڪر
هر خيال ۾ منهنجو گذر
هر ڪوتا منهنجي نالي
هر سٽ ۾ لکل منهنجو نالو
هر وقت مون ۾ نظر
.....................
پر
هر ڳالهه جنهن ۾
جذبو نه هجي
گهرائي نه هجي
سچائي نه هجي
۽
شامل ماڻهن جو ڏک
هر وقت سمويل هجي
ڇهري تنهنجي تي
مون کي
ناهي
قبول !

هنن چند لفظن مان ائين ٿو ڀاسي ته شاعره جي اندر واري کي خارجي دنيا ۾ ڪنهن ٿيل واقعي جو ادراڪ ته ٿيو آهي، پر سنديس شاعرائي پهچ واري احساس ان ڳالهه جو اظهار ڪرايو آهي ته جنهن ڳالهه ۾ جذبو، سچائي ۽ گهرائي نه هجن سا ڳالهه کوکلي آهي، تنهنڪري ان کي قبول نه ڪرڻ گهرجي: ان مان ڏسجي ٿو ته ٻاهرئين دنيا جي حقيقت سان، اندر واري احساس جو ربط ڪيئن قائم ٿيو آهي.

ان سلسلي کي اڳتي وڌائيندي چوندس ته زال ذات گهڻو ڪري ٻيءَ شاديءَ کي هڪ پيڙا ڪري محسوس ڪندي ۽ ڀوڳيندي آهي. پشپا کي پڻ ڪنهن اهڙي واقعي جو احساس ٿيو آهي، جنهن جو سنديس اندر واري هيئن اظهار ڪيو آهي:

لاڳاپو ساڳئي فن ۽ فڪر جي جدا جدا منزلن سان هوندو آهي ۽ نڪي ڪي هڪڙي فن مان ٻيءِ ٻئي فن جي رهگذر تي گامزن ٿيڻ سان. منهنجي هن چوڻ جو مطلب صرف اهو آهي ته صرف ماحول ۽ وقت جو بدلجڻ تاريخ جي اڳتي وڌڻ جو دليل ڪونهي، جيئن تنوير چيو آهي. خود تنوير غزل ۽ نظم جي دنيا کان هٽي ڪري هائيڪو جي پڙ ۾ پير پاتو، پر ان ۾ ڪري ڪجهه ڪونه سگهيو، جنهن جو اعتراف خود پاڻ ڪيو اٿس. انهيءَ ڳالهه کي مدنظر رکي، اسين ڇا چئون ته سنڌ جي تاريخ اڳتي وڌي يا پوئتي هٽي؟ حقيقت ۾ اهڙين ڪوششن جو واسطو تاريخ جي اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي هٽڻ سان ڪنهن به صورت ۾ ڪونهي.

بهرحال، پشپا جو شاعريءَ جي پرپيچ پيچري تي هي پهريون ۽ ابتدائي قدم آهي، جيڪڏهن هن ان ۾ ڪا ترقي ڪئي ته پوءِ چئبو ته ادبي تاريخ ۾ هن جو اچڻ فڪري ارتقا جو سبب بڻيو، ورنه خلا ۾ اهڙا ڪيئي آواز گم ٿي ويندا آهن. دعا آهي ته شل ائين نه ٿئي، بلڪ سندس ذاتي ۽ ذات، هم آهنگ ٿي ڪري، سنڌي شاعريءَ کي لازوال شيون ڏيئي سگهي.

هن مجموعي جي باري ۾ نصير مرزا به ڪجهه لکيو آهي ۽ پابند شاعريءَ کي ”بوگس“ سڏيو آهي. آءٌ کيس صرف ايترو چوندس ته پابند شاعري ته ٺهيو، پر آزاد شاعريءَ جي سوين بوگس مثالن کي نظر ۾ رکي ته جيئن سندس غلط فهمي دور ٿئي ۽ خوش فهميءَ جو پڻ ازالو ٿي وڃي. آءٌ وڌيڪ ايترو عرض ڪندس ته آزاد شاعريءَ جي اولين محرڪن: جهڙوڪ ن. م. راشد ۽ ٻين کان وٺندي فيض وغيره تائين ڪنهن به انهيءَ شاعريءَ ۾ اڃا تائين ڪا لازوال تحرير پيش ڪانه ڪئي آهي. اهڙي صورت ۾ آزاد شاعريءَ جو ڍنڍورو بي دليل دعويٰ بڻجي رهجي وڃي ٿو.



# سڄڻن جا سنيها

## ("مهراڻ" بابت چند تاثرات)

● محترم عبدالواحد سنڌي (ايڊيٽر نئين زندگي) جڏهن ٻه ملندو هو ته خوش خيرعافيت بعد، نهايت جهيڻي، بلڪ دل ڇپائيندڙ لفظن ۾ چوندو هو: "ادا سائين، نئين زندگيءَ لاءِ ڪو مضمون." نتيجو اهو نڪتو، جو "نئين زندگي" رسالي جو اهو عروجي دور هو. ساڳيءَ طرح "مهراڻ" رسالي جو ايڊيٽر مسٽر ناشاد ٻه جڏهن ملندو آهي، تڏهن نهايت نماڻن ۽ دل لڀائيندڙ لفظن ۾ چوندو آهي: "سائين، مهراڻ لاءِ ڪو مضمون."

ناشاد صاحب جي انهيءَ ادبي آتساهه ڪي ڏسي، ائين چوڻو پوندو ته "مهراڻ" رسالو پنهنجي اصلوڪي معيار تي پهچي چڪو آهي، جنهن لاءِ هُو مبارڪباد جو مستحق آهي.

ـ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو
(لاڙڪاڻو، سنڌ.)

● تحريڪ آزادي نمبر پڙهيو اٿم. اوهان ڏاڍي محنت ڪئي آهي ۽ تمام گهڻو ۽ مفيد مواد هڪ هنڌ گڏ ڪيو اٿوَ. البت نوان لکيل مقالا گهٽ آهن، ان ۾ اوهان جو ڏوهه ڪونهي. اسان وٽ اهڙي قسم جي تحقيقي مقالن لکندڙن جو تعداد تمام ٿورو آهي، انهيءَ ڪري اوهان کي موضوع سان واسطو رکندڙ مضمون هيڏان هُيڏان گڏ ڪرڻا پيا آهن ۽ ڪجهه ترجمو ڪرايا اٿو. بهرحال، اوهان کي مبارڪ هجي، جو وڏيءَ محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ ههڙو معياري نمبر مرتب ڪري، ڇپائي شايع ڪيو اٿوَ.

ـ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
(لاڙڪاڻو، سنڌ)

● رسالي مهراڻ جو "تحريڪ آزادي نمبر" پڙهيم. اڄ تائين جيڪي به "مهراڻ" جا خاص پرچا نڪتا آهن، سي ڪافي معياري ۽ شاندار آهن. "مهراڻ" مسلسل موجن سان سنڌي ادب، تاريخ، ثقافت ۽ تمدن جي جيڪا آبياري ڪئي آهي، سا مثالي ۽ حقيقي آهي. اوهان پنهنجي سابق ڪوششن کي جاري رکندي، جيڪو "تحريڪ آزادي نمبر"

# سنڌي ادبي بورڊ جا نوان
# شايع ڪيل ڪتاب

---

۱. جنگ ناما — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — اوچو ڪاغذ ۶۰-۰۰ رپيا
سادو ڪاغذ ۵۰-۰۰ رپيا

۲. ڪافيون — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — اوچو ڪاغذ ۶۰-۰۰ رپيا
سادو ڪاغذ ۵۰-۰۰ رپيا

۳. جامع سنڌي لغات (ڀاڱو ۴) — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
نظرثاني: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي — ۷۰-۰۰ رپيا

۴. جمال حبيب صلعم — فقير محمد اسماعيل ٺٽوي — ۲۵-۰۰ رپيا

۵. تذڪرهٔ مشاهير سنڌ (ڀاڱو ۲) — مولانا دين محمد وفائي — اوچو ڪاغذ ۴۰-۰۰ رپيا
سادو ڪاغذ ۳۵-۰۰ رپيا

۶. تاريخ معصومي (نئون ڇاپو) — مير محمد معصوم بکري
مترجم: مخدوم امير احمد — ۵۰-۰۰ رپيا

## قريب اشاعت:

۷. سنڌ جون لوڪ آکاڻيون — ڪنڪيڊ
مترجم: خانم خديجه دائود پوٽو — سادو ڪاغذ ۲۰-۰۰ رپيا
اوچو ڪاغذ ۲۵-۰۰ رپيا

۸. جنت السنڌ (ٻيو ڇاپو) — رحيمداد خان مولائي شيدائي — ۷۰-۰۰ رپيا

ملڻ جو هنڌ

**سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال**

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو
(پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ.)
فون نمبر ۷۱۱۷۶

برادرم ڪرم ڊاڪٽر صاحب سلمهٗ

السلام عليڪم ، رنج ته ٿيا هوندؤ پر درويش معذور هو . پر تنهن هوندي به معافي گهران ٿو . پڇ پڇ هن مهل شرمندو آهيان ته جو بيوسيءَ جنجال ۾ ڦاسي پيو جو علمي ادبي شغل ڪٽجي ويو . بهرحال اميد ته اوهان جي هن تاڪيد جو ڏوراپو نه ڪبو . گهڻو ڪري هن هفتي ۾ ڪا ڏهه ڏينهن ٻاهر ٻاهر ڪڍي سگهندس . اڄ به سبب دير جو هيءُ پيو . اڄ مون کي ذرو فرصت پيدا ٿي ڪم ٻيو ڪري موڪليان ٿو . اميد ته خوش ۽ راضي هوندا .

والسلام

فتح محمد

22/11/64

سيوهاڻي

---

سنڌ جي ممتاز اديب ۽ شاعر

**حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جا هٿ اکر**